
تنين کي
تعليم
جي
سرمد کوسو
پيڪاڪ

# تِنين کي تعليم جي

## سرمد کوسو

پيڪاڪ پبلشرز- ڪراچي

ڊجيٽل ايڊيشن

2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ارپنا

مان پنهنجو هي پيار جو پورهيو،
دنيا جي مظلوم ٻارن، شاگردن ۽ نوجوانن
کي ارپيان ٿو.
جيڪي تمام گهڻيون تڪليفون
۽ محروميون ڏسڻ باوجود پنهنجي
روشن مستقبل لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن.
مان سندن حوصلي ۽ محنتن مان پر اميد آهيان.

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”تِنين کي تعليم جي“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب تعليمي نظام، تعليمي سڌارن ۽ تعليمي مسئلن بابت سرمد ڪوسي جي لکيل مختلف مضمونن ۽ ڪالمن جو مجموعو آهي.

سرمد ڪوسي جي مضمونن ۽ ڪالمن کي تعليمي تناظر ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. جيڪڏهن والدين، استاد، شاگرد ۽ تعليمي ادارن سان گڏ تعليمي انتظاميا بہ جوڳو ڌيان ڏئي تہ هوند اسان تعليم ترقي ڪري، سڌريل ملڪن سان وڃي ڪلهو ملائي!. اَنور ابڙو لکي ٿو تہ ” سرمد ڪوسي نہ ھڪ روايتي نوجوان وانگر پيار ۽ محبت جون ڪھاڻيون لکيون آھن، نہ ڪي رومانوي گيت ۽ غزل لکيا آھن، ۽ نہ وري انھن سياسي موضوعن تي لکيو آھي، جن جي ذڪر تي مايوسيءَ جا ڪڪر ذھنن تي اونده پکيڙي ويندا آھن، پر ھن، ننڍي عمر ۾ ئي تعليم جھڙي انتھائي سنجيده موضوع سان گڏ سماجي شعور سان لاڳاپيل انھن موضوعن تي لکيو آھي، جيڪي اجتماعي مفادن وارا آھن، ۽ جن ۾ بيان ڪيل مسئلا جڏھن حل ٿيندا تہ، ’ھيءَ مِٽي مانُ لھندي،‘ ھي ماڻھو مسڪرائيندا، اسان جي ڌرتيءَ جا ساوا ۽ سونا سنگ سدا جھومندا رھندا ۽ ڪنھن بہ پار کي ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳندو“.

هي ڪتاب 2019ع ۾ پيڪاڪ پبلشرز، ڪراچي پاران ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سرمد ڪوسي جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## فهرست


- سنڌ سلامت پاران
- ارپنا
- اداري پاران
- پنهنجي پاران
- هڪ نوجوان جو علم سان عشق


## مادري ٻولي، تعليم ۽ ٻار


- اول ٻار جي نفسيات کي سمجهو، پوءِ ان کي پڙهايو!
- ٻارن کي بنيادي تعليم مادري ٻولي ۾ ڏيڻ گهرجي
- فني تعليم جي اهميت
- اسڪولن ۾ ڪيريئر ڪائونسلنگ جي اهميت
- ايندڙ حڪومت کي تعليم جي بهتري لاءِ ڪجھ گذارشون
- ماحولياتي تعليم جي اهميت ۽ اسان جو مستقبل
- زراعت جي تباهي جا تعليمي عمل تي اثر
- ٻارن ۽ نوجوانن کي وطن سان پيار ڪرڻ سيکارجي
- ٻارن کي پيار ٻ ڏيو ۽ انهن جي عزت ٻ ڪريو!
- احساسن جو موت
- اسان جي نوجوانن کي درپيش ايندڙ مسئلا
- سرڪاري نوڪري کان سواءِ روزگار جا ذريعا
- تعليم اڌ ۾ ڇڏي ويندڙ ٻار
- روڊ حادثن جو شڪار ٿيندڙ معصوم شاگردن بابت سوچيو!


## تعليم ۽ هم نصاب سرگرميون


- ڪاپي ڪلچر جا سبب ۽ ان جي خاتمي لاءِ ڪجھ تجويزون
- سائنس جي دور ۾ سائنس جي تعليم کان پري اسان جا تعليمي ادارا
- رياضي جو سبجيڪٽ شاگردن کي مشڪل ڇو لڳندو آهي؟؟
- تعليم ۾ نصابي ۽ هم نصابي سرگرمين جي اهميت
- تعليم جي ٻيڙي تارڻ بجاءِ ٻوڙڻ واري پاليسي!؟
- يونيورسٽيون، مسئلا صلاحون
- اعليٰ تعليمي ادارا شاگرد دوست ڪڏهن ٿيندا؟
- اسان جي مادرعلمين کي تحقيق تي ٻ ڌيان ڏيڻ گهرجي
- سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٻارت ڪنهن کي ڪجي؟
- خودڪشيون ڪندڙ اسان جو مستقبل


## ٻري جن ٻاري


- اسان کي پنهنجن بهترين استادن کي مان ڏيڻ گهرجي
- "شعور جا بنياد رکندڙ شخص" - خانبهادر مير غلام محمد ٽالپر

# اداري پاران

مادري ٻوليءَ جي اهميت جي باري ۾، ڏکڻ آفريڪا جي آزاديءَ واري اڳواڻ نيلسن منڊيلا چيو آهي تہ ”جيڪڏهن توهان ڪنهن سان اهڙي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو ٿا، جيڪا هو سمجهي ٿو تہ اها ڳالهہ هن جي دماغ ۾ ويندي، پر اوهان ان سان سندس ماءُ ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا تہ اها هن جي دل ۾ ويندي.“ اهوئي سبب آهي تہ عالمي ادارن ٻولين کي ”ڀائيچاري، عالمي اتحاد ۽ ثقافتن جي ميلاپ جو ذريعو قرار ڏنو آهي.“

سندن موقف آهي تہ ٻوليون فطري جذبن جو اظهار آهن، انهن جي قدر ڪرڻ سان قومن وچ ۾ ڀائيچاري ۽ سهپ جا جذبا وڌن ويجهن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. نتيجي ۾ امن واري ماحول کي هٿي ملي ٿي. ادارن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ: ٻولين سان نفرت معنيٰ قومن سان نفرت جي برابر آهي.‘

اسان جي حاڪمن کي اهو ضرور سوچڻ گهرجي تہ قومن جون ٻوليون هزارين سالن جو سفر ڪري پوءِ ئي ڪنهن منزل تي رسن ٿيون. انهن کي سرڪاري نوٽيفڪيشن وسيلي ميساري نٿو سگهجي! نہ ڪي انهن کي ڪن قاعدن ۾ قيد ڪري ٿو سگهجي! ٻوليون ۽ ٻوٽا فطرت جو اظهار آهن، خود قرآن شريف ۾ بہ اهڙو ذڪر آهي تہ ”اوهان کي مختلف قبيلن ۾ ورهايو ويو تہ جيئن اوهان جي الڳ سڃاڻپ ٿئي ٿي!“ ظاهر آهي تہ قرآن شريف جي نازل ٿيڻ کان اڳ عرب ڪيترن ئي قبيلن ۾ ورهايل هئا، جن جون ٻوليون ۽ رسم الخط الڳ الڳ هئا. موجوده عربي جيڪا اسلام ۽ قرآن جي زبان بڻي، اُها سبائي قبيلي جي زبان هئي.

اسان جي نوجوان ليکڪ مانواري سرمد کوسي، سنڌ ۾ تعليم جي نهايت اهم موضوعن/ مسئلن تي لکي نوجوان نسل کي سجاڳي جو سڏ ڏنو آهي.

انهن مان ڪي مکيہ مسئلا هيٺين ريت آهن.

- ٻارن کي بنيادي تعليم مادري ٻولي ۾ ڏيڻ
- ٻار جي نفسيات کي سمجهڻ
- اسڪولن ۾ ڪيريئر ڪائونسلنگ جي اهميت
- ماحولياتي تعليم جي اهميت
- نوجوانن کي درپيش مسئلا
- سرڪاري نوڪري کان سواءِ روزگار جا وسيلا
- ڪاپي ڪلچر جي خاتمي لاءِ ڪوشش
- سائنسي ۽ فني تعليم جي اهميت
- يونيورسٽين کي جديد تعليم ۽ تحقيق طرف توجهہ ڏيڻ گهرجي
- بهترين استادن کي مان ڏيڻ گهرجي......... وغيره

مٿيان موضوع اهڙا آهن، جن کي تعليمي تناظر ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. جيڪڏهن والدين، استاد، شاگرد ۽ تعليمي ادارن سان گڏ تعليمي انتظاميا بہ جوڳو ڌيان ڏئي تہ هوند اسان تعليم ترقي ڪري، سڌريل ملڪن سان وڃي ڪلهو ملائي! ڏنو وڃي تہ اسان جي ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ جي

تعليم نندي ڪند ۾ ممتاز حيثيت رکندڙ هئي. پاٽ ۽ شڪارپور شهرن ۾ تعليمي تناسب 95 سيڪڙو هو ۽ هاڻي جيتوڻيڪ وسيلا به وڌي ويا آهن، مجموعي طور شعوري سطح ۾ به واڌ اچي ويئي آهي، اسڪول به سڌ پنڌ تي موجود آهن. پوءِ به اسان جو تعليمي تناسب پنجاب ۽ خيبرپختون خواهه صوبي کان گهٽ ڇو آهي؟

ٻئي طرف اها به حقيقت آهي ته جنهن قوم جي تعليمي حيثيت گهٽ هوندي، اها قوم زندگي جي هر شعبي ۾ پست هوندي عمل سوچ، ڪردار، قومي ٻڌي وغيره. مطلب ته ان ۾ هر سماجي برائي جو عنصر موجود هوندو. اهوئي سبب آهي ته سماج سڌار انسانن ۽ مستقبل جو فڪر رکندڙ عالمن هميشه تعليم کي اهم پئي ڄاتو آهي. خود اسلام جو فلسفو به ان اصول تي آڌاريل آهي. حضور پاڪ ﷺ کي پهريون حڪم "اقرء" (پڙهو) جو ٿيو.

اڄ جيڪڏهن ادي سرمد کوسي جهڙا سُڄاڻ نوجوان انهن موضوعن تي دل جي گهراين سان لکن ٿا ته يقينن ان جو اثر به ٿيندو، ڇاڪاڻ ته جڏهن نوجوان نسل ڪنهن مقصد هاصل ڪرڻ لاءِ ور ڪجيندو آهي ته هو اوس منزل کي رسندو آهي. اهڙن نوجوانن کي گهرجي ته هو سڄي سنڌ ۾ تعليمي سجاڳي وارو پروگرام کڻي ميدان تي اچن. اميد ته اهڙين ڪوشش جا سٺا نتيجا نڪرندا.

تعليمي سجاڳي لاءِ اسان جو ادارو، تعليم ڪاتي، استادن، شاگردن توڙي نوجوان نسل سان گڏ آهي. اسان جي ڪوشش هوندي ته ان پيغام کي پرپور انداز ۾ سڄي سنڌ اندر ڦهلايون.

**ڊاڪٽر آفتاب ابڙو**
چيئرمين
پيڪاڪ پبلشرس

# پنهنجي پاران

پنهنجي ڪتاب لاءِ مان، اڄ هي ٻه لفظ لکندي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ مان سمجهان ٿو ته منهنجي هي تمام ننڍڙي ڪاوش ڪجهه ماڻهن جي احساسن جي ترجماني ضرور ثابت ٿيندي.
مون، 2004ع کان لکڻ جي شروعات ڪئي جڏهن مان انٽر ڪلاس پاس ڪيو هو. لکڻ لاءِ دل ته ان کان اڳ به چوندي هئي، جڏهن پنهنجي ننڍپڻ ۾ ٻاراڻا رسالا "ارڙڪ مرڙڪ "۽ "ٻارن جي دنيا "پڙهندو هئس. پر خبر ناهي ڇو؟ چاهيندي به مان انهن رسالن ۾ نه لکي سگهيس.
سو 2004 ۾ هڪ ڏينهن منهنجي سئوٽ خالد، مون کي چيو ته ڪاوش اخبار جي هائيڊ پارڪ واري صفحي ۾ مختلف مسئلن تي مواد لکي موڪل. اهو به چيائين ته مان مواد پوسٽ ڪرڻ لاءِ لفافو به وٺي آيو آهيان، تون رڳو لکڻ شروع ڪر. مون به وڏندڙ آدمشماري واري اشو تي مواد لکي ان وقت کيس ڏنو، جيڪو هن ڪاوش وارن کي پوسٽ ڪري ڇڏيو. ان ڳالهه کي چار پنج ڏينهن گذري ويا ۽ مون کي به ڳالهه ذهن تان لهي وئي هئي، ان وقت خالد ئي مون کي ٻڌايو ته مواد ڇپجي ويو آهي ۽ اخبار ڪٽي منهنجي سامهون رکيئين. مان اخبار ۾ پنهنجو لکيل مواد ڏسي ڏاڍو خوش ٿيس ۽ ان کان پوءِ مون ۾ وڌيڪ لکڻ جو جذبو پيدا ٿيو.
ان کان پوءِ جيئن ئي 2005ع ۾ يونيورسٽي ۾ داخلا ملي ته ان وقت مون مختلف سماجي اشوز تي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ تيزي سان لکڻ شروع ڪيو. ان وقت عبرت مئگزين جو ايڊيٽر مرتضيٰ سيال صاحب هو، جنهن سان منهنجي ڪا به سڃاڻپ يا ملاقات نه هُئي پر ان باوجود به سيال صاحب منهنجي لکڻين کي تمام سهڻي نموني پنهنجي رسالي ۾ شايع ڪندو هو. ان وقت مواد لکي پوسٽ ڪري ڇڏبو هو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ رسالي ۾ شايع ٿي ويندو هو. ان سان مون کي وڌيڪ لکڻ جو حوصلو مليو.
2008ع ۾ يونيورسٽي پاس ڪرڻ کانپوءِ نوڪري حاصل ڪرڻ وارن چڪرن ۾ لکڻ وارو سلسلو صفا بيهي رهيو. اندر ۾ وينل ليکڪ هر وقت اهو چوندو رهندو هو ته پنهنجي چوڌاري ٿيندڙ واقعن بابت پنهنجا مشاهدا ۽ تجربا لکندو ڪر پر مون ۾ به سُستي اهڙي پيدا ٿي جو لکڻ ڇڏي ڏنم.
منهنجي لکڻ جو وڏو محرڪ، منهنجي بيحد حساس طبيعت آهي. جيڪا ڪنهن به مظلوم تي ظلم ٿيندو ڏسي ڏڪاري ٿي ٿي پوي ۽ نتيجي ۾ ان ظلم خلاف ڪاغذن تي لکت جي صورت ۾ منهنجو احتجاج رڪارڊ ٿي ٿو وڃي. منهنجي لکڻين جو محور سنڌ ۽ مظلوم سنڌي ماڻهو آهن، جن سان سدائين ويساهه گهاتيون ٿينديون رهيون آهن.
2014 ۾ مون کي سرڪاري نوڪري ملي ٿي ۽ مون کي سنڌ جي هڪ تاريخي اسڪول خانبهادر مير غلام محمد ٽالپر هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو باگو ۾ سائنس ٽيچر طور پڙهائڻ جو موقعو مليو ٿو. جنهن اسڪول جو پهريون استاد ناميارو تعليمدان ۽ ٻاراڻي ادب جو وڏو نالو محمد صديق مسافر هو. ان دوران مون غريب شاگردن کي تمام ويجهي کان ڏٺو. سندن مسئلن کي نه رڳو نوٽ ڪيم پر وس آهر مختلف پروگرامن ۾ شاگردن جي مسئلن تي ڳالهايم ۽ انهن کي بين جي اڳيان به پيش ڪيم. ٻارن جا اهي سور، مون کي پنهنجا سور محسوس ٿيڻ لڳا. ڪنهن شاگرد کي ڪلاس ۾ مرجهايل وينو ڏسي، منهنجو اندر به بيچين ٿي پوندو آهي. سوچيندو آهيان ته شايد هن ويچاري سان ڪير وڙهيو آهي، ان ڪري هي مايوس آهي يا وري هن کي خرچي جا پئسا ناهن مليا يا ناشتو نه ڪري آيو آهي يا وري ڪو

ٻيو گهريلو مسئلو اٿس وغيره وغيره. سو دل ۾ اهو خيال ٻہ ايندو هو تہ شاگردن جي انهن مسئلن تي لکان پر پوءِ ٻہ لکي نہ سگهندو هئس. ان دوران منهنجو بيحد پيارو دوست وفا مولا بخش مون کي چوندو رهيو تہ يار لکندو ڪر. ساڻس ها ڪيم ۽ سوچيم تہ ٻين اشوز سان گڏ چو نہ پهرين خاص طور تي شاگردن جي مختلف مسئلن تي لکجي. وفا مولابخش مون کي اهو ٻہ چيو تہ مواد لکي انور ابڙي صاحب کي موڪل، جيڪو ڪاوش دنيا ۽ ڪاوش مدويڪ مئگزين جو ايڊيٽر آهي ۽ ڏاڍو پيارو ماڻهو آهي. سو مون هڪ مضمون لکي ورتو تہ پاڻ سان فيس بڪ تي دوست ٿيل انور ابڙي صاحب کي هڪ ڏينهن مئسيج ڪيم تہ سائين مان تعليمي اشوز تي ڪجهہ ليک توهان کي رسالي لاءِ موڪلڻ ٿو چاهيان. انور صاحب مئيسيج جي جواب ۾ لکيو تہ "ادا موڪلي ڏيو ."پوءِ مون اهي مضمون انور ابڙي صاحب کي موڪلي ڏنا جيڪي هُن ڏاڍي سهڻي ۽ شاندار انداز ۾ رسالي ۾ شايع ڪيا. انهن مضمونن جي شايع ٿيڻ سان مون کي هڪ نئين سجاڳپ ملي ۽ مختلف رسالن مون سان رابطو ڪري، مواد موڪلڻ جو چيو. انور ابڙي صاحب منهنجي ڪچين ڦڪين لکڻين ڏاڍو سهڻو ڇپي، انهن جا خوبصورت عنوان ڏئي، انهن مضمونن کي هڪ نئون روپ ڏئي ڇڏيو. انور ابڙي صاحب جي ان فراخدلي ۽ نوجوانن کي همٿائڻ واري جذبي جي جيتري تعريف ڪجي اوتري گهٽ آهي. ان سان گڏوگڏ ٻين مهربانن ۾ منهنجي لکڻين کي ڏاڍي زبردست انداز ۾ ڇپيو، مان انهن جو ٻہ ٿورائتو آهيان. انهن ۾ همسري رسالي جي ايڊيٽر مانواري ميڊم زاهده ابڙو صاحبہ جو ٻہ مان بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي رسالي ۾ منهنجا مضمون شايع ڪيا. مان پياري اختر حفيظ جو ٻہ ٿورائتو آهيان، جنهن سنڌ ايڪسپريس اخبار جي سنڌي مئگزين ۾ مون کي جڳهہ ڏني. مان پياري واحد پارس هيسباڻي جو ٻہ ٿورائتو آهيان، جنهن عبرت اخبار جي ادبي صفحي تخليقڪار ۾ منهنجو مواد شايع ڪيو.

انهن سيني جڳهن تي جڏهن منهنجا مضمون شايع ٿيڻ شروع ٿيا تہ پڙهندڙن ان جي ڏاڍي سٺي موٽ ڏني. منهنجي شاگردن ٻہ مون کي اهو ٻڌايو تہ اسان اخبار توهان جي مضمون جي ڪري وٺندا آهيون ۽ ان کي پڙهندا آهيون. اهي لفظ ٻڌي مون کي اهو اطمينان ٿيندو هو تہ جنهن لاءِ لکان ٿو انهن تائين اها شي پهچي پئي ۽ اهي اهو پڙهي موٽ ٻہ ڏين پيا. ڪڏهن ڪڏهن مضمون ۾ دير ٿيندي هئي تہ چوندا هئا، سر اسان توهان جي مضمون جي انتظار ۾ هئاسين .

ان حوالي سان هڪ ڏينهن هڪ شاگرد مون کان پڇيو تہ سر توهان جا مضمون پڙهندا آهيون. ڇا توهان جو ڪو ڪتاب ڇپيل آهي؟ جيڪڏهن هجي تہ ٻڌايو، اسان پڙهنداسين. ان کان پوءِ مون کي ان ڪتاب جو خيال آيو. جڏهن ڪتاب بابت پنهنجي دوستن سان ڳالهہ ڪيم تہ انهن ٻہ همٿايو. اهڙي طرح مون مختلف جڳهن ۽ موقعن تي شايع ٿيل تعليمي مضمونن مان 25 چونڊ ليک جمع ڪري ان کي ڪتابي صورت ڏني آهي. مون هن مضمونن ذريعي مظلوم شاگردن ۽ نوجوانن جي نمائندگي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌ جي تعليم جي حوالي سان انگن اکرن سان گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي. گذريل ڪجهہ سالن ۾ تعليمي مضمونن جي صورت ۾ ڪجهہ ڪتاب شايع ٻہ ٿيا آهن، جيڪو يقينن هڪ وڏو ڪم آهي پر پوءِ ٻہ مون کي اها ڪوٺ محسوس ٿيندي رهي آهي تہ تمام سادي ۽ سولي ٻولي ۾ شاگردن جي بنيادي اشوز کي اجاگر نٿو ڪيو وڃي. جيڪو هڪ عام پڙهندڙ، خاص طور اسان جي ڳوٺن ۾ رهندڙ والدين ۽ شاگردن جي نمائندگي ڪري سگهي ۽ ڪين اهو سندن آواز ئي محسوس ٿئي. سو مون ان حوالي سان هي هڪ تمام ننڍڙي ڪوشش ڪئي، جنهن ذريعي شاگردن جو آواز انتظاميہ سميت والدين ۽ استادن تائين پهچي سگهي. تعليم هڪ تمام وڏو موضوع آهي پر مون اسان جي غريب شاگرد جي بنيادي تعليمي مسئلن کي بحث هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان سان گهٽ ۾ گهٽ اهي مسئلا اسان جي بحث ۾ تہ ايندا. جڏهن بحث ۾ ايندا تہ پوءِ انهن کي حل ڪرڻ جا طريقا ٻہ سامهون ايندا. مون

هن ڪتاب ۾ بہ انهن مسئلن جي سببن سان گڏ گڏ ان جي حل لاءِ وس وارن کي گذارشون بہ ڪيون آهن.
منهنجي خواهش آهي تہ منهنجو هي پيار جو پورهيو وڌ کان وڌ شاگردن ۽ نوجوانن جي هٿن تائين پهچي ۽ مختلف اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي لائيبررين تائين پهچي.
مان پنهنجي سمورن پڙهندڙن جو ٿورائتو رهندس، جيڪي مون کي پنهنجي هن ڪتاب بابت قيمتي رايو ڏيندا. سندن تجويزون منهنجي اڪين تي، جيڪي مون کي وڌيڪ ۽ بهتر ڪم ڪرڻ تي اتساهينديون.
مان هڪ ڀيرو ٻيهر محترم انور ابڙي صاحب جو ٿوائتو آهيان جو پاڻ سندن قيمتي وقت مان وقت ڪڍي، منهنجي ڪتاب جو تمام سهڻو مهاڳ لکي ڏنو اٿن. ان سان گڏ، مان سنڌ جي معياري پبليڪيشن، پيڪاڪ پبلشرز اينڊ پرنٽرز جي سرواڻ ڊاڪٽر آفتاب ابڙي صاحب، سندن لائق فرزند پياري قمر آفتاب جو بہ احسانمند آهيان جو پاڻ سنڌ جي شاگردن جي مفاد ۾ هن ڪتاب کي شايع ڪري،سندن اشوز کي پڙهندڙن تائين پهچايو آهي. مان، ڪتاب جو سهڻو ٽائٽل ناهي ڏيڻ تي نعيم ديسوالي صاحب جو بہ ٿورائتو آهيان.
مان، پنهنجي پياري دوست وفا مولابخش صاحب جو بہ احسانمند آهيان، جيڪو نہ رڳو هن ڪتاب جي ڇپائي واري مرحلي ۾ منهنجو ٻانهن ٻيلي رهيو پر ڪتاب تي پنهنجو قيمتي رايو بہ ڏنو اٿس، جيڪو ڪتاب جي بئڪ ٽائٽل تي موجود آهي. مان پنهنجي پياري دوست عبدلحفيظ احمداڻي صاحب جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن ڪتاب جو خوبصورت نالو تجويز ڪيو.
مان پنهنجي بيحد پيارن پاڙُن منصور ۽ هالار جي پيار جو بہ قرضدار آهيان، جن جون قيمتي صلاحون هن ڪتاب جو حصو آهن. منهنجي امان ۽ بابا جي اٿاهہ پيار ۽ دعائن جو تہ ڪو نعمل بدل ئي ناهي. جن سدائين منهنجي نالائقين جي بدلي مون کي پيار ۽ دعائن سان نوازيو آهي. آخر ۾ مان سموري ڪائنات جي پالڻهار جو بہ شڪر گذار آهيان، جنهن مون ۾ بہ اکر لکڻ جي سگهہ پيدا ڪئي.

**سرمد کوسو**
**بدين، سنڌ**
16، مارچ 2019

# هڪ نوجوان جو علم سان عشق

هِن نوجوان سرمد کوسي جا هينئر تائين مون سان ٽي تعارف ٿيا آهن: پهريون تڏهن ٿيو هو، جڏهن هُو پنهنجي ڳوٺ مان هلي حيدرآباد ويو هو، جتان، گاڏي کاتي مان ڪويتا جي بڪ شاپ تان منهنجو ناول ”هڪ مهمان ڇوڪري“ خريدي، پنهنجي ڳوٺ وڃي، اُهو پڙهي، اُن تي پنهنجي راءِ لکي هئائين. سندس ٻيو تعارف اهو ٿيو هو ته، هن نوجوان ڪجھ سال اڳ تعليم جي موضوع تي لکڻ شروع ڪيو، ۽ مون سندس اهي ليک *ڪاوش مِڊويڪ مئگزين* ۽ *ڪاوش دنيا* ۾ شايع ڪيا (جيڪي هِن ڪتاب ۾ به شامل آهن) ــ ۽ سندس ٽيون تعارف هن ڪتاب ”تِنين کي تعليم جي“ ذريعي ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ هُو ملڪن ۽ قومن کي سڌارڻ، سنوارڻ، ترقي وٺرائڻ ۽ مهذب بڻائڻ وارو ــ تعليم جو انتهائي اهم موضوع کڻي آيو آهي.

هر وقت علم جي ڳولا ۾ رهندڙ هيءُ نوجوان جنهن رفتار سان پاڻ پنهنجي تربيت ڪري رهيو آهي، جهڙي طرح هُو پنهنجي ذهن کي علم ذريعي وسعت ڏيئي رهيو آهي ۽ جنهن جذبي تحت هُو پنهنجا خيال ڪمپوز ڪري رهيو آهي، اُن کي ڏسي يقين سان چئي سگهجي ٿو ته، جيڪڏهن ڪيس ههڙيون حالتون مستقل بنيادن تي ملنديون رهيون، جيڪڏهن سندس علمي پياس واري هاٺوڪي شدت سياٽي به برقرار رهي، جيڪڏهن هن ڪجھ ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ ائين نه چيو ته ’منهنجي اڄ اڄهائجي وئي، هاڻي وڌيڪ ڇالاءِ پڙهجي،‘ جيڪڏهن هِن نئين دور جي چئلينجز کي سمجهي ورتو ۽ جيڪڏهن هُو پنهنجي زندگيءَ جي سڪ ۽ مقصد کي پنهنجي روشن خيالي واري سوچ ۽ علم سان جوڙي، اڳتي وڌندو رهيو ته گهٽ ۾ گهٽ هيءَ ايڪيهين صدي ته هن نوجوان سرمد کوسي ۽ هِن جهڙن ٻين نوجوانن جي ٿي هوندي.

سرمد کوسي نه هڪ روايتي نوجوان وانگر پيار ۽ محبت جون ڪهاڻيون لکيون آهن، نه کي رومانوي گيت ۽ غزل لکيا آهن، ۽ نه وري انهن سياسي موضوعن تي لکيو آهي، جن جي ذڪر تي مايوسيءَ جا ڪکر ذهنن تي اوندھ پکيڙي ويندا آهن. پر هن، ننڍي عمر ۾ ئي تعليم جهڙي انتهائي سنجيده موضوع سان گڏ سماجي شعور سان لاڳاپيل انهن موضوعن تي لکيو آهي، جيڪي اجتماعي مفادن وارا آهن، ۽ جن ۾ بيان ڪيل مسئلا جڏهن حل ٿيندا ته، ’هيءَ مِٽي ماڻ لهندي،‘ هي ماڻهو مسڪرائيندا، اسان جي ڌرتيءَ جا ساوا ۽ سونا سنگ سدا جهومندا رهندا ۽ ڪنهن به پار کي ڪو ڪوسو واءُ نه لڳندو.

هيءُ ڪتاب اڄ جي، خاص طور نوجوان ليکڪن کي پڻ صلاح ڏئي ٿو ته، ٺيڪ آهي ادبي ڪم به ضروري آهن، تخليقي ڪم به اهم آهن، شاعري ڪرڻ به سٺي ڳالھ آهي، ڪهاڻي لکڻ به چڱو ڪم آهي، ناول به لکڻ گهرجي، ڊرامو به تحرير ڪجي، ۽ سوشل ميڊيا به پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ استعمال ڪجي، پر ٻيلي، قومون رڳو انهن موضوعن تي لکڻ سان ناهن جيئنديون ۽ اڳتي وڌنديون. اُنهن جي پيرن ۾ پيل جهالت جا نوڙَ تعليم ئي ٽوڙي سگهندي آهي. رڳو ادب واري هڪ رخ ۾ نه هلجي، علم واري پاسي به اچجي ۽ اچي ڏسجي انهن ٻينچن کي، جن تي اسان جا ڪارڙا ڪوجهڙا ٻارڙا استاد جي انتظار ۾ ويٺا آهن. اچي ڏسجي انهن اسڪولن کي، جن جون ڇِتون ناهن، جتي پيئڻ جو پاڻي ناهي، جتي ٽوائليٽ ناهي، جتي بجلي ناهي، جتي اُس اُنهن جو ڇانورو آهي ــ ۽ اچي

ڏسجي اُن ڪاري بورڊ کي، جنهن تي استاد زندگيءَ جو ڪو نئون سبق لکيو به آهي يا اڃا به پراڻي نصاب وارو سبق لکي رهيو آهي؟ تنهن ڪري هيءُ ڪتاب پڙهندڙن کي حقيقي زندگيءَ جي علم ڏانهن وٺي ويندو.

سرمد ڪوسو جهڙو پنهنجي ڳالهه ٻولهه ۽ عمل ۾ مهذب آهي، اهڙو ئي هو پنهنجين هِنن لکڻين مان ظاهر ٿئي ٿو. مون جڏهن سندس هيءُ ڪتاب پڙهيو ته تعليم جي مختلف پاسن تي لکيل سندس ليک پڙهي مان سوچڻ لڳس ته، 'شاگرد، استاد، والدين ۽ انتظاميه: 'اِهي چار اهڙا ڪردار آهن، جيڪي تعليمي نظام جي ٻيڙيءَ جا اهم حصا آهن. هاڻي جيڪڏهن انهن مان ڪير به ڪمزور ٿيندو ته، تعليم جي ٻيڙي لهرن وچ ۾ لُڏي لَمي، ۽ نيٺ ٻڏي ويندي.

اسان وٽ انگريزي ميڊيم ۾ جديد تعليم جي شروعات گذريل ٽن صدين کان (اُڻويهين صديءَ جي اڌ کان) ٿي آهي، جڏهن کان 1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، ۽ جنهن بعد روشن خيال مسلمانن جهڙوڪ: حسن علي آفندي ۽ سندس ساٿي اڳتي آيا، جن سنڌ جي مرڪزي شهر _ ڪراچي (ان وقت جي اصل ڪراچي ۽ جيڪا هاڻي پراڻي ڪراچي ليکجي ٿي) ۾ 1885ع ۾ سنڌ مدرسته الاسلام جي نالي سان هڪ بورڊنگ سيڪنڊري اسڪول قائم ڪيو. ان جي اٺين سال 1893ع ۾ وچولي سنڌ ۾ دربيلي سان واسطو رکندڙ سيد الهندي شاهه نوشهروفيروز ۾ مدرسه اسڪول قائم ڪيو ۽ ان کان 27 سال پوءِ لاڙ ۾ _ ٽنڊو باگو ۾ 1920ع ۾ ميرغلام محمد ٽالپر لارينس مدرسو قائم ڪيو (هن ڪتاب ۾ ميرصاحب تي به ليک شامل آهي)، پر انهن ٽنهي تعليمي ادارن کان اڳ ۾ سنڌ جي انگريز سرڪار حيدرآباد شهر ۾ 1858ع ۾ هڪ اسڪول قائم ڪيو هو، جنهن جو مختلف لکتن موجب، ''حيدرآباد هاءِ اسڪول' نالو رکيو ويو هو. اهو هڪ رپورٽ موجب 'نامياري وڪيل نور محمد لاڪير 1924ع ۾ برطانوي سرڪار کان ورتو، جنهن بعد ان تي سندس نالو رکيو ويو. ان طرح اهو 'نور محمد هاءِ اسڪول' طور سڃاڻپ حاصل ڪري ويو. '' (چون ٿا نور محمد لاڪير اصل ۾ ڏوڪري تعلقي جو هو.)

پر انهن سڀني تعليمي ادارن کان سڀ کان اول انگريز سرڪار جي، سنڌ ۾ مقرر چيف ڪمشنر (ان وقت سنڌ بمبئي پريزيڊنسي جو حصو هئي، جنهن ڪري انگريزن جي قبضي واري سنڌ ۾ بمبئي پريزيڊنسي جا مجموعي مسئلا گورنر ڏسندو هو ۽ سنڌ جو انتظام هلائڻ لاءِ چيف ڪمشنر مقرر هوندو هو) سر بارٽل فريئر 1855ع ۾ ڪراچي شهر جي صدر واري علائقي ۾ هاڻوڪي ايم اي جناح روڊ تي سنڌ جو پهريون سرڪاري اسڪول قائم ڪيو هو، جنهن تي بعد ۾، سنڌ ۾ تعليمي شعبي سان لاڳاپيل شخصيت نارائڻ جڳن ناٿ وديا جي نالي پٺيان ا نالو رکيو ويو، جيڪو اڄ 'اين جي وي اسڪول' جي نالي سان مشهور آهي.

سو اُڻويهين صديءَ جي آخري اڌ ۽ ويهين صديءَ جي ابتدائي اڌ ۾، سنڌ جا اهي چند تعليمي ادارا هئا، جن هتي جديد تعليم جي واڌاري لاءِ بنيادي اهميت جو ڪم ڪيو.

انهن ڪانسواءِ سنڌ جو پهريون ڪاليج، ڊي جي (ديوان ڏيارام جيٺمل) سنڌ ڪاليج هو، جيڪو 1887ع ۾ قائم ٿيو هو، پر چون ٿا ته ان وقت جي برٽش انڊيا جي وائسراءِ لارڊ ڊفرن، ڪلڪتي مان اچي سنڌ مدرسي ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج جي عمارتن جي پيڙهه جو پٿر 1887ع ۾ ساڳئي ڏينهن تي رکيو هو.

حيرت جي ڳالهه اها آهي ته جيئن ته سنڌ اُن وقت بمبئي پريزيڊنسي جو حصو هئي، ۽ ان وقت سنڌ ۾ ڪو به تعليمي بورڊ يا يونيورسٽي نه هئي، تنهن ڪري، سنڌ مدرسي (ممڪن آهي ته ٻين اسڪولن جا به) شاگرد ميٽرڪ جو

امتحان ڏيڻ لاءِ بمبئي ويندا هئا، ڇاڪاڻ جو هن اسڪول جو بمبئي يونيورسٽيءَ سان الحاق ٿيل هو. (هن وقت اسان وٽ 55 سرڪاري ۽ خانگي يونيورسٽيون آهن. جن مان 21 سرڪاري يونيورسٽون آهن. )

سنڌ ۾ پهرين يونيورسٽي – سنڌ يونيورسٽي 1947ع ۾ ڪراچي شهر ۾ قائم ڪئي وئي، جنهن بابت چون ٿا ته اها موجوده ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽي جي عمارت جي هڪ حصي ۾ قائم هئي- ۽ ان جو ڪجهه حصو سنڌ مدرسي ۾ به قائم هو (ان تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي)، ان بعد 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد منتقل ڪئي وئي ۽ ڪراچيءَ ۾ 'ڪراچي يونيورسٽي' قائم ڪئي وئي. ان تبديليءَ جو سبب اهو ڄاڻايو ويو آهي ته، "جيئن ته ڪراچي شهر کي ان وقت پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو هو، جنهن ڪري سنڌ جي گاديءَ جو درجو حيدرآباد کي ملڻ سبب 'سنڌ يونيورسٽي' کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو هو."

ان سبب تي اسان جي ذهن ۾ هيءَ ڳالهه اچي ٿي ته، "جي ڪراچي شهر کي پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو هو، تڏهن به سنڌ يونيورسٽي کي ڪراچي شهر ۾ ئي (ڪراچي يونيورسٽي ناهڻ بدران) رهڻ ڏيڻ سان ڇا پئي ٿي سگهيو؟ ۽ ان کي حيدرآباد منتقل ڪرڻ بدران ان جي جاءِ تي جيڪڏهن حيدرآباد ۾ 'حيدرآباد يونيورسٽي' ناهي وڃي ها، ته ڇا ٿئي ها؟"

سنڌ جو پهريون ميڊيڪل ڪاليج، ڊائو ميڊيڪل ڪاليج هو، جيڪو 1945ع ۾ قائم ڪيو ويو هو. ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز جي ويب سائٽ تي ان بابت ڏنل ڄاڻ موجب، "1881ع ۾ ڊاڪٽر هوم اسٽيڊ حيدرآباد ۾ جيڪو ميڊيڪل اسڪول قائم ڪيو هو، ان کي ڪاليج ۾ تبديل ڪري ڊائو ميڊيڪل ڪاليج قائم ڪيو ويو. هڪ سال بعد 1946ع ۾ ان کي اين جي وي هاءِ اسڪول جي عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو. هن ڪاليج جي قيام ۾ سنڌ سرڪار جي ان وقت جي صحت ۽ ميڊيسن جي وزير ڊاڪٽر هيمنداس آر واڌواڻي ۽ سنڌ جي گورنر سر هِيو ڊائو (Sir Hugh Dow) جون ڪوششون شامل هيون. ان بعد جڏهن ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي پنهنجي عمارت سول اسپتال جي پرسان ٺهي ته ان کي ان ۾ منتقل ڪيو ويو."

ان دور ۾ سنڌ ۾ ان سطح جي ٿيل تعليمي ترقي، خاص طور مٿي ڄاڻايل اسڪولن کي ڏسجي ته. اها ڳالهه سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچي ويندي ته سنڌ جا اهي چند اهم تعليمي ادارا ئي هئا، جن جي قيام سان خاص طور سنڌي مسلمان ٻارن انگريزي ميڊيم ۾ جديد ۽ معياري تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ اسان وٽ سياسي، سماجي، علميءَ ادبي قيادت پيدا ٿيڻ شروع ٿي، جن پنهنجي جديد شعور کي سنڌ جي ٻين ماڻهن تائين پهچايو ۽ انهن سان پاڻ کي جوڙيو. انهن ۾ سرفهرست علامه آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، علامه علي خان ابڙو، محمد ابراهيم جويو، شمشيرالحيدري ۽ ٻيا اهڙا بيشمار ماڻهو هئا، جيڪي رڳو هڪ اداري - سنڌ مدرسته الاسلام مان جديد علم حاصل ڪري، تيار ٿي نڪتا. پوءِ انهن مان ڪِن ويهين صدي ۾ ۽ ڪِن ايڪيهين صديءَ جي شروعاتي ٻن ڏهاڪن تائين به، سنڌ جي ذهنن تي پنهنجي ڏاهپ جا اهڙا نشان ڇڏيا، جيڪي اڄوڪي نسل جي به رهنمائيءَ ڪن ٿا.

انهن سمورين شخصيتن مان ڇئن شخصيتن جو سنڌ ۾ جديد تعليم ڦهلائڻ ۾ وڏو ڪردار رهيو آهي، ۽ اهي آهن: علامه آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، علامه علي خان ابڙو ۽ محمد ابراهيم جويو. علامه آءِ آءِ قاضي

پاڪستان جي قيام جي چوٿين سال، 1951ع ۾، ڪراچيءَ مان حيدرآباد منتقل ٿيل سنڌ يونيورسٽي جي ڪئمپس، حيدرآباد مان ڪٽي ڄامشوري جي ٽڪريءَ تي قائم ڪرائي، اُن کي رابندرناٿ ٽيگور واري شانتي نڪيتن بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن ته ڊاڪٽر دائودپوٽي ۽ علامه علي خان ابڙي سنڌ جي تعليم کاتي ۾ مختلف انتظامي عهدن تي رهي، سنڌ جي ننڍين وڏن ڳوٺن ۾ وڃي، پنهنجن ٻارن کي معياري تعليم ڏيڻ واري عمل جي نظرداري ڪئي.

هڪ ڀيري ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ حڪيم سنديلو جي رهواسي ۽ بهترين ڪهاڻيڪار ۽ شاعر قربان سنديلي صاحب ڳوٺ بکوديرو (باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جو اباڻو ڳوٺ) جي شاگردن جي حاضريءَ واري رجسٽر جي هڪ صفحي جي فوٽو ڪاپي مون ڏانهن موڪلي هئي، جنهن تي ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب، ان اسڪول جي پنهنجي دوري دوران نوٽ لکيو هو. جڏهن ته هڪ ڀيري جديد سنڌي ڪهاڻي جي باني سائين جمال ابڙي صاحب مون کي 1993ع ۾ *ماهوار سنڌ سجاڳ، ڪراچي* لاءِ انٽرويو ڏيندي ٻڌايو هو ته، ”هو به هڪ ڀيري پنهنجي والد علامه علي خان ابڙو سان اٺ تي چڙهي ڪاڇي واري پاسي قائم مسجد اسڪولن جي دوري تي ويو هو.“

سو ڪلهه جا تعليمي ماهر ۽ انتظامي عملدار پنهنجي قوم جي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ۾ ان طرح جي دلچسپي وٺندا هئا ۽ هاڻي جڏهن اسان جي تعليمي عملدارن وٽ بهترين گاڏيون آهن، سٺي بجيٽ آهي، اسڪولن تائين پهچڻ لاءِ روڊ نهيل آهن ۽ سندن انتظامي حدون محدود آهي، پوءِ به انهن مان اڪثر عملدار اسڪولن جي دوري تي نٿا وڃن، سرزمين تي وڃي شاگردن جي تعليمي ڪارڪردگي نٿا جاچين ۽ استادن جي ڪم ۽ ڪردار کي ڏسڻ جي تڪليف نٿا ڪن. تڏهن ئي ته اسان وٽ تعليم، هڪ وڏي عرصي کان هڪ وڏي ڳٽيءَ جو سبب بڻيل آهي. ڳٽي انڪري به آهي جو اڄ جي ڊجيٽل دور جي دنيا سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ جي ترقيءَ ۾ جنهن جاءِ تي پهتي آهي، ۽ اها جنهن جاءِ ڏانهن تيزيءَ سان وڃي رهي آهي، اسان جي اها رفتار ناهي، اسان انهن کان گهڻو گهڻو پوئتي آهيون. اسان جو اهو پوئتي رهجي وڃڻ ئي اسان لاءِ انفرادي توڙي اجتماعي سطح تي شڪستون ۽ ناڪاميون کٽي اچي رهيو آهي.

مون پاڻ سنڌ جي تعليمي سرشتي کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي. مون هڪ انتهائي پنتي پيل ڳوٺ ۾ جنم ورتو، ٻه ٽي ڪلوميٽر پري هڪ ٻئي ڳوٺ ۾ وڃي پرائمري تعليم حاصل ڪئي ۽ پوءِ ڇهه ست ڪلوميٽر پري موجود ڏوڪري شهر مان سيڪنڊري ۽ انٽرميڊيئٽ تائين تعليم حاصل ڪئي. تعليم وارا اهي ٻارهن سال (پنج سال پرائمري، پنج سال سيڪنڊري ۽ ٻه سال انٽرميڊيئٽ) مان پنهنجي ڳوٺ جنگياڻي ۾ ئي رهي اسڪول ۽ ڪاليج ويو هئس. ان بعد مون مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالوجي، ڄامشوري مان گريجوئيشن ڪئي. مون خانگي شاگرد جي حيثيت ۾ سنڌ يونيورسٽي مان بيچلر جي ڊگري ورتي. مون آغا خان يونيورسٽي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشنل ڊولپمينٽ (آءِ اِي ڊي) مان اسڪول مئنجمينٽ ۾ ڊپلوما ڪئي، مون ڪراچي جي وفاقي اردو يونيورسٽي مان ماس ڪميونيڪيشن ۾ ماسٽر ڪئي، انڊس يونيورسٽي مان بي اَيڊ ڪئي ۽ سال 1996ع کان 2012 تائين سنڌ مدرسه الاسلام (ان جي يونيورسٽي ٿيڻ کان اڳ ۾) جي ٽيڪنيڪل سيڪشن جي انچارج سان گڏ 2000ع کان 2003 ۽ 2006ع کان 2008ع تائين ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي پرائمري سيڪشن ۽

ڇوڪرن جي سيڪنڊري سيڪشن ۽ ڪاليج جي انچارج جي حيثيت ۾ انتظامي معاملا ڏسڻ سان گڏ مختلف ڪلاسن ۾ شاگردن کي پڙهايو به هو. ٻه چار پيرڊ مون سنڌ مدرسي کي 2012ع ۾ يونيورسٽي جو درجو ملڻ کانپوءِ 2013ع ۾ ان جي ميڊيا اسٽڊيز ڊپارٽمينٽ جي پهرين سال جي شاگردن جا به ورتا هئا.

پنهنجي ان سڄي قصي بيان ڪرڻ جو منهنجو مقصد رڳو اهو آهي ته، مون پرائمري کان اعليٰ تعليمي ادارن تائين، کي ويجهي کان به ڏٺو آهي ۽ انهن جي تعليمي معيار، ماحول، استادن ۽ انتظامي عملدارن جي ڪردار کي ڪنهن حد تائين پرکيو به آهي، تنهن ڪري پنهنجي تعليمي نظام جو حصو تي رهڻ دوران مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته، جيڪڏهن تعليمي ادارن جا سربراهه جديد دور جو علم ۽ ادراڪ رکندڙ هوندا، سندن پهرين ۽ آخري ترجيح ٻارن جي معياري تعليم هوندي، وٽن تجربو هوندو ۽ پنهنجي قوم جو درد ۽ ان جي ترقيءَ جو فڪر هوندو ته هو پنهنجي اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي واري ننڍڙي دنيا ۾ رهي به پنهنجن تعليمي ادارن کي آئيڊيل ادارا بڻائي سگهن ٿا. هو ئي استاد جي تدريسي عمل تي نظر رکي، انهن کان سندن فرض جي ادائگيءَ وارو ڪم وٺي سگهن ٿا، هو ئي شاگردن ۾ تعليم ڏانهن سندن دلچسپي پيدا ڪري سگهن ٿا ۽ هو ئي والدين کي پابند ڪري سگهن ٿا ته هو گهرن ۾ پنهنجن ٻارن جي تعليم ۽ تربيت تي ڌيان ڏين.

سو پنهنجي پڙهائي ۽ پڙهائڻ وارن ڏينهن جي تجربن کي سامهون رکندي جڏهن مون هيءُ ڪتاب پڙهيو ته نوجوان استاد ۽ ليکڪ سرمد کوسي جا خيال پڙهي مان بيحد خوش ٿيس ته، هڪڙي دور ۾ ، جڏهن تعليم ڪاروبار بڻيل آهي، اڪثر استاد، گهوسٽ ٽيچر بڻجي پنهنجا ذاتي ڪاروبار ڪري رهيا آهن ۽ تعليمي عملدار ٻين ڪمن ۽ مصروفيتن ۾ مصروف آهن، تڏهن هيءُ نوجوان ليکڪ نه صرف پنهنجي شاگردن کي جديد انداز ۾ تعليم ڏئي ٿو، انهن جي تربيت ڪري ٿو ۽ انهن جي ڪردارسازي تي ڌيان ڏئي ٿو، پر هو ڊاڪٽر دائودپوٽي، علامه علي خان ابڙي ۽ محمد ابراهيم جويي وانگر، هن ڪتاب وسيلي تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل بنيادي اهميت جي موضوعن تي دل جي سچائيءَ سان لکي شاگردن ۽ استادن کي اهم صلاحون ڏئي ٿو.

سرمد کوسي ماحوليات جي موضوع تي ”ماحولياتي تعليم جي اهميت ۽ اسانجو مستقبل“ جي عنوان سان هڪ اهم ليک لکيو آهي، جيڪو، اڄ سڄي دنيا کي لاحق ماحولياتي خطرن ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪائي ٿو ۽ اِهو سچ آهي ته اڄ اسان پاڻ، انسان، هٿ وٺي هن سموري ڪائنات کي ڇوچڙي ڏيئي رهيا آهيون. ٻي ڪا به مخلوق ناهي، جيڪا گلوبل وارمنگ (عالمي تپت) جو سبب بڻجندي هجي ۽ اسان جي ايڪو سسٽم کي تباهه ڪندي هجي، تنهن ڪري جيڪڏهن اسان اڄ پنهنجي ماڻهن سان گڏ پنهنجي ٻارن کي ماحوليات جي بچاءَ بابت ڄاڻ نه ڏني ته، اڳتي هلي اسان جا ايندڙ نسل ماحولياتي تباهيءَ جي نتيجي ۾ جيڪو ڪجهه ڀوڳيندا، اهو ائٽم بمن جي تباهين ۽ اثرن کان وڌيڪ خطرناڪ هوندو. هن نوجوانن کي صلاح ڏني آهي ته هُو به وڻ کان وڌ ٻوٽا پوکين، ڇو ته ان طرح ئي اسان هِن ڌرتيءَ کي رهڻ لائق بڻائي سگهون ٿا.

هن نوجوان ليکڪ زراعت جي تباهيءَ تي به لکيو آهي، جيڪو به هڪ اهم موضوع آهي. ڇاڪاڻ جو اسان جو زرعي معاشرو آهي، جتي پاڻيءَ جي کوٽ سبب اڄ اسان جي زراعت کي به خطرناڪ قسم جا خطرا لاحق آهن. ان جو رڳو هڪ مثال اهو آهي ته 12 ڊسمبر 2018ع تي سنڌ مدرسه يونيورسٽيءَ ۾ منعقد ٿيل هڪ تقريب ۾ ڳالهائيندي

سائنس واري وزارت جي ماحوليات بابت چيئرمين ڪاشف اقبال بٽ سنڌو درياهه ۽ گهٽجڻ زرعي پيداوار بابت ڏاڍيون ڇرڪائيندڙ ڳالهيون ڪيون هيون. هن چيو هو تہ ” پاڪسان جي آبپاشي نظام جو مڪمل طور دارومدار سنڌو درياهہ جي پاڻي تي آهي. ان جي مدد سان پاڪستان جي کاڌ خوراڪ جو 90 سيڪڙو حاصل ٿئي ٿو ۽ جيڪا پيداوار ملڪ جي جي ڊي پي جو 25 سيڪڙو آهي. “ هن ڇرڪائيندڙ ڳالهه اها ڪئي هئي تہ ”2025ع تائين سنڌو درياهہ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ 35 سيڪڙو ٿي ويندي، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ 30 ملين ٽن زرعي پيداوار گهٽجي ويندي. “ هن پاڻيءَ جي گهٽجڻ جو سبب، ماحولياتي تبديليءَ سبب گليشئرس جو پگهرجڻ ٻڌايو هو. تنهن ڪري اسان کي ماحوليات جي مسئلي کي تمام گهڻي سنجيدگيءَ سان، عملي طور، وٽڻ گهرجي ۽ پنهنجي ٻارن کي ان مضمون جي تعليم ڏيڻ گهرجي.

هيءُ ڪتاب نوجوانن جي بہ نمائندگي ڪري ٿو، ڇاڪاڻ جو ليکڪ پنهنجي مضمون ”اسان جي نوجوانن کي درپيش مسئلا“ ۾ نوجوانن جي مسئلن جي نشاندهي ڪري ٿو، جن ۾ سندن وڏا مسئلا بيروزگاري ۽ منشيات جو واهپو آهي. هُو خودڪشيءَ واري پنهنجي مضمون ۾ پڻ هِن معاشري جي معاشي ۽ اخلاقي بگاڙ کي ان جو مکيہ سبب سمجهي ٿو. سرمد کوسو تہ اسڪول وينن ۽ بسن ۾ لڙکي اسڪول ايندڙ ويندڙ ۽ اڪثر حادثن جو شڪار ٿيندڙ ٻارڙن تي بہ رٿ رنو آهي.

هن ڪتاب جي ٻين موضوعن ۾ تعليمي ادارن ۾ تحقيق، هم نصابي سرگرمين جي اهميت، امتحانن ۾ ٿيندڙ نقل، اڌ ۾ پڙهائي ڇڏي ويندڙ ٻارن، ٻارن جي نفسيات کي سمجهڻ، ٻارن جي ڪائونسلنگ ۽ مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ وارا موضوع شامل آهن، جن تي جيڪڏهن عمل ٿئي تہ اسان جو تعليمي سرشتو ڪافي بهتر ٿي سگهي ٿو.

مجموعي طرح سرمد کوسي پنهنجي هن ڪتاب ۾ آرٽ ۽ سائنس، ٻنهي شعبن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ۽ انهن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. ان سان گڏ هو استادن ۽ والدين کي بہ عرض ڪري ٿو تہ هو پنهنجي ٻارڙن جي تعليم سان گڏ انهن جي ڪردارسازي تي ڌيان ڏين، کين پنهنجا اخلاقي قدر ۽ تهذيبي ورثو سڃاڻڻ جي سکيا ڏين ۽ کين هر قسم جي تعصب جي تعصب کان آجو، روشن خيال ۽ انسان دوست انسان بڻائين. ان طرح هيءُ ڪتاب نوجوانن سان گڏ انهن عملدارن ۽ استادن لاءِ بہ هڪ گائيڊ بڪ آهي، جيڪي اڄ سنڌ جي نوجوان جي ذهن کي پڙهڻ چاهين ٿا. ان سان گڏ هيءُ ڪتاب رڳو پرائمري تعليم جي حوالي سان اهم ناهي، پر هيءُ اعليٰ ۽ پروفيشنل تعليم جي حوالي سان بہ اهم آهي.

مان هن ڪتاب ۾ سرمد جا تعليم ۽ ماحوليات بابت ليک پڙهي جڏهن سندس هيءُ ليک ”احساس جو موت“ پڙهيو تہ، مون سوچيو تہ، هن نوجوان پنهنجي هن ڪتاب ۾ ڪيل سموري بحث جو نتيجو ٽن لفظن واري هن عنوان ”احساس جو موت“ ۾ ئي ڪدي ڇڏيو آهي. ــ ۽ جيڪڏهن اسان وٽ احساس هجي تہ، اسان اُن مسڪين ٻارڙي جي تعليم لاءِ بہ سوچيون، جيڪو مال چاري ٿو، جيڪو پنهنجي بابا سان گڏ گرمين سردين ۾ کيتن ۾ ڪم ڪري ٿو، جيڪو ڪارخانن ۾ مزدوري ڪري ٿو ۽ جيڪو روڊن رستن تي بيهي پني ٿو (مان 2 مارچ 2019ع تي هڪ وفد سان گڏ هاليجي ڍنڍ تي ويو هئس تہ ننڍي ڏانهن ويندڙ روڊ کان هاليجي ڍنڍ ڏانهن مڙندڙ لنڪ روڊ کان وٺي ڍنڍ

تائين پهچڻ تائين. رستي جي ٻنهي پاسن کان بيٺل ڪيترن ٻارن ۽ عورتن جا خيرات لاءِ هٿ ڪنيل هئا، جن کي ڏسي مان شديد ذهني تڪليف مان ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو هئس. انهن کي ڏسي نه ٿي سگهيس.) ۽ اسان پنهنجي اُن ٻارڙيءَ لاءِ به سوچيون. جيڪا گهر جي ڪم ڪار ۾ پنهنجي امڙ جو هٿ ونڊائي ٿي. جيڪا ڪيتن ۾ ڪم ڪري ٿي. جيڪا ننڍي عمر ۾ پرڻائي وڃي ٿي ۽ جيڪا جوانيءَ ۾ ئي ڪراڙي ٿي وڃي ٿي.

اڄ، اڳ جي ڀيٽ ۾ علم حاصل ڪرڻ جا ذريعا تمام گهڻا وڌيڪ ۽ سَهنجا ٿي پيا آهن. اڄ اسان ڳوٺ يا شهر جي گهرن ۾ ويهي سيل فون يا ڪمپيوٽر تي انٽرنيٽ جي مدد سان دنيا جهان جي، هر موضوع جي نئين کان نئين ڄاڻ حاصل ڪيون ٿا. انٽرنيٽ ته هڪ گلوبل لائبريري آهي، جنهن تي هر علم جا ڪيئي ڪتاب، ريسرچ جرنل ۽ ٻيو مواد پيو آهي، ان جي مدد سان اسان پاڻ کي باخبر رکڻ سان گڏ پنهنجي شعور، ڄاڻ ۽ علم ۾ واڌارو آڻي سگهون ٿا. اهڙي دور ۾ جيڪڏهن اسان جو استاد نه پڙهائي ۽ اسان جو شاگرد به پڙهڻ ۾ دلچسپي نه وٺي، ته سرمد کوسي جو ڏکارو ٿيڻ جائز آهي.

اڄ اسان وٽ پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جو تعداد. سنڌ جي رٿابندي ۽ ترقي واري وزارت جي بيورو آف اسٽيٽسٽڪس پاران 2010_11 ۾ "اسڪول ايجوڪيشن اسٽيٽسٽڪس سنڌ" جي عنوان سان جاري ڪيل هڪ رپورٽ ۾ هن طرح ڄاڻايو هو،"سنڌ جي شهري توڙي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ 48,914 پرائمري، مڊل ۽ سيڪنڊري اسڪول آهن. جن مان 43,875 اسڪول هلي رهيا آهن ۽ باقي 5039 اسڪول بند پيا آهن."

"پاڪستان ٺهڻ کان ترت پوءِ سڄي پاڪستان ۾ 8413 پرائمري اسڪول، 2191 مڊل اسڪول، 408 هاءِ اسڪول، 46 سيڪنڊري ووڪيشنل اسڪول، 40 آرٽس ۽ سائنس جا ڪاليج ۽ ٻه يونيورسٽيون هيون." (حوالو: تعليم واري وفاقي وزارت جي فيڊرل بيورو آف اسٽيٽسٽڪس جي 1959_60 کان 1991_92جي رپورٽ).

اسانجي انهن هزارين تعليمي ادارن ۾ هن وقت وڏي تعداد ۾ استاد ۽ انتظامي عملدار مقرر ٿيل آهن. ان جي باوجود جيڪڏهن اسان جو تعليمي معيار بهتر نٿو ٿئي ته، ان ۾ ڏوهه ڪنهن به صورت ۾ شاگردن جو ناهي، پر اهو ڏوهه وڏي حد تائين استادن، انتظامي عملدارن ۽ شاگردن جي والدين جو آهي. اسان وٽ بس تعليم جي شعبي ۾ هر دور ۾ رڳو نوان نوان ۽ ناڪام تجربا ئي ٿيا آهن. تنهن ڪري، اڄ جڏهن اسان وٽ تعليمي عمل جي نظرداري ۽ نگهباني ڪرڻ اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سولو آهي، پوءِ به جيڪڏهن اسان جا استاد ۽ تعليمي عملدار پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي ڪن ته سرمد ڪوسي جي مٿن تنقيد جائز لڳي ٿي.

هتي اسان اهو تسليم ڪيون ٿا ته اسان وٽ تعليم جو تناسب اڳ جي ڀيٽ ۾ اڄ تمام گهڻو وڌيو آهي، پر اها به حقيقت آهي ته. تعليمي معيار مايوسيءَ جي حد تائين ڪِريو آهي. اڄوڪي دور ۾ اسان کي جيڪي به ماڻهو ڪاميابي ماڻيل نظر اچن ٿا، يا ڪاميابيون ماڻڻ واري رستي تي هلندڙ آهن، ان ۾ رڳو ۽ رڳو سندن ذاتي ۽ والدين جي دلچسپي، سندن ڪجهه ڪرڻ جو جنون، ڪجهه بڻجڻ جي تمنا ۽ سندن خانداني معاشي تنگدستي جو وڏو عمل دخل آهي.

اسان کي حيرت آهي ته اسان وٽ اڳ ۾ انگريزن ۽ هاڻي آمريڪن (يو ايس ايڊ) ۽ امير ماڻهن جا ناهيل خانگي اسڪول هر طرح سان سٺا ليکجن ٿا ۽ اسان جا پنهنجا سرڪاري اسڪول پنهنجي اهميت وڃائي ويٺا آهن. جن جي

ناڪاميءَ خانگي اسڪولن جي قيام ڪي اهڙي طرح جاءِ ڏني آهي، جيئن ناڪام ٿي ويل سرڪاري ريلوي نظام خانگي ٽرانسپورٽ کي ۽ ناڪام سرڪاري اسپتالن، خانگي ڪلنڪس ۽ خانگي اسپتالن کي جاءِ ڏني آهي.

سو هيءُ ڪتاب ڏاڍو وقتائتو آهي، جيڪو اسان کي هڪ دفعو ٻيهر اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو ته اچو ته پنهنجي تعليمي سرشتي جو نئين سر جائزو وٺون، ان کي بهتر کان بهتر بڻائڻ جي انفرادي توڙي اجتماعي سطح تي ڪوشش ڪريون. ايڏي وڏي مايوسيءَ جي به ڳالهه ناهي. ائين به ناهي ته اسانجو تعليمي نظام مڪمل طور اپاهج ٿي چڪو آهي. اڄ به ڪي استاد ۽ عملدار اهڙا آهن، جيڪي آئيڊيل استاد ۽ عملدار جي حيثيت رکن ٿا، جن کي پنهنجي مضمون تي دسترس حاصل آهي، جن کي هڪ کان وڌيڪ ٻوليون اچن ٿيون، جيڪي جديد تدريسي عمل کان واقف آهن، جن کي ٻارن جي نفسيات جو پتو آهي، جيڪي سمجهن ٿا ته اچوڪي سخت مقابلو ڪٽي آيل گلوبلائيزيشن واري دور ۾ علم ئي انسان جون اصلي اکيون آهي، جن کي غريب ٻارڙن جي تعليم جو اونو آهي ۽ جيڪي پنهنجي ملڪ جي هر طرح سان ترقي ڏسڻ چاهين ٿا، تڏهن ئي ته هو چاهين ٿا ته پنهنجي قوم جا ٻار ڪنهن کان به پٺتي نه رهن، ڇوته هو سمجهن ٿا ته، جيڪڏهن سندن ٻار بگڙي ويا، اهي اٽڙهيل رهجي ويا ته سندن پيرن هيٺان زمين سولائيءَ سان نڪري ويندي.

مون کي اميد آهي ته هيءُ ڪتاب هلندڙ ايڪيهين صديءَ ڪي، اسان لاءِ سئو سيڪڙو علم واري صدي بڻائڻ خاطر، عام راءِ ناهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو، ڇاڪاڻ جو هيءُ هڪ نوجوان جو علم سان عشق وارو ڪتاب آهي، جيڪو پڪ آهي ته پنهنجو اثر ڇڏيندو.

**انور ابڙو**

18 مارچ، 2019ع

ڪراچي

# مادري ٻوليءَ تعليم ۾ ٻار

# اول ٻار جي نفسيات کي سمجهو، پوءِ ان کي پڙهايو!

نفسيات، جنهن جو انسان جي ڪردار ۽ شخصيت تي وڏو اثر هوندو پر اسان جي معاشري ۾ ان اهم شعبي کي ڪا اهميت ناهي. اسان پنهنجي روزمره جي ڪاروهنوار ۾ بہ ڪنهن شخص جي نفسيات جو خيال ناهيون ڪندا. نتيجي ۾ اسان جو سڄو سماج نفسياتي مونجهارن جو شڪار آهي. ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو جو اسان جي تعليمي ادارن ۾ بہ ٻارن جي نفسيات جو خيال نٿو ڪيو وڃي. ٻار جي حساسيت جو ڪو قدر نٿو ڪيو وڃي. ان ڪري اڪثر ٻار ننڍي وهي ۾ ئي پنهنجو اعتماد وڃائي ويهندا آهن. پنهنجيون ڳالهيون ۽ مسئلا ڪنهن سان ونڊي ناهن سگهندا ۽ سندن شخصيت بگڙي ويندي آهي. تعليمي ادارن ۾ ٻارن جي تربيت ٿيندي آهي، اتي نفسيات جي تمام گهڻي اهميت آهي، ڇو تہ اهي ٻار ئي سياڻي جي سماج جا ڪارگر فرد ٿيندا.

ان حوالي سان مان سمجهان ٿو تہ هڪ استاد جو اهم ڪردار آهي تہ هو ٻار جي نفسيات کي سمجهي ۽ ان مطابق هن جي تربيت ڪري. مون اهو محسوس ڪيو آهي تہ اڪثر استاد ٻار جي نفسيات کي سمجهي ناهن سگهندا آهن ۽ اتان کان ئي تعليمي ۽ تربيتي عمل ۾ مسئلا پيدا ٿيڻ شروع ٿيندا آهن، ان ڪري ٻار جي شخصيت، ڪردار ۽ سماجي رويو جڙڻ يا ٽٽڻ شروع ٿيندو آهي. هڪ استاد کي ٻار جي واڌ ويجهہ، ذهني سطح ۽ ضرورتن کي سٺي نموني سمجهڻ گهرجي.

منهنجي خيال ۾ هي ڪجهہ بنيادي ڳالهيون آهن، جيڪي ٻار جي نفسيات جي حوالي سان استادن کي ذهن ۾ رکڻ گهرجن.

1. **هر ٻار جو مختلف هجڻ:**

استاد کي سڀ کان پهرين تہ اها ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ هر ٻار منفرد، مختلف ۽ اهم هوندو آهي. هر ٻار جون صلاحيتون مختلف هونديون آهن. هر ٻار کي پنهنجو پنهنجو ڪردار نڀائڻو پوندو. سڀ شاگرد تہ انجنيئر ۽ ڊاڪٽر نہ ٿيندا. ڪين دنيا جي ٻين فيلڊز ۾ بہ وڃڻو آهي. ان ڪري هر ٻار کي ان جي صلاحيتن آڌار پڙهايو ۽ سيکاريو وڃي. استاد هر ٻار کي اهو محسوس ڪرائي تہ توهان اهم آهيو ۽ ڪنهن کان بہ گهٽ ناهيو. ان ڪري استاد کي ڪلاس روم جو ماحول بہ اهڙو رکڻو پوندو جو هر ٻار بهتر طريقي سان سکي ۽ سمجهي سگهي. ان ڪري استاد کي پڙهائڻ جا مختلف ۽ جديد طريقا استعمال ڪرڻا پوندا. جنهن سان هو هر ٻار کي چڱي طرح سمجهي ۽ پڙهائي سگهندو.

2. **ٻار جي حساسيت جو خيال رکڻ :**

ٻار ڏاڍو حساس هوندو آهي، هو استاد جي هر عمل کي نوٽ ڪندو آهي. شاگرد پنهنجي استادن جي ڪاپي بہ ڪندا آهن تہ اسان بہ پنهنجي استاد جهڙا ٿيون. ٻارن کي جڏهن دڙڪا ۽ ڇڙٻون ملنديون آهن تہ هو مايوس ٿي ويندا آهن. اسان جيڪڏهن ٻار کي " توهان " بجاءِ " تون " چئي سڏ ڪندا آهيو، تہ ٻار پنهنجي ڇهري جي تاثر سان محسوس ڪرائيندو آهي تہ مون ڪيس توهان جي بدران تون ڪري سڏيو ويو آهي. ان ڪري استاد اهڙو رويو رکي جو سندس شاگردن جو اعتماد وڌي ۽ هو ذهني ۽ نفسياتي طور مضبوط ٿين.

### 3. شاگردن جي همت افزائي ڪرڻ:

هر ماڻهو اهو چاهيندو آهي ته منهنجي تعريف ٿئي، ان ڪري ٻار به پنهنجي تعريف چاهيندو آهي. استاد پاران سندس همت افزائي لاءِ چيل ٻه لفظ يا ڪو ننڍڙو انعام به وڏي اهميت رکندو آهي. ٻار کي اهو هرگز نه چيو وڃي ته "تون ڪمزور آهين، تون پڙهي نٿو سگهين يا وري تون ڪجهه به نٿو ڪري سگهين، يا وري فلاڻو شاگرد تو کان هوشيار آهي، تون ته صفا نٿو پڙهين." انهن لفظن سان حساس ٻار احساس ڪمتري جو شڪار ٿي مايوسين جي ور چڙهي تا وڃن. ان ڪري استاد هر ٻار کي همٿائي ۽ ڪيس ننڍي ننڍي ڪوشش تي شاباش ڏيڻ گهرجي.

### 4. شاگردن جي رهنمائي ڪرڻ:

استاد کي گهرجي ته ٻار جي رهنمائي ڪري. کيس سوچڻ، سمجهڻ، سوال ڪرڻ ۽ اختلاف راءِ رکڻ جو ڀرپور موقعو فراهم ڪري. استاد جو رويو جمهوري هجڻ گهرجي. ان سان هر ٻار ۾ اعتماد پيدا ٿيندو ۽ هو ڪلاس جي هر سرگرمي ۾ شوق سان حصو وٺندو. استاد پنهنجي ڳالهه يا نظريو ڪڏهن به ٻار تي مڙهي نه، پر هن کي پنهنجي سوچ پيدا ڪرڻ جو ماحول ڏي. اڪثر استاد چاهيندا آهن ته سندن شاگرد به انهن وانگر سوچين يا عمل ڪن. ايتري تائين جو اهو ڪرڻ لاءِ هو ٻار تي سختي به ڪندا آهن جيڪو رويو صحيح ناهي. منهنجي خيال ۾ ڪامياب استاد ته اهو اهي جو سندس شاگرد هن کان هر حوالي سان اڳتي هجن.

### 5. شاگردن جي ڪردار سازي ڪرڻ:

تعليم رڳو ڄاڻ تائين محدود ناهي پر ڄاڻ سان گڏوگڏ سٺي ڪردار جو هئڻ به ضروري آهي. ان ڪري استاد جيڪڏهن شاگرد جي نفسيات کي ذهن ۾ رکي تربيت ڪندو ته ٻار جو ڪردار سٺو ۽ مثبت ٿيندو. هو اڳتي هلي هن سماج جو هڪ بهتر فرد ٿيندو. استاد کي پنهنجي شاگردن سان پيار، عزت ۽ پنهنجائپ وارو ورتاءُ رکڻ گهرجي. ان ورتاءُ سان به ٻار جي نفسيات تي هاڪاري اثر پوندا ۽ هو به ٻين جي نفسيات ۽ احساسن جو قدر ڪندو.

(هي ليک ڪاوش اخبار جي مدبويڪ مئگزين ۾ 14 مارچ 2018 تي شايع ٿيو.)

# ٻارن کي بنيادي تعليم مادري ٻولي ۾ ڏيڻ گهرجي

اها چوڻي مشهور آهي ته جنهن قوم وٽ ٻولي آهي، سان هڪ زنده قوم آهي، اها قوم پنهنجي خيالن جو اظهار آساني سان ڪري سگهي ٿي. پوءِ اهو اظهار ڳالهائڻ جي صورت ۾ هجي يا وري لکڻ جي صورت ۾ هجي. ٻولي اظهار جو ذريعو آهي. ٻولي ذريعي اسان پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت جو پرچار ڪري سگهون ٿا. اسان کي فخر هجڻ گهرجي جو اسان وٽ پنهنجي ٻولي آهي. جنهن کي پنهنجي الفا بيٽ آهي، جنهن ۾ شاهه لطيف جهڙو شاعر ۽ مفڪر موجود آهي. اسان وٽ پنهنجي سنڌي ٻولي ۾ تمام شاهڪار ادب موجود آهي. ٻئائي سميت ٻين مفڪرن ٻه سنڌي قوم کي وڏو مقام ڏنو، پر اتي هڪ سوال ٿو پيدا ٿئي ته اسان اڄوڪي دور م پنهنجي ٻولي کي ڪيتري اهميت ڏيون ٿا؟

منهنجي خيال م اسان جي اڪثريت پنهنجي ٻولي بجاءِ ٻين ٻولين کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي، هر ٻولي ڪارائتي آهي پر اسان کي پنهنجي مادري زبان سان وڌيڪ انسيت هجڻ گهرجي، چو ته اها ٻولي اسان پنهنجي ماءُ جي جهولي ۾ ۽ سندس لولي ۾ ٻڌندا ۽ ان مان سکندا آهيون. ان ڪري ضروري آهي ته اسان پنهنجي شاگردن ۽ ٻارن کي گهٽ ۾ گهٽ بنيادي تعليم پنهنجي مادري ٻولي ۾ ڏيون ته جيئن هو آساني سان شين کي سمجهي سگهن. ٻيون ٻوليون ته ٻار پڙهي ٿو، پر انهن ۾ سندس تخليقي صلاحيتون ايتريون نروار نٿيون ٿين، جيتريون پنهنجي مادري ٻولي ۾ ٿين ٿيون. دنيا ۾ انهن قومن ئي ترقي ڪئي آهي، جيڪي پنهنجي تعليم مادري ٻولي وسيلي ڏين ٿا. چين جو ملڪ ان جو وڏو مثال آهي.

اسان وٽ جيڪي سنڌي ڪجهه پئسي ڏوڪڙ وارا ٿيا، ته اهي ٻهراڙيون ڇڏي اچي شهرن ۾ رهيا، اتي پنهنجي ٻارن کي وڏن خانگي اسڪولن ۾ داخلا وٺي ڏنن. نتيجي ۾ جيڪو ٻار ڳوٺ ۾ پنهنجي ٻولي ڳالهائيندو هو، سو شهر ۾ اچي پنهنجي ٻولي وساري شهري بابو ٿي ويو. چو ته وڏن شهرن جا اڪثر خانگي اسڪول سنڌي نٿا پڙهائين. جيڪو نه رڳو هڪ بيڪار عمل آهي پر وڏو ڏوهه پڻ آهي. شهرن ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن کان اسان جي ڳوٺن ۾ رهندڙ هارين ۽ پورهيتن پنهنجي ٻولي جو بچاءِ ڪيو آهي، جو هو ان کي ڳالهائين ٿا، لکن ٿا، پڙهن ٿا ۽ پنهنجي ٻولي سان پيار ڪن ٿا.

انهي ڪري اسان سيني کي پنهنجي ٻارن کي لازمي طور تي پنهنجي سنڌي ٻولي ۾ تعليم ڏيارڻ گهرجي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي مضمون لکڻ، سنڌي خطاطي، ڪهاڻي لکڻ، سنڌي ۾ تقريرون ڪرڻ، گيت ۽ بيت ٻڌائڻ جا مقابلا ڪرايا وڃن ته جيئن شاگردن ۾ پنهنجي ٻولي لاءِ چاهه پيدا ٿئي، جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻولي جو قدر نه ڪيو ته اهو ٻه اسان جي تباهي جو هڪ وڏو سبب هوندو.

( هي ليک عبرت مئگزين جي نومبر 2007 واري شماري ۾ شايع ٿيو).

# فني تعليم جي اهميت

اڄ جو دور سائنس، ٽيڪنالاجي، علم ۽ فن جو دور آهي. ٽيڪنالاجي جي اهميت کان اڄ جو تقريبن هر انسان فائدو به وٺي ٿو ته ان جي اثر هيٺ به آهي ۽ ان سان گڏوگڏ ان جي اهميت کان به واقف آهي. اڄ جو هر شعبو ٽيڪنالاجي کانسواءِ اڌوروآهي. ان ڪري تعليمي عمل ۾ فني تعليم جي وڏي اهميت آهي .

ان تعليم ذريعي اسان معاشري جي افراد قوت وڌائي سگهون ٿا. سکيا ورتل ۽ ڪنهن نه ڪنهن هنر ۾ مهارت رکندڙ ماڻهو ملڪ جي ترقي ۾ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. تنهنڪري اڄ جي تعليمي نظام ۾ تجرباتي ۽ فني تعليم تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. نظرياتي Theoritical تعليم سان گڏوگڏ فني تعليم ۽ هنري سکيا جا ڪورسز به ضروري آهن. جيڪي هڪ ته شاگردن جي تخليقي سوچ کي وسيع ۽ سگهارو ڪن ٿا ۽ ان سان گڏوگڏ ڪنهن به شعبي ۾ ڊگري مڪمل ڪرڻ کانپوءِ شاگرد بيروزگار نٿو رهي. ڇو ته کيس خبر هوندي آهي ته عملي طور تي شيون ڪيئن ٺهنديون آهن. ان ڪري هن وٽ هنر ۽ سکيا هجڻ ڪري هو پنهنجو روزگار ڪري سگهي ٿو. ان سان معاشري ۾ ان فرد کي عزت به ملي ٿي ۽ ملڪ ۾ تربيت يافته ماڻهو جو اضافو ٿئي ٿو.

فني تعليم ۾ ھڪڙا ڪورسز ڏهين ڪلاس پاس ڪرڻ کانپوءِ ٿيندا آهن جن لاءِ داخلا پوليٽيڪنيڪل ڪاليجز ۾ ورتي ويندي آهي. ٻيا ڪورسز وري ٻارهين ڪلاس پاس ڪرڻ کانپوءِ ٿيندا آهن ۽ اهڙي طرح گريجيوئيشن ٿيندي ويندي آهي. پوءِ ان جي بنياد تي ڪنهن مخصوص فيلڊ ۾ ماسٽرس ڪبي آهي. ان سان اهو فائدو ٿئي ٿو ته اهو شاگرد پنهنجي روزمره جي پڙهائي سان گڏ ڪنهن ٽيڪنيڪل ڪورس ۾ به سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري ٿو وٺي ۽ اهو ٽيڪنيڪل ڪم يا هنر سکي ٿو وٺي.

فني تعليم ۾ انجنيئرنگ، ٽيڪنالاجي، مينيجمينٽ، آرڪيٽيڪچر، ٽائون پلاننگ، فارميسي، هوٽل مينيجمينٽ، آرٽس ۽ ڪرافٽز سان گڏوگڏ ڪمپيوٽر جا ڪورسز، فلم ۽ سائونڊ ايڊيٽنگ جا ڪورسز وغيره اچي وڃن ٿا. انهن مختلف ڪورسز ۾ نوجوان تربيت وٺي سٺو روزگار حاصل ڪري سگهن ٿا.

فني تعليم جيئن ته ووڪيشنل تعليم جي هڪ شاخ آهي جيڪا عملي طور تي واپار، ڪامرس، زراعت، انجنيئرنگ ۽ ميڊيڪل ۾ ڪم ڪري ٿي.

ٽيڪنالاجي اسان جي زندگي کي آسان بڻايو آهي. ان ڪري ٽيڪنيڪل تعليم حاصل ڪري ماڻهو ملڪ جي ترقي ۽ ان جي اقتصادي صورتحال کي بهتر ڪري سگهجي ٿو.

ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪرڻ ته آسان آهي پر ان کي تيار ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. ان ڪري حڪومت کي اهڙا ادارا ٺاهڻا پوندا جتي ماڻهن کي مختلف شعبن ۾ سکيا ڏني وڃي. جيڪي اڳ ۾ اهڙي قسم جي تعليم ڏيندڙ ادارا آهن ته انهن کي به بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي. اتي ٽيچنگ ۽ ٻيو اسٽاف مقرر ڪري ڪم ڪيو وڃي.

ان سان گڏوگڏ مان اها گذارش به ڪندس ته اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ موجود سائنسي تجربيگاهن کي فنڪشنل ڪيو وڃي ته جيئن انهن ۾ شاگرد تجربا ڪري پنهنجي سائنسي سوچ کي سگهارو ڪن.

(هي ليک ماهوار همسري رسالي جي جنوري 2019 واري شماري ۾ شايع ٿيو.)

# اسڪولن ۾ ڪيريئر ڪائونسلنگ جي اهميت

ڪنهن بہ معاشري جي ترقي ۾ نوجوانن جو وڏو ڪردار هوندو آهي، پر انتهائي ڏک سان لکڻو ٿو پوي تہ اسان جو نوجوان ٽئلنٽ موقعا نہ ملڻ ۽ صحيح رهنمائي نہ هجڻ ڪري بيروزگاري جي ڏبڻ ۾ ڦاٿل آهي. اسان وٽ نوڪري پيشہ نوجوانن جي گهڻائي بہ پنهنجي پيشي مان خوش ناهي هوندي، هر ٽن نوجوانن مان هڪ تہ اسان کي پنهنجي نوڪري مان بيزار نظر ايندو. هونئن بہ جتي نوجوانن لاءِ راندين جا ميدان ۽ لائيبرريون نہ هونديون، اتي نوجوانن ذهني ۽ جسماني طور بيمارين جي ور چڙهيل هوندا آهن.

مان جڏهن ان مسئلي تي سوچيندو آهيان تہ آخر ائين ڇو آهي جو گهڻا نوجوان پنهنجي پيشي مان بيزار آهن تہ مون کي وڏو سبب سندن ڪيريئر ڪائونسلنگ جو نہ هجڻ لڳندو آهي. مون ذاتي تجربي ۾ ڪوڙ شاگرد ڏٺا آهن جيڪي انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ سوچيندا آهن تہ هاڻي ڇا ڪجي؟ پوءِ سندن مائٽ، استاد يا دوست جيڪا صلاح ڏيندا آهن، هو ها ۾ ها ملائي، انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ داخلا وٺندا آهن ۽ اهو ناهن سوچيندا تہ ان فيلڊ ۾ زندگي ڪين گذاري آهي ۽ ڪم ڪين ڪرڻو آهي. اها جيئن تيئن ڪري حاصل ڪيل ڊگري هٿ ۾ اچڻ کان پوءِ وري اهو نوجوان نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ پريشان هوندو آهي. نتيجي ۾ ايم بي اي ڪيل نوجوان اسڪول ۾ پيو پڙهائيندو آهي ۽ انجنيئرنگ جي ڊگري ورتل پيو صحافت ڪندو آهي. اسان وٽ مختلف شعبن ۾ ڪم جو معيار بہ ان ڪري بهتر ناهي جو مناسب ماڻهو مناسب جڳهہ تي ڪم ڪندي نظر نٿو اچي. ڪي نوجوان تہ مرڳو يونيورسٽي مان ڊگري وٺي پوءِ صلاحون وٺندا آهن تہ هاڻي ڇا ڪن؟ ان ڪري هنن کي وڏي پريشاني جو منهن ڏسڻو ٿو پوي ۽ پوءِ هو مطمئن ناهن ٿيندا تہ هر ڇهين مهيني پيا فيلڊ ۽ ادارا تبديل ڪندا آهن.

منهنجي خيال ۾ انهن مسئلن کان بچڻ جو بهترين حل هي آهي تہ ٻارن جي هاءِ اسڪول جي تعليم دوران ئي ڪيريئر ڪائونسلنگ ڪئي وڃي تہ جيئن ڪاليج تائين پهچندي ڪين مختلف شعبن جي ڄاڻ بہ ملي وڃي ۽ هو پنهنجي مزاج موجب پنهنجي پسند جي فيلڊ جي چونڊ ڪري وٺن تہ جيئن ڪين يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ بہ مسئلو نہ ٿئي ۽ نوڪري بہ آساني سان ۽ سندن مزاج وٽان ملي سگهي. انهي ۾ استاد جو اهم ڪردار آهي تہ هو ٻار جي نفسيات موجب تربيت ڪري ۽ ٻار کي سندس پسند جي فيلڊ ۾ وڃڻ لاءِ هر جائز ۽ گهربل مدد ۽ رهنمائي ڪري. ان سان گڏوگڏ والدين تي بہ فرض ٿئي ٿو تہ هو پنهنجي مرضي ٻارن تي مڙهين نہ پر ٻارن جي سندن پسند جي فيلڊ ۾ وڃڻ لاءِ راهہ هموار ڪن، تہ جيئن ٻار سڪون سان پڙهي بہ سگهي ۽ سماج جو بهتر فرد ٿي سگهي. اسان وٽ وڏو ظلم تہ اهو ٿيندو آ جو ٻار کي رڳو ڊاڪٽر ۽ انجنيئر ٿيڻ بابت ٻڌايو ويندو آهي، ٻين شعبن جي ڪين ڄاڻ ئي ناهي ڏني ويندي.

هر ٻار منفرد ۽ خاص آهي، ان ڪري ان جي نفسيات جو خيال ڪرڻ لازمي آهي. ڪي ٻار هر ڪنهن کان پيا صلاحون وٺندا آهن ۽ پوءِ ڪين ڪڏهن صحيح صلاحون ملنديون آهن ۽ ڪڏهن وري غلط. ڪي ٻار وري اهڙا هوندا آهن جو هو پنهنجيون ڪمزوريون ۽ خواهشون ڪنهن سان بہ ناهن ونڊيندا. نتيجي ۾ اهڙن ٻارن جو ٽئلنٽ اندر ئي اندر ۾ مري وڃي ٿو. ان ڪري استادن ۽ والدين جي

اها ذميواري ٿئي ٿي تہ هو ٻار لاءِ آسانيون پيدا ڪن، جيئن هو مايوسي جو شڪار نہ ٿين.

حڪومت کي بہ ان سلسلي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪريئر ڪائونسلر اسڪول ۽ ڪاليج سطح تي مقرر ڪرڻ گهرجن، جيڪي شاگردن جي رهنمائي ڪري سگهن تہ جيئن مڪمل منصوبابندي سان انساني وسيلن کي استعمال ڪيو وڃي. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ پوءِ اهي انساني وسيلا ضايع ٿيندا رهندا، جيڪو فردن ۽ قوم جو وڏو نقصان آهي.

(هي ليک ماهوار همسري رسالي جي مارچ 2018 واري شماري ۾ شايع ٿيو)

## ايندڙ حڪومت کي تعليم جي بهتري لاءِ ڪجھ گذارشون

سموري ملڪ سميت سنڌ ۾ 25 جولاءِ تي اليڪشن ٿي چڪي، عوام پنهنجا نمائندا چونديا، جيڪي ڪجھ ڏينهن ۾ اسيمبلين ۾ وڃي پنهنجي پنهنجي عهدي جو حلف کڻندا. عوام کي حڪومت مان وڏيون اميدون آهن ۽ هئڻ بہ کپن تہ ايندڙ حڪومت بيروزگاري، بدامني، لاقانونيت، توانائي جي بحران، زراعت جي تباهي، تعليم ۽ صحت جي تباهي سميت انيڪ مسئلن کي حل ڪندي.
اڄ هتي اسان تعليم جي شعبي جي حوالي سان ايندڙ حڪومت کي ڪجھ گذارشون بہ ڪنداسين ۽ ڪجھ اهم مسئلن کي بحث هيٺ بہ آڻينداسين. اسان تعليم جي شعبي کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا، جنهن ۾ هڪ حصو پرائمري يا بنيادي تعليم، ٻيو حصو سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري تعليم ۽ ٽيو حصو ٽرشري تعليم يعني يونيورسٽي جي تعليم. اسان هر هڪ حصي تي الڳ الڳ بحث ڪنداسين ۽ ان ۾ موجود مسئلن جو بہ ذڪر ڪنداسين ۽ ان سان گڏوگڏ انهن مسئلن جي حل لاءِ وس آهر صلاحون بہ ڏينداسين.

### 1. پرائمري تعليم

پرائمري تعليم ٻار جو تعليمي بنياد هوندو آهي، جتان هو پنهنجو تعليمي سفر شروع ڪندو آهي. اهو سفر ٻار لاءِ خوشگوار بہ ٿي سگهي ٿو تہ ساڳي وقت خوفناڪ ۽ اٻوٽندڙ بہ ثابت ٿي سگهي ٿو. ان جو سڄو دارومدار ان ڳالھ تي آهي تہ اسان تعليم ادارن ۾ ٻارن کي ماحول ڪهڙو ٿا ڏيون؟ ڇا ٻار کي سڀ بنيادي سهولتون ملن ٿيون؟ مون اهو مشاهدو ڪيو آهي تہ سنڌ جي اڪثر اسڪولن خاص طور تي ٻهراڙي جي اسڪولن ۾ ٻارن وٽ اسڪول جو تصور ايڏو سنو ناهي. ٻار اسڪول وڃڻ کان لنوائيندا آهن. گهڻن ٻارن کي اسڪول کان نفرت هوندي آهي. اسان ڪڏهن اهو سوچيو آهي تہ اهو آخر ائين ڇو آهي؟ نہ تہ اسڪول تہ ايڏا وڻندڙ هجڻ گهرجن جو ٻار اسڪول ويندي خوشي محسوس ڪري.
منهنجي خيال ۾ ان جو سبب اهو اهي جو ٻار کي بنيادي سهولتون ئي نٿيون ملن. جنهن ۾ فرنيچر، بلڊنگ، بجلي، ٻاٿ روم وغيرھ. اڪثر اسڪولن ۾ استادن جي بہ کوٽ آهي. ان ڪري اسڪول ۾ ٻار گهٽا هجڻ ڪري هڪ استاد انهن کي بهتر نموني نٿو پڙهائي سگهي. نتيجي ۾ ڪتي ڪتي استاد تنگ ٿي ٻارن تي سختي بہ ڪن ٿا. ان ڪري ٻارن ۾ دلچسپي گهٽجي ٿي وڃي. ٻيو تہ ڪافي وقت کان ساڳيا ۽ مدي خارج ڪورس وارا ڪتاب ٻارن کي پڙهايا وڃن ٿا، جن ۾ اڄ جي دور جي حوالي سان ڪاٻہ خاص ڳالھ ناهي. چار چار ڪتابن کي ملائي هڪ وڏو ڪتاب ناهيو ٿو وڃي، جنهن کي ڏسي ٻار ڊڄي ٿو وڃي تہ هيڏو وڏو ڪتاب ڪيئن پڙهندس؟؟
ان ڪري مان حڪومت کي اها گذارش ڪندس تہ اسڪولن کي بنيادي سهولتون ڏنيون وڃن تہ جيئن اهي ٻارن لاءِ هڪ وڻندڙ جاءِ جو ڏيک ڏين. ڪورس کي اپگريڊ ڪري ان ۾ جدت آندي وڃي جيڪو اڄ جي دور مطابق هجي. جتي جتي استادن جي کوٽ آهي، ان کي پورو ڪيو وڃي. اڳ موجود استادن جا تربيتي ورڪشاپ ڪرايا وڃن، جن ۾ انهن کي پڙهائڻ جا نوان طريقا ۽ ٻار جي نفسيات کي سمجهڻ بابت ٽريننگ ڏني وڃي. پرائمري اسڪولن ۾ بہ ڪلاس سسٽم هلايو وڃي. هڪ استاد سڀ سبجيڪٽ نہ پيو پڙهائي پر هڪ سبجيڪٽ الڳ الڳ استاد پڙهائي. ان سان ٻارن جي ڄاڻ ۾ بہ اضافو ٿيندو ۽ انهن ۾ دلچسپي پيدا ٿيندي. ان سان گڏوگڏ استاد تي بہ وڌيڪ بوجھ نہ ٿيندو. ممڪن ٿي سگهي تہ ٻار کي ڪمپيوٽر جي تعليم بہ ڏجي تہ جيئن هن ۾ دلچسپي پيدا ٿيڻ سان گڏوگڏ ڪمپيوٽر بابت ڄاڻ بہ وڌندي. منهنجي خيال ۾ ان قسم جون تبديليون ڪري پرائمري تعليم کي بهتر ڪري سگهجي ٿو.

### 2. سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري تعليم

تعليم جي شعبي جي هن حصي ۾ هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج اچي ٿا وڃن. هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج کي الڳ الڳ سبجيڪٽ اسپيشلسٽز جي ضرورت هوندي آهي. هنن تعليمي ادارن ۾ ٻار پنهنجو پروفيشنل ڪيرئير ناهڻ طرف روان دوان هوندو آهي. اتي هن کي مخصوص سبجيڪٽس جا استاد ئي ناهن ملندا. مون اهو نوٽ ڪيو اهي ته اسان وٽ خاص طور تي ڪاليجن ۾ سائنس جي سبجيڪٽز جا استاد نه هئڻ برابر هوندا آهن. نتيجي ۾ آرٽس وارا استاد سائنس جا سبجيڪٽ پيا پڙهائيندا آهن. ان سان انهن استادن سان ٻه ناانصافي آهي جو هو ڪوٺ ۾ پنهنجو سبجيڪٽ پڙهائڻ بجاءِ ٻيو سبجيڪٽ پيا پڙهائين ۽ ٻار سان ٻه ناانصافي آهي جو هو سائنس جو اهم سبجيڪٽ صحيح طريقي سان نٿو پڙهي سگهي. هتي هڪ ٻيو ٻه اهم مسئلو آهي جو هنن ادارن ۾ نائين ڪلاس کان وٺي ٻارهين تائين امتحان مختلف امتحاني بورڊ وٺن ٿا. جيڪي پنهنجو ڪم درست نٿا ڪن ۽ نتيجي ۾ ڪاپي سميت ڪرپشن جا ٻيا قسم جنم وٺن ٿا. امتحاني بورڊ رڳو ڪمائي جو ذريعو بڻيل آهن. جيڪي بهتر طريقي سان ٻارن کان امتحان ٻه نٿا وٺي سگهن. نتيجي ۾ ٻار ڪاپي جو سهارو وٺن ٿا ۽ سندن صلاحيتون تي ٻه ناڪاري اثر پون ٿا. حڪومت کي گهرجي ته سائنس جي سبجيڪٽز جا استاد مقرر ڪيا وڃن. بورڊ جي امتحاني طريقيڪار کي ٻه بهتر ڪيو وڃي ته جيئن شاگرد ڪاپي جهڙي برائي جو سهارو نه وٺن. ڪورس کي ٻه جديد بڻايو وڃي. خاص طور تي سائنس جي سبجيڪٽز فزڪس، ڪيميسٽري، بائيولاجي ۽ رياضي کي دلچسپ ۽ اڄ جي دور جو بڻايو وڃي.

### 3. ٽرشري يا يونيورسٽي جي تعليم

انٽر ڪرڻ ڪانپوءِ شاگرد ڪنهن نه ڪنهن پروفيشنل يونيورسٽي ۾ داخلا وٺندو آهي ته جيئن هو پنهنجي ڪيريئر کي بهتر ڪري سماج ۾ هڪ ڪارگر فرد جو ڪردار ادا ڪري سگهي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي جو اسان وٽ اڪثر شاگرد يونيورسٽي جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ بيروزگاري جي درد مان گذرڻو ٿو پوي. مون نوٽ ڪيو آهي ته ان جو اهم سبب اهو آهي جو يونيورسٽيون رڳو مال ڪمائڻ پويان آهن. ان ڪري حد کان وڌيڪ داخلائون ڪن ٿيون. ان ڪري سندن زور تحقيق تي گهٽ پر رڳو ڊگريون ورهائڻ تي آهي. ظاهر آهي يونيورسٽيون هونديون ئي تحقيق جي لاءِ آهن سو اتي تحقيق ته ٿئي نٿي. ان ڪري ڊگري حاصل ڪيل شخص کي ٻه ڪجھ ناهي ايندو. حڪومت کي گهرجي ته اها يونيورسٽين کي پابند ڪري ته اهي داخلائون موجود وسيلن ۽ سهولتن موجب ڏين. تحقيق تي وڌيڪ زور ڏين. سفارش ڪلچر کي ختم ڪن. شاگردن کي مواد جديد دور جو پڙهايو وڃي ته جيئن شاگردن ۾ اعتماد پيدا ٿئي ۽ سندن ليڊرشپ واريون صلاحيتون بهتر ٿين. سائنس جي سبجيڪٽز ۾ پڙهندڙ شاگردن کي تجربيگاهن ۾ تجربا ڪرايا وڃن ته جيئن هو پريڪٽيڪلي شين کي سمجهي سگهن.

اهي منهنجي مشاهدي م ايندڙ ڪجھ مسئلا ۽ انهن جا حل آهن، جن تي عمل ڪري تعليمي بهتري آڻي سگهجي ٿي. چو ته تعليم کان سواءِ سنڌي سماج جو سڌارو ممڪن ناهي. اسان هونئن ئي تعليم جي ميدان ۾ دنيا ته ٺهيو پر ملڪي سطح تي ٻه سيني کان پويان آهيون. ان ڪري منهنجي گذارش آهي ته ايندڙ حڪومت پنهنجي ترجيحن ۾ تعليم کي سيني کان مٿي رکي ته جيئن اسان جو معاشرو بهتري طرف سفر ڪري سگهي..

(هي ليک روزاني سنڌ ايڪسپريس اخبار جي سنڌي ميگ ۾ 5 آگسٽ 2018 تي شايع ٿيو)

# ماحولياتي تعليم جي اهميت ۽ اسان جو مستقبل

اسان پنهنجي ماحول کي جنهن تيزي سان تباهه ۽ برباد کيو آهي، ان مان اها ڳالهه صاف ظاهر آهي تہ اسان ڪڏهن بہ اهو نہ سوچيو هو تہ ڪو پاڻي بہ ختم ٿيندو، وڻ ۽ ٻوٽا بہ ڪو ختم ٿيندا، ڇا جيت ۽ جانور بہ ختم ٿيندا؟؟!! اسان تمام بيدردي سان پاڻي جو استعمال ڪري نہ رڳو ان جي کوٽ واري عذاب کي ڀوڳي رهيا آهيون، پر اسان موجود پاڻي کي بہ گدلو ڪري غلاظتن سان ڀري ڇڏيو آهي. جنهن ۾ ڪارخانن ۽ اسپتالن جي گند کان وٺندي شهرن جي ڊرينيج کي بہ ان پاڻي ۾ ملائي، مختلف بيمارين کي دعوت ڏني پئي وڃي. ان بيدردي جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو هاڻي اسان پاڻي جي ڦڙي لاءِ پريشان آهيون. زراعت لاءِ تہ پاڻي ملڻ مشڪل ٿي پيو آهي، پر هاڻي تہ ماڻهن جي پيئڻ لاءِ بہ پاڻي ناهي.

اهڙي طرح اسان پنهنجي چوڌاري، وڻن ۽ ٻوٽن بہ ڏاڍي بيرحمي سان وڍي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، جنهن سان بہ اسان جو ساهه سوڙهو ٿيندو پيو وڃي ۽ اسان اڃا بہ بيخبري ۽ مظلوميت جي عالم ۾ پيا هلون. ڪو وقت هوندو جو اسان وٽ وڏا وڏا ٻيلا هوندا هئا، هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ هوندي هئي. ان ڪري سڄو ايڪو سسٽم بهتر هوندو هو. برساتون بہ پنهنجي وقت تي پونديون هيون، سردي بہ پنهنجي وقت تي ڀرپور ايندي هئي ۽ اهڙي طرح گرمي بہ پنهنجي معمول تي ٿيندي هئي. پر جڏهن کان اسان وڻن کي وڍڻ شروع ڪيو آهي ۽ ان جي جڳهہ تي ڪارخانا ۽ فيڪٽريون ناهڻ شروع ڪيون آهن، تڏهن کان ماحولياتي گندگي عروج تي آهي. ان سان گڏوگڏ اسان وڻ پوکڻ بہ ڇڏي ڏنا آهن ۽ ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ برساتون بہ نٿيون پون ۽ جيڪڏهن پون ٿيون تہ ٻوڏ ۽ طوفان جي شڪل اختيار ڪري ٿيون وڃن. هاڻي جيڪڏهن هاري ٻني ۾ ڪم پيا ڪندا آهن ۽ جڏهن ڪم ڪري ٿڪجي پوندا آهن ۽ سندن دل چوندي آهي تہ گهڙي ڪن ساهي کڻجي تہ انهن هارين کي ٻني ۾ ويهڻ لاءِ ڇانورو ناهي ملندو، ڇو تہ انهن خود ئي وڻن کي وڍي تهس نهس ڪري ڇڏيو آهي. هي اسان جي جياپي جي حوالي سان تمام خوفناڪ صورتحال آهي. جنهن جي باري ۾ اسان جي عام ماڻهو کي نہ ڪا خبر آهي ۽ نہ وري ڪو فڪر آهي.

اهڙي طرح ڪيترن ئي جانورن، جيتن ۽ پکين جا نسل بہ اسان ماري ختم ڪري ڇڏيا آهن، جيڪي اسان جي جيئاپي لاءِ تمام ضروري هئا. هڪ تہ اسان بيرحمي سان شڪار ڪري مختلف جانور ۽ پکي ماري ڇڏيا آهن ۽ ٻيو تہ اسان پاران پيدا ڪيل ماحولياتي آلودگي ۾ بہ ڪافي جانور ۽ پکي مري ويا آهن. ان سان گڏوگڏ زراعت ۾ فصلن تي تمام گهڻين دوائن جو استعمال بہ ان تباهي جو سبب آهي. اها تباهي رڳو جانورن نہ انسانن جي صحت تي تمام هاجيڪار اثر ڇڏي ٿي.

ان سموري تباهي کان بچڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسان پنهنجي ماڻهن ۾ ماحول جي حفاظت ۽ صفائي بابت آگاهي ڦهلايون ۽ ان سان گڏوگڏ شاگردن کي ماحول بابت ليڪچر ڏجن.

هن ليک ذريعي حڪومت کي بہ اها گذارش ڪندس تہ Environmental Education جي سبجيڪيٽ کي پرائمري سطح کان لازمي ڪري نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي تہ جيئن شاگردن کي ننڍپڻ کان اها تعليم ملي سگهي. ان سبجيڪيٽ جا استاد بہ ڀرتي ڪيا وڃن جن جي ڊگري Environmental Sciences ۾ هجي. ائين ڪرڻ سان ڪافي بهتري اچي سگهي ٿي.

هن وقت حد اها آهي، جو پاڪستان جو شهر لاهور فضائي آلودگي جي ڪري دنيا جو پهريون نمبر شهر

آهي، جيڪا تمام ڳڻتي جوڳي حالت آهي. ڇو ته اسان نه رڳو معاشرتي پر ملڪي سطح تي به انهن ڳالهين تي ڌيان ناهي ڏنو. ملڪي اين جي اوز به رڳو ماحول جي نالي ۾ پراجيڪٽ وٺي، مال ڪاڏا. باقي ماحول جي حفاظت ڪرڻ بجاء تباهي ڪئي آهي. ملڪي پاليسيون ٺاهيندڙ مختلف وزير ۽ ڪامورا به جڙ ان تباهي کان لاتعلق ٿيل آهن. جن جا مستقبل ۾ اڃا وڌيڪ ڀيانڪ نتيجا نڪرندا.

عالمي ادارو يونيسڪو جنهن جو ڪم عالمي ليول تي امن ۽ ڀائيچارو قائم ڪرڻ آهي، ان پاران به جيڪي ماحولياتي تعليم جا جيڪي مقصد بيان ڪيا ويا آهن اهي هي آهن

1: ماڻهن کي ماحول بابت آگاهي ڏيڻ
2: ماحولياتي مسئلن کي سمجهائڻ
3: انهن ماحولياتي مسئلن جا حل ڳولڻ
4: ٽيڪنالاجي جو درست ۽ مناسب استعمال ڪرڻ
5: پرائمري کان يونيورسٽي سطع تائين environmental studies کي تعليم ۽ نصاب جو حصو بڻائڻ.
6: ماڻهن کي ماحول دوست ۽ ماحول سان پيار ڪندڙ بڻائڻ.
7: ماحولياتي بهتري لاء عملي اپاء وٺڻ.

سو اهڙي قسم جون آگاهي جون عملي مهمون هلائي، اسان نه رڳو پنهنجي ماحول کي بچائي سگهون ٿا پر پنهنجي مستقبل کي به بچائي سگهون ٿا.

(هي ليک، ماهوار همسري رسالي جي فيبروري، 2019 واري شماري ۾ شايع ٿيو).

# زراعت جي تباهي جا تعليمي عمل تي اثر

اسان ان معاشري ۾ ساهه کڻي رهيا آهيون، جنهن معاشري جي 60 سيڪڙو آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ واري اذيت ڀري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. رُڳو پاڻ کي زنده رکڻ لاءِ به ويچاري انسان کي ڪِيترين ئي خواهشن ۽ حسرتن جي قرباني ڏيڻي تي پوي. اسان جي سنڌي سماج جي اڪثر آبادي اڄ به ڳوٺن ۾ رهي ٿي ۽ سندن گذرسفر جو وڏو ذريعو زراعت ۽ چوپايو مال آهي. اسان جا ڳوٺ پنهنجي فطري سونهن سان ته ڀرپور آهن، پر مختلف حڪومتن طرفان ڌيان نه ڏيڻ ڪري اسان جا ڳوٺ بنيادي سهولتن کان به وانجهيل آهن، جن ۾ روڊ رستا، اسپتالون، اسڪول، بجلي، گئس ۽ ٻيون ضرورت جون شيون شامل آهن .

هونئن ته هي سڀ مسئلا الڳ الڳ بحث طلب آهن ۽ انهن جي سڌاري لاءِ سوچجي ۽ عملي ڪم ڪجي، پر هن ليک ذريعي مان پنهنجي پڙهندڙن سان هي ڳالهه بحث هيٺ آڻڻ ٿو چاهيان ته زراعت جي تباهي سان سنڌي سماج جي ڀهراڙي جي ٻار جي تعليم تي ڪهڙا اثر پيا آهن؟؟ ۽ انهن ناڪاري اثرن کي ڪيئن حل ڪجي؟؟

گذريل ڪجهه سالن کان پاڻي جي کوٽ ۽ غيرمنصفاڻي ورڇ جي ڪري سنڌ جي زراعت مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي آهي. ان ۾ به خاص طور تي لاڙ وارو علائقو پوڇڙ ۾ هُئڻ ڪري هڪ ته زراعت لاءِ پاڻي نٿو ملي ۽ ٻئي پاسي سمنڊ روزانو سوين ايڪڙ زمين ڳڙڪائيندو اچي.

ان سڄي صورتحال ۾ هڪ هاري جيڪو پنهنجي سموري ڪٽنب سميت ٻني ۾ ڏينهن رات محنت ڪري ان اپائي ٿو ۽ پنهنجو پيٽ ڪٽي پنهنجي ٻارن کي اسڪولن ۾ پڙهڻ لاءِ موڪلي ٿو، ان جي زندگي ڏاڍي ڏکي ٿي پئي آهي. پاڻي جي کوٽ کان سواءِ زرعي جنسن جا اگهه به گهٽ ڏنا وڃن ٿا. نتيجي ۾ فصل تي ڪيڙي، پاڻ، ٻج ۽ تيل جو خرچ به ويچاري هاري جي ڳچي ۾ پوي ٿو ۽ هو نسل در نسل قرض جي چڪي ۾ پِسجندو رهي ٿو.

پڙهڻ ۽ پڙهائڻ سان تعلق هئڻ ڪري، مان روز اهڙا ڪوڙ شاگرد ڏسندو آهيان، جيڪي اسڪول اچڻ ۾ به مجبور هوندا آهن. ڪين ڪا سواري به ناهي ملندي جو هو ڳوٺن مان سفر ڪري ويجهن شهرن ۾ اچي پڙهي سگهن. ڪافي شاگرد اسڪول مان غير حاضر رهندا آهن. جڏهن سبب پڇندا آهيون ته پٽ اسڪول چو نٿا اچو ته چوندا سائين مون پنهنجي بابا سان مزدوري پي ڪرائي يا وري لاٻارو پي ڪيو يا وري ڦُٽين ۽ ٽماٽن جي چوُنڊائي پي ڪئي وغيره وغيره. ان ڪري نه اچي سگهيس ۽ اجا ڪجهه ڏينهن ٻيا به نه اچي سگهندس. سچ پڇو سندن اهي لفظ ٻڌي جيءُ جهري پوندو آهي. اهي ٻار، جن جي هٿن ۾ سنا سنا ڪتاب، پينون ۽ ڪاپيون هجڻ گهرجن اهي معصوم هٿ پيٽ جي باهه اجهائڻ لاءِ مزدوري ۾ مشغول آهن.

تعليم هونئن ئي اسان جي عام ماڻهو جي ترجيحات ۾ ئي ناهي. ويتر زراعت جي تباهي کان پوءِ هاري چوي ٿو ته ٻار اسڪول موڪلڻ جيترا پئسا ناهن، سو ڇوڪريون ويهي گهر جو ڪم ڪار ڪن ۽ ڇوڪرا وڃي مزدوري ڪن. مزدوري ڪندا ته پنهنجو پيٽ پاري سگهندا ۽ پڙهندا ته نوڪري هونئن به نٿي ملي پڙهي ڇا ڪندا!!!....

تعليم ته شعور جو ۽ ٻري ڀلي ۾ فرق جو نالو آهي، پر طبقاتي سماج ۾ تعليم رڳو نوڪري حاصل ڪرڻ جو نالو آهي. اُن طبقاتي سماج ۾ ئي اميرن لاءِ تعليم الڳ آهي ۽ غريبن لاءِ الڳ آهي. سرندي وارا ماڻهو پنهنجي اولاد کي وڏن وڏن خانگي ادارن ۾ داخل ڪرائي ۽ ٽيوشنز پڙهائين ٿا ۽ اتي غريب

جي ٻار کي صبح جو نيرن ۾ چانهه جو ڪوپ بہ نٿو ملي. پيرن ۾ پائڻ لاءِ بوٽ تہ وڏي ڳالهہ آهي، پر ڪا موچاري چپل بہ نٿي ملي. سردي جي موسم جو سيءُ کان بچڻ لاءِ ڪا جرسي يا سُئيٽر بہ ناهي هوندو. اسڪول جي ڊريس وٺڻ انهن ٻارن لاءِ وڏي تڪليف آهي. غذائي کوٽ جي ڪري ڪافي شاگرد مختلف بيمارين جو شڪار ٿين ٿا ۽ پنهنجي تعليم جاري نٿا رکي سگهن.

طبقاتي تعليمي نظام ڏسي ڪري اڪثر ٻار نفسياتي مونجهارن جو بہ شڪار ٿين ٿا ۽ احساس ڪمتري ۾ هليا وڃن ٿا. هن سماجي اڻبرابري ۽ ناانصافي جي ڪري ڪيترائي باصلاحيت ٻار هر سال تعليم کان محروم رهن ٿا ۽ جيڪي ادارن ۾ داخل ٿين ٿا، سي مناسب خرچ نہ ملڻ ڪري تعليم اڌ ۾ ڇڏي وڃي مال چارين ٿا يا وري مزدوري ڪن ٿا.

زراعت جي موجوده تباهي عام ماڻهو کي پِنڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري غريب لاءِ اولاد کي اسڪول تي موڪلڻ ۽ سندس خرچ پکو ڏيڻ ۽ ان جي حاضري کي يقيني بڻائڻ بهتر کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي.

هي اسان جي سماج جو هڪ تمام وڏو مسئلو آهي، جنهن جا تمام خوفناڪ اثر سامهون اچن پيا ۽ مستقبل ۾ بہ ايندا. ان جي حل لاءِ حڪومت کي عملي اپاءَ وٺڻ گهرجن ۽ سرندي وارين ڌرين کي بہ اسان جي هاري ۽ پورهيت طبقي سان گڏجي بيهڻ گهرجي، ان جي ڏکن ۾ ان جو ڀرجهلو ٿيڻ گهرجي ۽ ان سان ٿيندڙ ناانصافي تي آواز اٿارجي. باقي ڪم رڳو ڏيکاءَ، فوٽو سيشنز ۽ سوشل ميڊيا جي واهہ واهہ تائين محدود نہ هجن، پر عملي طور بہ نظر اچن تہ پلو ٿيندو. اهو ڪرڻ سان سماج ۾ مثبت تبديلي جي روايت جنم وٺندي ۽ اسان جو مستقبل روشن ٿيندي نظر ايندو.

(هي ليک ماهوار همسري رسالي جي ڊسمبر 2018 واري شماري ۾ شايع ٿيو.)

# ٻارن ۽ نوجوانن کي وڻن سان پيار ڪرڻ سيکارجي

اڄڪلهہ سموري دنيا ۾ گلوبل وارمنگ ۽ ماحولياتي تبديليون گهٽتي جوڳي صورتحال اختيار ڪري چڪيون آهن. ڌرتي جي گولي جو گرمي پد روز بروز وڌي پيو, جيڪو جاندارن جي جياپي لاءِ تڪليفون پيدا ڪري پيو. زهريلي مادن جي استعمال جي ڪري زمين کان مٿي 20 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي موجود اوزون جو تهہ بہ تباهہ ٿي رهيو آهي, جيڪو انتهائي خطرناڪ آهي.
دنيا جا سڌريل ملڪ صنعتون جام هئڻ ڪري زهريليون گئسون خارج ڪري دنيا جي ماحول کي آلودگي جي نظر ڪن پيا پر انهن جي ان عمل جو وڏيڪ نقصان اسان جهڙا معاشرا ٿا ڀوڳين, جتي ڪو بہ نظام ناهي. سڌريل ملڪن وٽ سٺو نظام ۽ بهتر انفرا اسٽرڪچر هجڻ ڪري ڪنهن طوفان, زلزلي يا وري ڪنهن ٻوڏ جي صورت ۾ نقصان تمام ٿورو ٿيندو آهي. اسان وٽ ڪو نظام ناهي, ان ڪري اسان وٽ خوشگوار برسات بہ عذاب ٿي پوندي آهي .
ان سڄي تباهي جو وڏو سبب وڻن ۽ جهنگلات جو وڍجڻ آهي. اسان وڻ پوکيون تہ ٿا پر جيڪي وڻ موجود آهن انهن کي بہ وڍي ختم ڪري ڇڏيو آهي. وڻن جي اهميت بابت اسڪولن, ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي نوجوانن باقاعدي ٻڌائجي ۽ عملي طور وڻ پوکي ۽ انهن جي سارسنڀال ڪرڻ جي ضرورت آهي, ڇو تہ اهي ٻار ۽ نوجوان هن معاشري جو مستقبل آهن.
منهنجي خيال ۾ وڻن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ وڻڪاري جون مهمون شروع ڪجن جيڪي رڳو فوٽو سيشن ۽ تصويري نمائش تائين محدود نہ هجن. اتي شاگردن کي اهو احساس ڏيارجي تہ توهان کي پوکيل ٻوٽن کي نپائي وڏن وڻن ۾ تبديل ڪرڻو آهي, تڏهن ئي اسان جو مقصد حاصل ٿيندو. ان سان گڏوگڏ ادارن ۾ ماحولياتي تبديلين ۽ وڻن جي اهميت تي سيمينار ڪرائڻ گهرجن. ماحوليات جي ماهرن جا ليڪچر ڪرايا وڃن. پنهنجي گهرن ۾ ڪچن گارڊن کي هٿي ڏجي. شاگردن کي مختلف باغن جا اسٽڊي ٽوئر ڪرائجن تہ جيئن کين اهو احساس ٿئي تہ وڻن جي موجودگي ڪيڏي نہ خوشگوار ۽ دلفريب آهي.
بهار جي موسم ۾ ٻارن جا وڻن جي ڇانو ۾ بہ ڪلاس وٺي سگهجن ٿا جنهن سان کين وڻن جو احساس ۽ فطرت سان ويجهو ٿيڻ جو موقعو ملندو. اڄ جي جديد دور ۾ نوجوان رڳو مختلف شين جي پويان لڳل آهي پر فطرت سان پيار ڪرڻ هن ڇڏي ڏنو آهي.
حڪومت کي منهنجي اها اپيل هوندي تہ اها انوائيرومينٽل سائنس جي سبجيڪٽ کي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ نصاب جو حصو بڻائي ۽ ان جا انسٽرڪٽر مقرر ڪري تہ جيئن ٻارن ۾ اهو احساس ۽ ڄاڻ ننڍي عمر کان ئي پيدا ٿئي. اخبارن ۽ رسالن کي ماحوليات تي مواد شايع ڪرڻ گهرجي, سلجهيل ماڻهن کي سوشل ميڊيا تي ان ڳالهہ کي هٿي ڏيڻ لاءِ لکڻ ۽ عملي ڪم ڪرڻ گهرجي. مختلف ٽي وي چئنلز وڻن ۽ جهنگلات جي بچاءَ بابت ڊاڪيومينٽريز ۽ پروگرام نشر ڪرڻ گهرجن. ماحوليات تي ڪم ڪندڙ مختلف اين جي اوز ۽ سرڪاري ادارن کي بہ سنجيدگي سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.ان سان گڏوگڏ ٻارن کي ڊسڪوري يا نيشنل جيوگرافڪ يا وري اينيمل پلينيٽ جهڙا چينل ڏسڻ لاءِ بہ اتساهجي.

منهنجي خيال هيٺين سطح کان اهڙيون ڪوششون وٺڻ سان ماحول جي بهتري ممڪن آهي. ڇو ته انهي سان ئي اسان جو مستقبل وابسته آهي. نه ته ائين سدائين جي لاءِ اسان پاڻي, ڇانوري ۽ سڪون لاءِ تڙپندا رهنداسين ۽ زلزلن, طوفانن ۽ ٻوڏن جي ور چڙهندا رهنداسين. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ان حوالي سان عملي ڪوششون وٺجن.

(هي ليک ماهوار همسري رسالي جي اپريل 2018 واري شماري ۾ شايع ٿيو)

# ٻارن کي پيار بہ ڏيو ۽ انهن جي عزت بہ ڪريو!

ٻار معاشري جي سڀ کان معصوم، پياري ۽ سچي تخليق آهي. ٻار، جنهن جي دل ۾ ڪو ساڙ حسد ناهي هوندو. اهو ئي ٻار هن بيرحم سماج ۾ سڀ کان وڏيڪ تڪليف پوڳي ٿو. هو اهو گلاب آهي جنهن کي اڪثر لتاڙيو وڃي ٿو. ٻارن جي حسرتن ۽ خواهشن جو هتي قتل ڪيو وڃي ٿو. انهي معصوم ٻار کان جبري پورهيو بہ ڪرايو ٿو وڃي، ڪيس جنسي ڏاڍائي جو شڪار بہ بڻايو ٿو وڃي. سندس معصوم عملن تي بہ ڪيس ماريو ۽ ڪٽيو ٿو وڃي. اهو ئي ٻار ڪڏهن ڪڏهن وڏن کان اهڙا سوال پڇي ڪين لاجواب ڪري ڇڏيندو آهي، جيڪي وڏن جي ذهن ۾ ڪڏهن آيا بہ نہ هوندا. ان ٻار کي اسان جو معاشرو ئي ڪوڙ ڳالهائڻ سيکاري ٿو. وڏن کي نشيدار شيون واپرائيندو ڏسي اهو ٻار بہ نشو ڪري ٿو. لالچ ۽ لوڀ بہ هي معاشرو ئي ٻار کي سيکاري ٿو. مان تہ ائين چوندس تہ ٻارن سان پيار بہ ڪيو وڃي ۽ گڏوگڏ ان جي عزت بہ ڪئي وڃي. هي ڳالهہ بہ مون کي عجيب لڳندي آهي تہ جڏهن بہ ڪو عمر جو وڏو ماڻهو ڪو غلط ڪم ڪندا آهن تہ چيو ويندو آهي تہ صفا ٻاراڻيون حرڪتون پيو ڪرين....... غلط ڪم تہ وڏي عمر وارا وڌيڪ ٿا ڪن. ٻار ويچاري جون تہ معصوم هجتون هونديون آهن. پنهنجي امڙ بابي ۽ استاد سان ايترو پيار ڪير بہ نہ ڪندو هوندو جيترو اهو ٻار ڪري ٿو. , مان اسڪول وڃي صبح صبح ڪلنڌڙ گلڙن جا چهرا ڏسي , تازو ۽ توانو ٿي ويندو آهيان. ائين لڳندو اٿم تہ ڪنهن ٿڌڙي هير جو جهوٽڻو منهنجي اندر مان گذري ويندو آهي.

اسان جو ٻار تمام گهڻو باصلاحيت آهي پر ڏاڍو ڏک ٿيندو اٿم جڏهن ان ٻار کي ٻڪن ۾ پاهہ، بيمارين ۾ ورتل، ڪنو پاڻي پيئندي، مارون کائيندي, , ذلتون سهندي، قاتل ڪپڙن ۽ پيرن ۾ جتي بغير ڏسندو آهيان. ٻار پيار جو طلبگار آهي بس...... هو پيار جي ٻولي سمجهي ٿو ۽ پيار جا گيت گنگنائي ٿو. ٻار اسان جو مستقبل آهن، انهن جي عزت ڪريو. هي اهي گلاب آهن جن جي سهڻي نموني پالنا ڪئي وڃي تہ هي دنيا کي من موهيندڙ خوشبوء سان مهڪائي ڇڏيندا.

(هي ليک ٻارن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان لکيو ويو، جيڪو ڪاوش اخبار جي مدويڪ مئگزين ۾ 27 ڊسمبر 2017 تي شايع ٿيو).

# احساسن جو موت

اڄ جي تيز رفتار هلندڙ دنيا ۾ احساس ۽ قدر تمام تيزي سان ختم ٿيندا پيا وڃن. اڄ جي ماده پرست سماج ۾ ماڻهن ۽ انهن جي احساسن جي اهميت ناهي، اهميت آهي ته رڳو شين جي جيڪي اسان استعمال ڪري اُڇلي ٿا ڇڏيون.

اها ڳالهه ايتري انتها تي وڃي پهتي آهي، جو هاڻي ماڻهن کي به شين وانگر استعمال ڪيو ٿو وڃي ۽ ڪم نڪرڻ ڪانپوءِ شين وانگر انهن کي اُڇلائي ٿو ڇڏجي .

ننڍين سان پيار، وڏن جو ادب، وقت جي پابندي، سچائي، ايمانداري، خوش اخلاقي سميت سمورا قدر ۽ خوبصورت روايتون ماضي جو حصو ٿي، رڳو ڪتابن تائين محدود ٿي ويون آهن، عملي طور تي اهي قدر اٽلي ٿي پيا آهن. هر طرف اسان کي ڪو نه ڪو تماشو نظر اچي ٿو. ڪير ڪنهن مان خوش ناهي. سهپ ۽ رواداري واري خوبصورت روايت به اسان جي سماج مان تيزي سان موڪلائيندي پئي وڃي. ننڍي ننڍي ڳالهه تي ماڻهو ماڻهو کي مارڻ لاءِ تيار ٿي ٿا وڃن.

ٻين کي ايذائڻ ۾ به ماڻهن ايڏي انتها ڪري ڇڏي آهي، جو جيڪڏهن هٿن سان ڪنهن کي ايذائي نٿا سگهن ته زبان سان لفظن جا تير هڻي سامهون واري شخص کي زخمي ضرور ڪن ٿا. چوندا آهن ته تلوار جا زخم ته ڇٽي سگهن ٿا پر زبان جا ڏنل زخم مرڻ گهڙي تائين رهندا، نه وسرندا ۽ سدائين لاءِ درد جو سامان ٿي پوندا آهن.

معاشري جا اهي انتهائي رويا ڏسي، ڪافي حساس دل ۽ امن پسند ماڻهو خاموشي اختيار ڪري، تنهائي واري زندگي گذارڻ لڳا آهن. ڏاڍي افسوس سان لکڻو ٿو پوي ته اها افسوسناڪ صورتحال رڳو اڻپڙهيل ماڻهن جي ناهي پر پڙهيل لکيل ۽ سلجهيل ماڻهن جا رويا به تمام ڏکوئيندڙ آهن. اسان رڳو جائزو پنهنجي اديبن جو وٺون ته اُهي ڇا پيا ڪن؟؟ اُهي اديب سماج ۾ مثبت تبديلي آڻيندڙ شخص هوندا آهن پر اسان وٽ اهي به تخليقي ڪم ڪرڻ بجاءِ هڪٻئي تي الزام لڳائڻ ۾ پورا آهن. اسان جي علمي ادبي ادارن کي به اهڙن ماڻهن پنهنجي ذاتي انائن جي ڪري تباهه ڪري ڇڏيو آهي، نتيجي ۾ انهن ادارن ۾ به سماجي ڀلائي لاءِ ڪم نه ٿيڻ برابر ٿئي پيو.

سو، هن وقت اسان جو سماج جنهن تيزي سان اهي سڀئي سنايون وڃائي پيو، سا ڏاڍي افسوسناڪ صورتحال آهي ۽ ان جا مستقبل ۾ اڃا به تمام خوفناڪ نتيجا نڪرندا.

مان هن ليک ذريعي پنهنجي استاد دوستن کي به صلاح ڏيندس ته توهان پنهنجي شاگردن جي اهڙي تربيت ڪيو جو اُهي انهن قدرن ۽ اسان جي سُهڻين روايتن جي پاسداري ڪن. ڇو ته اِهي روايتون تاريخي طور تي اسان جو قيمتي ورثو رهيون آهن. اهي شاگرد ئي سڀاڻي اسان جي معاشري جي مختلف ادارن کي سنڀاليندا. اڄ جيڪڏهن اسان هنن کي سچائي، ايمانداري، خوش اخلاقي، وڏن جو ادب ۽ ننڍين سان پيار سميت سيني سٺين روايتن جو درس ڏينداسين ته اڳتي هلي هو سماج جا حساس ۽ ڪارائتا فرد ٿيندا، جيڪي ٻين جي حقن ۽ احساسن جو خيال رکندا.

احساس ناهي ته پوءِ ڊاڪٽر، انجنيئر سميت هر شعبي جو ماڻهو رڳو پئسا ڪمائيندڙ روبوٽ ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي. ان ڪري شاگردن جي اخلاقي تربيت تمام ضروري آهي.

ان سان گڏوگڏ اسان جي سلجهيل دوستن ۽ اديبن تي به اهو فرض ٿئي ٿو ته هو احساسن جي قدر جي

پرچار ڪن. اهڙي قسم جا ليک لکن يا مختلف پروگرام ترتيب ڏين جو ان ۾ ماڻهن کي اهڙي قسم جو شيون سکڻ جو موقعو ملي.
اسان اهي ننڍا ننڍا سنا ڪم ڪري پنهنجي معاشري کي خوشگوار بڻائي سگهون ٿا، جيڪو سهپ، ڀائپي ۽ امن جو مثال هوندو. ان طرح اسان پنهنجي معاشري جي حساس ماڻهن کي به احساس محرومي مان ڪڍي ويندا سين ۽ اهي به اسان جي سماج ۾ تنها رهڻ بجاءِ پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻ شروع ڪندا.

(هي ليک روزاني عبرت اخبار جي ادبي صفحي تخليقڪار ۾17 ڊسمبر 2018 تي شايع ٿيو.)

## اسان جي نوجوانن کي درپيش ايندڙ مسئلا

ڪنهن به سماج جي ترقي ۾ ان سماج جي نوجوانن جو ڪردار هوندو آهي ۽ اهو ئي چيو ويندو آهي ته قومن جي تقدير نوجوانن جي هٿن ۾ هوندي آهي. هڪ ته انهن وٽ ڪم ڪرڻ جو جذبو موجود هوندو آهي ۽ ٻيو ته انهن وٽ توانائي ۽ ڀرپور صلاحيتون موجود هونديون آهن. اسان جي ملڪ جي ڪل آبادي جو تقريبن 63 سيڪڙو فردن 25 سالن جي عمر اندر اچي ٿو. ان جو مطلب ته هن ملڪ جي آبادي جو وڏو حصو نوجوانن تي مشتمل آهي پر تمام افسوس ۽ تڪليف سان لکڻو ٿو پوي ته اسان جو نوجوان هن وقت انيڪ مسئلن جي ور چڙهيل اهي ۽ ڪيس ڪا به بهتر رهنمائي نه پئي ملي. نتيجي ۾ نوجوان يا ته ذهني مريض ٿي زندگي گذارين ٿا يا وري خودڪشي ڪري زندگي جو ڏيئو اجهائي ٿا ڇڏين.
نوجوانن جو وڏو انگ هجڻ ڪري هڪ ته انهن کي بنيادي تعليم به نٿي ملي. پر ان باوجود به ڪافي نوجوان پنهنجي محنت ڪري يونيورسٽين ۾ داخلا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ٿا وڃن. پر اتي ڪين نه ته بهتر طريقي سان سيڪاريو يا پڙهايو ٿو وڃي ۽ نه ئي ڪين اڳتي نڪرڻ جا موقعا يا رهنمائي فراهم ڪجي ٿي. نتيجي ۾ اهي نوجوان ڊگريون وٺي بيروزگاري جو طوق پنهنجي ڳچي ۾ وجهي زندگي گذارين ٿا ۽ نااهلي جا طعنا سهندا وتن ٿا.
وڏو ظلم اهو به آهي، اسان وٽ ادارا تباھ حال لڳا پيا آهن، جن ۾ اها صلاحيت ئي ناهي جو هو سماج کي ڪارائتا فرد ڏئي سگهن. ٻيو ته ڪنهن به اداري جو مثال وٺو، اتي جيڪي ماڻهو اڳ موجود آهن، سي سينيارٽي جي نالي ۾ نوجوانن کي اسپيس ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. ڪين اها خبر آهي ته انهن انيڪ مسئلن باوجود اڄ جو نوجوان تمام باصلاحيت ۽ ٽيڪنالاجي ۾ مهارت رکندڙ آهي پر ان سان گڏوگڏ ڪين اهو به پتو آهي ته جيڪڏهن اهو نوجوان ادارن ۾ اچي ويو ته سندن سالن کان موجود بادشاهت ختم ٿي ويندي. توهان ڪهڙو به ادارو ڪڍو پوءِ اهو يونيورسٽي هجي يا وري ڪهڙي به ڪاتي جو ڪو به ادارو هجي اتي سالن کان موجود مافيائون ادارن کي تباھ ڪري رهيون آهن ۽ نوجوانن کي داخلائن، ڊگرين، نوڪرين ۽ انٽرويوز جي نالي ۾ روز پريشان ۽ خوار ڪرڻ جو سلسلو روز جاري ساري آهي.
اسان جي نوجوان غربت جي چڪي ۾ به پيسجندو رهي ٿو. اسان جو سماج زرعي سماج آهي ۽ ان جي آبادي جو وڏو حصو ڳوٺن ۾ رهي ٿو. اسان جا ڳوٺ ڪافي عرصي کان بنيادي سهولتن کان واجهيل آهن، جنهن ڪري نوجوانن کي اڳتي نڪرڻ جا موقعا نٿا ملن. ٻيو وري گذريل ڪجھ سالن کان هٽ وٺي سنڌ جي زراعت کي تباھ ڪيو ويو آهي. نوجوان، جن جو معاشي ذريعو صرف زراعت آهي، انهن جي زندگي وڏي عذاب مان گذري رهي آهي. پاڻي جي هٽرادو کوٽ پيدا ڪري، فصلن جي مختلف جنسن جا اگهه ڪيرائي، زرعي دوائون ۽ ٻج مهانگا ڪري وڏو عذاب پيدا ڪيو ويو آهي. جنهن جو وڏو نشانو نوجوان بڻجي پيو، جيڪو ٻنين ۾ محنت ڪري ان اپائي ٿو ۽ نتيجي ۾ ڪيس مايوسي ۽ بک پلئه پوي ٿي. ان ڪري اسان جو نوجوان هن وقت بيروگاري ۽ معاشي تنگي کي منهن ڏئي رهيو آهي.
اسان جي ٻهراڙين ۾ يا انهن جي ويجهو ڪي ڪارخانا يا وري فيڪٽريون به قائم نٿيون ڪيون وڃن جو انهن ۾ نوجوانن کي نوڪري ملي سگهي ۽ هو پنهنجي روزي روٽي جهڙا ٿي سگهن، نه وري ڪي هنري مرڪز ناهيا ٿا وڃن، جتي نوجوانن کي مختلف هنري سکيائون ڏنيون وڃن.
ٻيو ته والدين ۽ معاشري جو اسان جي نوجوانن تي ايترو دباءُ هوندو آهي، جو هو پنهنجو ذاتي ڪو ننڍڙو فيصلو به ناهن ڪري سگهندا ۽ اهو ئي چيو ويندو آهي ته هي ڪلهوڪا ٻار ٿا زندگي جا اهم فيصلا ڪن.؟؟؟

انهن سيني ڳالهين جي ڪري نوجوان پريشان ٿي ڪري نشي واريون شيون واپرائين ٿا، جنهن ۾ گٽڪو، سگريٽ ۽ ٻيون بہ اهڙي قسم جون شيون اچي وڃن ٿيون. جن نوجوانن کي جسماني توڙي ذهني طور معذور ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري نوجوان سماج ۾ ڪو مثبت ڪردار ادا ڪرڻ کان رهجي ٿا وڃن ۽ هر وقت نشي واري حالت ۾ پريشاني جي عالم ۾ رهن ٿا. انهن سيني پريشانين جو پوائنٽو منظر تڏهن سامهون ايندو آهي، جڏهن هو زندگي کان تنگ ٿي خودڪشي ڪري زندگي جو ڏيئو اجهائي ٿا ڇڏين...

انهن نوجوانن ۾ بہ وري ڇوڪرن جي پيٽ ۾ ڇوڪريون وڏيڪ مسئلن جو شڪار آهن. اجا تائين ڪافي هنڌن تي انهن کي انسان ئي تسليم نٿو ڪيو وڃي. ڇوڪرين جو وڏو تعداد هر سال اسڪولن ۾ وڃڻ کان رهجو وڃي. جيڪڏهن ڪجهہ ڇوڪريون انٽرميڊيئيٽ ڪري ٿيون وڃن تہ انهن کي اڳتي پڙهڻ جي اجازت نٿي ملي ۽ نتيجي ۾ هو پنهنجي زندگي جي ارمانن کي اندر ۾ دفن ڪريو ڇڏين.

هن آرٽيڪل ذريعي مون رڳو اهو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ اسان جي سماج کي نوجوانن جو قدر ڪرڻ گهرجي. ان ڏس ۾ والدين، استادن، سرڪاري ادارن ۽ يونيورسٽين کي باقائدہ حڪمت عملي جوڙڻي پوندي، نہ رڳو جوڙڻي پوندي پر ان تي عمل بہ ڪرڻو ۽ ڪرائڻو پوندو تہ جيئن نوجوان پريشانين کان بچي، خودڪشيون ڪرڻ بجاءِ زندگي سان پيار ڪن ۽ هن معاشري کي زندہ معاشرو بڻائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهن.

(هي ليک روزاني سنڌ ايڪسپريس اخبار جي سنڌي ميگ ۾ 4 نومبر 2018 تي شايع ٿيو.)

# سرڪاري نوڪري کان سواءِ روزگار جا ذريعا

اسان جو معاشرو انيڪ مسئلن جي ور چڙهيل آهي. پوءِ اهو ڪرپشن هجي، وڌندڙ آدمشماري هجي، زراعت جي تباهي هجي، بجلي جي لوڊشيڊنگ هجي، تعليمي ادارن جي تباهي يا وري صحت جي سهولتن جي اڻهوند هجي. اتي اسان جي ماڻهو لاءِ روزگار بہ وڏو مسئلو تي پيو آهي، خاص طور تي نوجوان طبقي لاءِ اهو ڪنهن عذاب کان گهٽ ناهي. ماڻهن لاءِ بہ ويلا ماني حاصل ڪرڻ بہ زندگي جي وڏين حاصلاتن کان گهٽ ناهي. جتي وسيلن جي پيڻگ، ميرٽ جو قتل، پنهنجا نوازي، سفارشون، رشوتون، سياسي مداخلتون عروج تي هجن، اتي غريب نوجوان لاءِ روزگار جون سموريون راهون بند ٿي ويون آهن. جنهن جي ڪري نوجوان ذهني مريض ٿي پيا آهن ۽ غلط طريقن سان پنهنجي پيٽ جي باهہ وسائڻ لاءِ مجبور آهي.

طبقاتي سماج ۾ تعليم جو مقصد بہ شعور حاصل ڪرڻ نہ پر تعليم صرف نوڪري حاصل ڪرڻ ۽ گذر سفر جي ذريعي طور سمجهي وڃي ٿي. نوجوان ڊگريون هٿن ۾ ڪنيو وتن مختلف آفيسن اڳيان ڌڪا کائيندا يا وري روڊن تي احتجاج ڪندا. توهان ڪيڏيون بہ شعور جون ڳالهيون ڪيو پر هنن لاءِ پيٽ ۽ ماني وڏو مامرو آهي. بقول شيخ اياز جي تہ
سدا آهي ساهہ کي ڳڻي جي ڳولا، ڏيو بنا ڏولا ناهي ساجاهہ سونهن جي.....

پر چوندا آهن تہ جتي مسئلا گهڻا هوندا آهن، اتي انهن جا حل ۽ موقعا بہ وڌيڪ هوندا آهن. نوجوان پنهنجي ذهانت، محنت ۽ هٿ جي هنرن سان ڪافي ڪم ڪري روزگار جا باعزت موقعا حاصل ڪري سگهن ٿا. ان لاءِ هنن کي هنن کي وڏيرن پويان نوڪرين لاءِ ڊوڙڻو نہ پوندو پر مستقل مزاجيءِ محنت سان پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم ڪرڻو پوندو. منهنجي خيال ۾ پڙهيل لکيل نوجوانن لاءِ هيٺ ذڪر ڪيل ڪم، روزگار جو بهترين ذريعو ٿي سگهن ٿا.

1. **ٻارن کي ٽيوشن ڏيڻ** : نوجوان پنهنجي پنهنجي سبجيڪٽس ۾ مهارت رکن ٿا ۽ کين پڙهائڻ سان چاهہ آهي تہ هو اهو ڪم ڪري پنهنجي جاڻ ۾ بہ اضافو ڪري سگهن ٿا ۽ سنو پئسو بہ ڪمائي سگهن ٿا.

2: **ڪمپيوٽر ٽيوٽر** :جن نوجوانن کي ڪمپيوٽر تي مهارت آهي تہ هو ڪمپيوٽر سيکارڻ واري ڪنهن سينٽر تي ٽيوٽر طور ڪم ڪري سگهن ٿا يا وري انهن وري جي معاشي حالت ڪجهہ بهتر آهي تہ هو پنهنجو سينٽر بہ شروع ڪري سگهن ٿا. ان سان بہ هو سنا پئسا ڪمائي سگهن ٿا.

3**ويب ڊزائنر ۽ ڪمپوزر** :ويب ڊزائنگ ۽ ڪمپوزنگ ۾ مهارت رکندڙ نوجوان ڊزائننگ ۽ ويب ڊولپنگ جا مختلف پروجيڪٽس ۽ اسائينمينٽس ڪري سگهن ٿا. ان مان بہ کين سنا پئسا ملي سگهن ٿا.

.4**فوٽوگرافي** :اڄڪلهہ سوشل ميڊيا جو دور آهي، هر پروگرام ۽ تقريب جي فوٽوگرافي لازمي هوندي آهي. فوٽوگرافي ۾ شوق رکندڙ نوجوان فوٽوگرافي ڪري پنهنجي روزگار سان گڏ پنهنجي آرٽ کي وقت ڏئي سگهن ٿا.

.5**اليڪٽريشن جو ڪم** : جيڪي نوجوان بجلي سان لاڳاپيل ڪم سني طريقي سان ڪري سگهن ٿا، اهي ان ڪم کي پنهنجي روزگار جو ذريعو بڻائي سگهن ٿا. اڄڪلهہ فرج، ايئرڪنڊيشنر، جنريٽر يا اهڙي قسم جون ٻيون شيون ناهيندڙ نوجوانن جي وڏي گهرج آهي.

.6**ڊرائيونگ انسٽرڪٽر**: نوجوان ڊرائيونگ جو لائسن پاڻ سان رکن ٿا ۽ سني ڊرائيونگ ڪن ٿا. اهي

ڊرائيونگ سيکاري پنهنجو روزگار ڪري سگهن ٿا.

.7**ڪپڙن جي سلائي جو ڪم ڪرڻ**: ڪافي نوجوان درزڪو ڪم سٺي نموني ڪري ويندا آهن. مان ذاتي طور تي ڪيترائي اهڙا نوجوان سڃاڻان ٿو، جيڪي پنهنجي پڙهائي سان گڏ درزڪو ڪم ڪن ٿا ۽ اهي ٻڌائين ٿا تہ ان سان اسان پنهنجي پڙهائي جو خرچ بہ پوري ويندا اهيون ۽ گهر جو گاڏو بہ هلائي ويندا آهيون.

.8**چوپايو مال پالڻ**: هي ڪم اهي نوجوان سٺي نموني ڪري سگهن ٿا، جيڪياسان جي ڳوٺن سان واسطو رکن ٿا. ننڍي پئماني تي ئي، نوجوان ٻہ چار جانورن جو واڙو ناهي. ان جي صحيح سار سنڀال ڪري ان جو کير يا کير مان نهندڙ ٻيون شيون ناهي، مارڪيٽ ۾ وڪڻي پئسا ڪمائي سگهن ٿا. ننڍا جانور گهٽ پئسن ۾ خريد ڪري، انهن تي ڪجھ وقت محنت ڪري انهن کي وڏو ڪري وڪڻي بہ سٺو ناڻو ڪمائي سگهن ٿا. منهنجي ذاتي مشاهدي مان اهڙا ڪافي نوجوان گذريا آهن، جيڪي جانورن جو ڪاروبار ڪن ٿا. هو پڙهيا لکيا بہ آهن ۽ پنهنجو حساب ڪتاب، نفعو نقصان بهتر نموني سمجهن ٿا ۽ فضيلت ڀري زندگي گذاري رهيا آهن.

هي تہ منهنجي ذهن ۽ مشاهدي ۾ ايندڙ ڪجھ ننڍا ڪم آهن، جيڪي نوجوانن لاء روزگار جو ذريعو ٿي سگهن ٿا. ان ڪان علاوه ٻيا بہ ان جهڙا ڪم ٿي سگهن ٿا. بس ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ نوجوان پاڻ ۾ اعتماد پيدا ڪن. ڪنهن ڪم کي مهٽو يا عيب نہ سمجهن. پنهنجي هٿ جي پورهئي ۾ ڪو بہ عيب ناهي پر ان ۾ انسان جي عزت ۽ خودداري آهي. وڏيرڪي سماج ۾ رهي ڪري اسان جي نوجوان جي ذهنيت ۾ وڏيرڪي ٿي وئي آهي، هو هلڪي ڦلڪي ڪم کي عيب سمجهي ٿو ۽ بيروزگاري ۽ نااهلي جا مهڻا سهندو ٿو وتي. تنهن ڪري نوجوانن کي انهي سوچ مان نڪرڻو پوندو. ائين ڪرڻ سان هو بهتر زندگي بسر ڪري سگهي ٿو. مختلف ڪاروبارن ۾ پڙهيل لکيل نوجوان جيڪڏهن موجود هوندو تہ اهي ڪم بہ سليقي ۽ بهتر نموني ٿيندا ....

(هي ليک ماهوار همسري رسالي جي جولاءِ 2018 واري شماري ۾ شايع ٿيو.)

# تعليم اڌ ۾ ڇڏي ويندڙ ٻار

ٻار جيڪو معصوم، حساس ۽ تمام پيارو هوندو آهي. تعليم ان جو بنيادي حق آهي پر بدقسمتي سان اسان جي سماج ۾ اڪثر ٻار ان بنيادي حق کان محروم آهن. ٻارن جي تعليم حاصل نہ ڪرڻ جا سبب تہ تمام گهڻا آهن پر اڄ اسان ان ڳالهہ جو جائزو وٺنداسين تہ جيڪي ٻار اسڪول تائين تہ پهچن ٿا ۽ پوء اتان هو تعليم اڌ ۾ ڇڏي ڇو وڃن ٿا؟؟
اهو هڪ تمام اهم مسئلو آهي پر ان تي ڌيان تمام گهٽ ڏنو وڃي ٿو. سڄو زور ان ڳالهہ تي هوندو آهي تہ بس ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو. منهنجي خيال ۾ ٻارن جو تعليم اڌ ۾ ڇڏڻ جا هيٺيان اهم سبب آهن.

1. **بيروزگاري:**

اسان جي سماج ۾ بيروزگاري انتها تي پهتل آهي. اهڙي سماج ۾ تعليم کي شعور جو ذريعو نہ پر رڳو روزگار جو ذريعو سمجهيو ٿو وڃي. ان ڪري ٻارن جي پڙهڻ جو مقصد معنیٰ رڳو روزگار حاصل ڪرڻ، باقي ڪل خير. آدمشماري وڌي وڃڻ ڪري ماڻهن لاء روزگار جا موقعا بہ گهٽ ٿي ويا آهن. نتيجي ۾ هر ماڻهو کي نوڪري نٿي ملي. اسان وٽ نوڪري جو مقصد شعور حاصل ڪري زندگي کي سمجهي فضيلت ڀريو انسان ٿيڻ ناهي پر رڳو روزگار حاصل ڪرڻ آهي. مون اڪثر اهڙا والدين ڏٺا آهن جيڪي هي ڳالهہ چوندا آهن تہ "پنهنجي وڏي پٽ کي انٽر ڪرايم پر نوڪري نہ مليس، هاڻي ٻني جو ڪم يا مزدوري بہ نٿو ڪري. ان کان تہ منهنجو ننڍو پٽ سٺو آهي جيڪو پڙهيو تہ هڪ اکر بہ نہ پر پوء بہ ٻني جو ڪم ڪري ٿو، مال لاء گاهہ ڪري ٿو ۽ اهڙي طرح ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪمائي وٺي ٿو. سو هي جيڪو سيني ۾ ننڍو پٽ اٿم، ان کي هاڻي اسڪول نہ موڪليندس، بہ درجا پڙهيو اهي ڪوڙ آهن. هاڻي هلي ٻني جو ڪم ڪري ".

2. **غربت:**

غربت سبب بہ ڪافي والدين ٻارن جو روزمره جو خرچ پري نٿا سگهن. ان ڪري بہ هو ٻار کي اسڪول وڃڻ کان روڪي ٿا ڇڏين يا وري اسڪول جي پڙهائي ۽ امتحانن دوران بہ مزدوري تي لڳائي ڇڏين ٿا. نتيجي ۾ ٻار جو سال ضايع ٿيو وڃي ۽ هو پڙهائي اڌ ۾ ڇڏيو ڏي. غربت ڪري ڪافي والدين ٻار کي روزاني واري خرچي بہ ناهن ڏئي سگهندا ۽ اهو ٻار ٻين کي شيون کائيندي ڏاڍي حسرت مان ڏسندو آهي ۽ پوء خرچي نہ ملڻ کي بهانو بڻائي اسڪول وڃڻ ڇڏي ڏيندو آهي. والدين بہ خرچي جا پئسا نہ هجڻ ڪري هن کي ڪجهہ بہ ناهن چوندا .

3. **اسڪولن ۾ بنيادي سهولتن جو نہ هجڻ :**

ڪافي اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون بہ ناهن هونديون، جنهن ۾ بلڊنگ جو نہ هجڻ، صفائي جو انتظام نہ هجڻ، واش رومز جو نہ هجڻ، بجلي جو نہ هجڻ، استادن جي کوٽ، فرنيچر جي کوٽ وغيره. نتيجي ۾ ٻار اسڪول وڃڻ ڇڏيو وڃن. توهان پاڻ اندازو لڳايو جيڪڏهن هڪ ٻار کي حاجت لاء جڳهہ نہ ملي ۽ هو اسڪول جو مڪمل وقت ان تڪليف کي برداشت ڪري تہ يقينن هو وري اسڪول نہ ويندو. اهڙي حالت ۾ ڪو ويچارو ٻار حاجت ڪپڙن ۾ ڪري ٿو ڇڏي تہ ان تي سڀ چٽر ڪن ٿا. ان طرح هو

نفسياتي دٻاء ۾ وقت گذاري ٿو. جنهن سان هن جو صلاحيتون مريو وڃن .

**4. معياري تعليم جو نہ ملڻ:**

مدي خارج نصاب, ڪافي استادن جي صحيح تربيت نہ هجڻ ۽ غلط امتحاني طريقيڪار جي ڪري ٻہ ٻارن کي معياري تعليم ناهي. ان ڪري ٻارن جي اسڪول مان دلچسپي ختم ٿيو وڃي ۽ هو پڑهائي اڌ ۾ ڇڏيو ڏي. اهڙي طرح طبقاتي سماج ۾ سرندي واري جو ٻار تہ مهانگن خانگي اسڪولن ۾ پڙهي اڳيان نڪري ٿو وڃي ۽ غريب جو ٻار اتي ئي رهجي ٿو وڃي ۽ نتيجي ۾ والدين جي ٻہ اها نفسيات ٺهي ٿي وڃي تہ هاري جو ٻار, هاري ئي ٿيندو, ڪهڙو وري آفيسر ٿيندو. معنىٰ آفيسر رڳو اميرن جا ٻار ٿيندا.

**5. ٽرانسپورٽ جو نہ هجڻ :**

ڳوٺن جا اڪثر ٻار ڳوٺن ۾ سهولتون نہ هجڻ ڪري شهرن جي اسڪولن ۾ پڙهڻ ايندا آهن پر انهن کي وقت سر ڪا سواري ناهي ملندي جو هو اسڪول پهچي سگهن. ٽرانسپورٽر بہ انهن ٻارن سان جانورن وارو سلوڪ ڪندا آهن. ڪين ويهڻ لاء جاء ناهن ڏيندا, بسن جي ڇتين تي ويهاريندا آهن. پوء پلين سردي هجي يا گرمي. ڪين وڏيڪ ڪرايو ڏيڻ لاء بہ تنگ ڪيو ويندو آهي. ڪافي ٻار ان ڪري حادثن جو شڪار ٿي زندگي وڃايو ويهن. اهڙي حالت مان گذري هو اسڪول روزاني دير سان پهچن ٿا. ان ڪري اسڪول انتظاميا ڪين واپس گهر موڪليو ڇڏي يا ڪين سزا ملندي آهي ۽ يا وري روزانو سندن پهريان ٻہ ڪلاس هليا ويندا آهن. انهن سيني سورن ڪان تنگ ٿي ٻار اسڪول ڇڏي ٿا وڃن.

هي تہ ڪجھ سبب آهن يقينن ٻيا بہ ڪافي سبب هوندا جنهن ڪري ٻار پڙهڻ ڇڏيو ڏين. هي هڪ تحقيق طلب موضوع آهي. جنهن تي وڏي ڪم جي ضرورت آهي تہ ڪيترا ٻار بنيادي تعليم حاصل ڪن ٿا, ڪيترا سيڪنڊري تعليم حاصل ڪن ٿا, ڪيترا ڪاليج ۽ يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪن ٿا. ان ۾ بہ وري نياڻين جي تعليم جو ڇا تناسب آهي.....

تعليمي ادارن کي بنيادي سهولتون ڏنيون وڃن ۽ شاگردن جا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن تہ جيئن غريبن جو اولاد بہ تعليم حاصل ڪري سگهن. باقي نہ تہ اهي ويچارا مڙئي حاصل ڪيل مئٽرڪ ۽ انٽر جي سرٽيفڪيٽن سميت پنهنجي حسرتن ۽ خواهشن کي بہ اندر ۾ دفن ڪريو ڇڏين. خدارا معصوم ٻارن جي حسرتن ۽ خواهشن کي مرڻ نہ ڏيو. هي اسان جو سماجي فرض آهي تہ نہ رڳو اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي اسڪول ۾ آڻيون پر جيڪي اڳ ۾ اسڪولن ۾ موجود آهن, انهن جي بہ پرگھور لهون. اهو نيڪي جو ڪم ڪرڻ سان اسان پنهنجو مستقبل بچائي سگهون ٿا.

(هي ليک سنڌ ايڪسپريس اخبار جي سنڌي ميگ ۾ 22 جولاءِ 2018 تي شايع ٿيو).

# روڊ حادثن جو شڪار ٿيندڙ معصوم شاگردن بابت سوچيو!

ڪجهه ڏينهن اڳ جيئن ئي فيس بڪ ڪوليم تہ جيڪا پهرين پوسٽ ڏسڻ ۾ پڙهڻ لاءِ ملي، ان منهنجو جيءُ جهوري ڇڏيو. اها پوسٽ هئي تہ "پنگريو هاءِ اسڪول جو انين ڪلاس جو شاگرد روڊ حادثي ۾ چنگچي هيٺ اچي فوت ٿي ويو. ان پوسٽ ۾ ان ٻار جي لاش جي بہ تصوير هئي، جيڪو رت ۾ لال ٿيل هو. اها تصوير ڏسي سوچيم تہ هن ٻار جا والدين هن جو لاش ڏسي ڪيڏي نہ ڪربناڪ صورتحال ۾ شديد درد مان گذرندا هوندا...؟؟!! "

انهيَ سان گڏ منهنجي ذهن تي هڪ ياد بہ تري آئي تہ جڏهن مان، هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هئس ۾ اسان پنهنجي ڳوٺ کان ڪافي سفر ڪري پوءِ اسڪول پهچندا هئاسين. ان سفر دوران بس جي ڪنڊيڪٽر ۽ ڊرائيور جو اسان سان ورتاءُ نفرت وارو هوندو هو. بس ۾ سيٽون خالي هونديون هيون، تڏهن بہ اسان کي زوري چوندا هئا تہ "بس جي ڇت تي وڃي ويهو".

خير! اسان تہ ان وقت مجبوري ۾ وڃي ويهندا هئاسين ۾ ڪڏهن بس دير ڪندي هئي تہ اسان بہ اسڪول دير سان پهچندا هئاسين ۾ پوءِ اسڪول انتظاميا جا دڙڪا برداشت ڪرڻا پوندا هئا. ان ڪري اسان کيئن بہ ڪري بسن ۾ ڊاٽسنن ۾ جانورن وانگر ڏڪجي سڪجي اسڪول ايندا هئاسين. دل ۾ اهو ئي ڊپ هوندو هو تہ ڪٿي اسڪول تہ دير تي تہ استاد سختي ڪندا ۾ جيڪڏهن واپسي ۾ گهر دير پهتاسين تہ مائٽ سخت پڇاڻو ڪندا...

هاڻي جڏهن مان پاڻ استاد آهيان ۾ اڄ بہ ويچارن عام شاگردن کي ساڳين سورن ۾ ڏسان ٿو تہ دل وِيتر ڏکاري ٿي پوي.

دنيا ترقي جون منزلون طئي ڪري وڃي آسمانن تي پهتي آهي ۾ اسان وٽ اڄ بہ تعليم کي سڌارڻ جون وڏيون ڳالهيون ٿين ٿيون پر شاگردن کي بنيادي سهولتون جيڪي واش روم کان ويندي ڪلاس روم تائين بہ ميسر ناهن، انهن معصوم شاگردن لاءِ سفري سهولتن جو نہ هجڻ بہ هڪ وڏو مسئلو آهي!

سفري سهولتون نہ هجڻ ڪري ڪيترائي شاگرد پڙهڻ ڇڏي ٿا وڃن، يا وري وڏي اذيت مان گذري پوءِ اسڪول يا واپس گهر پهچن ٿا يا وري مٿي ذڪر ڪيل شاگرد وانگر ڪنهن حادثي جو شڪار ٿي وڃن ٿا.

اسڪول ڊسيپلين ۾ وقت جي پابندي تي زور ڏنو ويندو آهي، جيڪو ڪنهن حد تائين تہ نيڪ آهي پر ان ۾ انهن ٻارن کي رعايت ڏيڻ گهرجي، جيڪي پري کان اچن ۾ اسان جي ڳوٺن ۾ نہ ڪي سنا روڊ ۾ رستا آهن ۾ نہ وري گاڏيون آهن، جيڪي وقت سِر ٻارن کي اسڪول پهچاين. نتيجي ۾ اسڪول وقت تي پهچڻ جي ڊپ ۾ ٻار ويچارا گاڏين جي ڇتن تي ويهي، يا انهن جي چاڙهين تي لڙڪي پوءِ اسڪول پهچن ٿا ۾ ان سفر دوران هو ڪيترن ئي اٽوٽندڙ ورتائن کي برداشت ڪن ٿا. وري جي اسڪول تي پهچندي دير ٿي تہ اسڪول ۾ استادن جي سختي. پوءِ ان حالت ۾ ويچاري ٻار جي پڙهائي متاثر ٿئي ٿي .

ڪافي مائٽ بہ ٻارن کان سخت پڇاڻو ڪندا آهن تہ اسڪول تان واپس وقت تي ڇو نہ پهتا. اهو مائٽ جو پڇڻ فرض آهي پر ان وقت انهن کي اهو بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ گاڏيون بہ وقت سر ناهن ملنديون. ٻار تي سختي ڪندا تہ ٻار يا اسڪول وڃڻ ڇڏي ڏيندو يا وري ڪنهن خطرناڪ طريقي سان سفر ڪري پهچندو، جنهن ۾ سندس زندگي خطري ۾ هوندي ۾ هو حادثي جو شڪار بہ ٿي سگهي ٿو.

حڪومت کي گهرجي تہ اها جڏهن ٻارن کي بنيادي سهولتون ڏيڻ جي منصوبابندي ڪري ٿي تہ ان وقت ٽرانسپورٽ جي سهولت کي بہ ان ۾ شامل ڪري ڇو تہ هي بہ هڪ تمام وڏو مسئلو آهي. مان استادن کي بہ هٿ ادب جا ٻڌي گذارش ٿو ڪريان، تہ پري کان ايندڙ ٻارن کي ٽائيم جي ڪجهہ رعايت ڏيو. تہ جيئن هو بغير ڪنهن ڊپ جي اسڪول اچن ۽ پنهنجي پڙهائي تي ڌيان ڏئي سگهن.محترم والدين کي بہ اها گذارش ڪندس تہ خدارا پنهنجي ٻارن سان پيار ڪريو ۽ انهن تي اجائي سختي نہ ڪريو. توهان جي سختي ۾ خدا نہ ڪري ڪٿي هو پنهنجي زندگي نہ وڃائي ويهن.

هڪ استاد ۽ علم جي شاگرد هئڻ جي ناتي مان اهو سمجهان ٿو تہ اسان جڏهن ٻارن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪنداسين ۽ ڪين بهتر ماحول ڏينداسين تڏهن هو سٺا شاگرد ۽ اڳتي هلي معاشري جا سٺا فرد ٿيندا جيڪي بهتر معاشرو اڏڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا.

(هي ليک ڪاوش اخبار جي رسالي ڪاوش دنيا ۾ 21 آڪٽوبر 2018 تي شايع ٿيو)

# تعليم ۾ هم نصاب سرگرميون

# ڪاپي ڪلچر جا سبب ۽ ان جي خاتمي لاءِ ڪجھ تجويزون

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ جڏهن بہ بورڊ جا امتحان شروع ٿيندا آهن تہ اهي خبرون عام ٿي وينديون آهن تہ ڪاپي کي روڪيو ويندو، سخت قدم کنيا ويندا، پوليس ۽ رينجرز کي امتحاني سينٽرن تي مقرر ڪيو ويندو، ڪامورا تعليمي سينٽرن جو دورو ڪندا، امتحاني بورڊ بہ پنهنجون ويجيلنس ٽيمون جوڙي موڪليندو، جيڪي اوچتا ڇاپا هڻي ڪاپي روڪائيندا. ميڊيا ۾ بہ اهي خبرون هلنديون رهنديون آهن تہ سنڌ جي امتحاني سينٽرن تي ڪاپي جي ڌم رهي، هيترا هيترا شاگرد امتحان ۾ ڪاپي ڪندي سوگها ڪيا ويا......

مجون ٿا ڪاپي ڪرڻ ۽ ڪرائڻ تمام خراب عمل آهي، جيڪو نہ ٿيڻ گهرجي، پر جيترو زور ڪاپي کي روڪڻ تي ڏنو ٿو وڃي، ايترو جيڪڏهن ڪاپي ٿيڻ جي سببن تي ڏنو وڃي تہ منهنجي خيال ۾ ڪافي بهتر نتيجا ملي سگهن ٿا. ان ڳالھ تي تمام گهٽ ڌيان ڏنو ٿو وڃي تہ ڪاپي ڇو ٿي ٿئي؟

منهنجي خيال ۾ ڪجھ بنيادي سبب هي آهن، جنهن جي ڪري امتحان ۾ ڪاپي ٿئي ٿي.

### 1. ناڪاره امتحاني نظام:

اسان وٽ اڃا تائين ساليانو امتحان وارو سرشتو پيو هلي، جڏهن تہ سڌريل ملڪن ۾ سيميسٽر سسٽم يا وري مڊ ٽرم امتحان ورتو ٿو وڃي، جيڪو هتي اسان وٽ يونيورسٽين ۾ رائج آهي. پر اسڪول ۽ ڪاليج ليول تي اڄ بہ ساليانو امتحان وارو سرشتو هلي پيو، جنهن ڪري امتحان دير سان هئڻ ڪري شاگرد محنت گهٽ ٿو ڪري، بيو تہ سمورو ڪورس ڪيس هڪ ئي وقت ياد ڪري هڪ ئي امتحان ڏيڻو ٿو پوي. هڪ ئي وقت هڪ هڪ سبجيڪٽ جا 20، 20 باب ياد ڪرڻ آسان ناهن. نتيجي ۾ شاگرد ڪاپي جو سهارو وٺي ٿو. بورڊ سوالناما بہ اهڙا ٿو ناهي جيڪي نہ ئي مقرر وقت ۾ مڪمل ٿين ٿا ۽ نہ ئي ايترو مواد ٻار ڪان ياد ٿئي ٿو..

### 2. مدي خارج نصاب:

اسان وٽ جيڪو نصاب پڙهايو ويو وڃي، اهو بہ تمام پراڻو آهي، ٽن چئين پيڙهين ڪان اهو نصاب هلندو پيو اچي، اسان جي نصاب ۾ اهو بہ پڙهايو پيو وڃي تہ ريڊيو اڃا معجزو آهي. دنيا ترقي ڪري خبر ناهي ڪٿي وڃي پهتي آهي، اسان جا شاگرد اڃا تائين پراڻو ۽ غيردلچسپ نصاب پڙهڻ تي مجبور آهن. بيو تہ ڪورس تمام ڊگهو تيار ڪيو ويو آهي، جيڪو هڪ اڪيڊمڪ سيشن جي اٺن مهينن ۾ مڪمل ڪرائڻ تمام مشڪل آهي. مثال طور: نائين ۽ ڏهين ڪلاسن جي بائيولاجي جي سبجيڪٽ ۾ 19 باب آهن، ڪيميسٽري ۾ 18 باب آهن، فزڪس ۾ 19 باب آهن، ميٿميٽڪس ۾ 15 باب آهن. هاڻي توهان سوچيو ڇا اهو ممڪن آهي جو ايترو مواد ٻار هڪ سال ۾ سمجهي ياد ڪري امتحان ڏئي ويندو؟ ان مشڪلات جي ڪري شاگرد ڪاپي جو سهارو وٺي ٿو.

### 3. استادن جي ڪوٽ:

ڪافي اسڪولن ۾ استادن جي ڪوٽ آهي، جنهن ڪري ٻارن جي پڙهائي نٽي ٿئي. خاص طور سائنس جي سبجيڪٽس جا استاد تہ تمام ٿورا آهن. اڄڪلھ دور ئي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو آهي ۽ بدقسمتي سان اسان جو شاگرد سائنس پڙهي ئي نٿو!!! اهو ويچارو دنيا سان ڪهڙو مقابلو ڪندو. جيستائين

امتحان جي ڳالهہ آهي تہ ظاهر آهي اهڙي حالت ۾ ڪاپي ڪرڻ تي ئي مجبور ٿيندو..
خاص طور شاگرد سائنس جي سبجيڪٽس ۾ ڪاپي ڪري ٿو ۽ گهڻا ٻار فيل بہ سائنس جي سبجيڪٽس ۾ ٿين ٿا...

4. **بنيادي تعليم بهتر نہ هئڻ** :
ٻار جي بنيادي تعليم بہ جيڪڏهن بهتر ناهي تہ هو وڏن ڪلاسز ۾ اچي پريشان ٿي ويندو آهي. بنياد ڪمزور هئڻ ڪري هو احساس ڪمتري ۽ نفسياتي مونجهارن جو شڪار ٿئي ٿو. هو آساني سان لکي پڙهي ۽ سادي جوڙ ڪٽ بہ نٿو ڪري سگهي تہ هن وٽ آخري حل ڪاپي ئي بچي ٿو. ان حالت ۾ هو پاڻ کي پنهجي ڪلاس فيلوز جي وچ ۾ شرمندو محسوس ڪندو آهي....

5. **انتظامي لاپرواهي**:
انتظامي لاپرواهي ڪري ڪافي اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون ئي ناهن، پيئڻ لاءِ پاڻي ناهي، واش روم ناهي، فرنيچر ناهي، بلڊنگ ناهي، بجلي ناهي. اهڙي حالت ۾ ٻار ڪيئن پڙهي سگهندو؟؟؟ ڪاپي نہ ڪندو تہ ٻيو ڇا ڪندو؟؟ ڪامورا امتحان دوران تہ امتحاني سينٽرس جو دورو ڪن ٿا پر باقي سڄو سال گم ٿي ويندا آهن، ڪڏهن بہ اسڪول وڃي اهو معلوم نہ ڪندا تہ ٻارن ۽ استادن سان ڪو مسئلو تہ ناهي؟؟ اهي صاحب جيڪڏهن بنيادي مسئلا حل ڪري ڏين تڏهن بہ تعليمي عمل ڪافي بهتر ٿي وڃي... پر افسوس جو انهن جي نظر ۾ اهو هڪ فضول ڪم آهي...

6. **والدين جي عدم دلچسپي**:
والدين جي اڪثريت بہ ٻارن تي توجهہ نٿي ڏي. گهڻن والدين وٽ تعليم ترجيحات ۾ شامل ئي ناهي. ٻار دڪان تي ويهي ڪاروبار پل پيو سنڀالي ، اسڪول نہ ويو تہ خير آهي... اها سوچ عام آهي، والدين امتحان دوران سفارشون ڪرائيندا تہ سان جي اولاد جي پارت آهي، مطلب ڪاپي ڪرايوس. پر اهي ساڳي مائٽ سڄو سال پنهجي اولاد جي تعليم جو پڇڻ نہ ايندا تہ اها ڪهڙي حال ۾ آهي، ٻار پڙهي ٿو يانہ؟ اسڪول اچي ٿو يا نہ ؟؟وغيره وغيره..... ان رويي ڪري ٻار پڙهائي ڱي اهميت نٿو ڏي ۽ ڪاپي ڪري امتحان پاس ڪرڻ کي ئي پنهنجو ڪل مقصد سمجهي ٿو.....

منهنجي خيال ۾ اهي ڪجهہ بنيادي سبب آهن جن ڪري ڪاپي ٿئي ٿي...
انهن مسئلن ڱي حل ڪرڻ لاءِ هيٺيان قدم کنيا وڃن تہ بهتري اچي سگهي ٿي...

- امتحان جو سرشتو تبديل ڪيو وڃي، سيميٽر سسٽم ڪيو وڃي، حاضري تي بہ مارڪون رکيون وڃن. ان سان شاگرد ريگيولر ٿيندو. ٻيو تہ جنهن جي حاضري پوري نہ هجي ان کي امتحان ۾ نہ ويهاريو وڃي. ان ۾ انتظاميہ ۽ بورڊ جي عملدارن کي قدم کڻڻا پوندا...
- نصاب کي جديد دور جي تقاضائن موجب تيار ڪيو وڃي، جيڪو دلچسپ ۽ مقرر وقت تي مڪمل ٿيڻ جوڳو هجي....
- استادن جي کوٽ ختم ڪئي وڃي، خاص طور سائنس جي سبجيڪٽس جا استاد مقرر ڪيا وڃن...
- ٻارن جي پرائمري تعليم تي وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي، جنهن سان ٻار جو بنياد سنو ٿيندو ۽ هو

اڳتي پنهنجي تعليم بهتر انداز ۾ مڪمل ڪري سگهندو..

- تعليمي ادارن ۾ بنيادي سهوليتون مهيا ڪيون وڃن جيئن ٻار صحيح پڙهي سگهن..
- والدين پنهنجي ترجيحات ۾ تعليم کي شامل ڪن، استادن سان تعاون ڪن، پنهنجي ٻارن جي خبر چار وٺن، ته جيئن سندس اولاد بهتر نموني تعليم مڪمل ڪري سگهي....

(هي ليک ڪاوش اخبار جي مدويڪ مئگزين ۾ 15 نومبر 2017 تي شايع ٿيو)

# سائنس جي دور ۾ سائنس جي تعليم کان پري اسان جا تعليمي ادارا

اڄ جي دنيا سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي دنيا آهي. اڄڪلھ ان قوم کي ئي ڪامياب سمجهيو وڃي ٿو، جيڪا سائنس جي ميدان ۾ اڳيري آهي. ان قوم کي ئي عزت جي نگاھ سان ڏٺو وڃي ٿو، جيڪا مختلف ايجادون ڪري انسانن جي ڀلي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، پوءِ اهي مختلف موذي مرضن جا علاج هجن يا وري ڪمپيوٽر جي شعبي ۾ حيرت انگيز ڪارناما هجن.

ان تناظر ۾ جيڪڏهن اسان پنهنجو جائزو وٺنداسين ته اسانجو بطور هڪ قوم ۽ سماج طور (چند مثالن کي ڇڏي) رويو ۽ مزاج سدائين غيرسائنسي رهيو آهي. اسان سائنس کي نہ صحيح طريقي سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ نہ ئي سائنس اسان جي سماج کان هضم ٿئي ٿي. نتيجي ۾ اسان وٽ سائنسدان تہ پري جي ڳالھ آهي پر سائنسي سوچ بہ جنم ناهي وٺي سگهي. تعليمي ادارا ڪنهن بہ معاشري جي ترقي ۾ ڪرنگهي جي هڏي جو ڪردار ادا ڪندا آهن. هاڻي اسان جيڪڏهن اسڪولن کان وٺي يونيورسٽين تائين جانچي ڏسنداسين تہ ان حوالي سان ڪاري وارا ڪک نظر ايندا. اسان وٽ تعليمي ادارن ۾ سائنس کي ڪيتري اهميت آهي؟ سائنس پڙهائي ڪيئن ٿي وڃي؟ استادن، شاگردن، والدين ۽ سڄي سماج جو سائنس ڏانهن ڪهڙو رويو آهي؟ منهنجي خيال ۾ اهي تمام وڏا سوال آهن، جن تي سوچڻ جي ضرورت آهي.

منهنجي خيال ۾ هيٺيان ڪجھ سبب آهن جن جي ڪري اسان وٽ سائنس کي صحيح اهميت ناهي ملي سگهي ..

1. **تعليمي ادارن ۾ تجربيگاهن جي تباهي**

سائنس اهو علم آهي، جنهن جو بنياد تجربن ۽ مشاهدن تي آهي. سائنس جي مختلف سبجيڪٽن ۽ موضوعن کي سمجهڻ لاءِ تجربا تمام ضروري آهن ۽ ان سان شاگردن ۾ ٽيڪنالاجي بابت دلچسپي پيدا ٿئي ٿي. انتهائي ڏک سان لکڻو ٿو پوي تہ اسان وٽ هتن سان تجربيگاهن کي تباھ ڪيو ويو آهي. اتي نہ ئي سائنسي سامان خريد ڪيو ٿو وڃي ۽ نہ ئي تجربا ڪيا ٿا وڃن. ان حوالي سان سنڌ جي يونيورسٽين جي بہ حالت افسوسناڪ آهي. اتي بہ تجرباتي ڪم ٿيڻ جي برابر ٿئي ٿو، رڳو ڪاپي پيسٽ ڪري مدي خارج تحقيقي جرنل ناهيا ٿا وڃن, جن جو ڪو بہ سماجي ڪارج ناهي هوندو.

2. **سائنس جي استادن جي کوٽ:**

اسان جي اسولن ۽ ڪاليجن ۾ استادن جي کوٽ تہ سدائين رهي آهي پر جيڪي استاد موجود آهن انهن ۾ بہ وري سائنس پڙهائڻ وارا تمام ٿورا آهن. اتي اهو بہ سوال جنم وٺي ٿو تہ جيڪي استاد موجود آهن, اهي پڙهائين ڪيئن ٿا؟ ۽ ڪيترن وٽ سائنس جي مضمونن سان لاڳاپيل ڊگريون آهن؟ جيڪي سائنس پڙهائين ٿا اهي پنهنجي سوچ ۾ ڪيترا سائنٽيفڪ آهن؟ ان سببن جي ڪري ڪافي اسڪولن ۾ سائنس پڙهائي ئي نٿي وڃي.

3. **مدي خارج سائنسي نصاب:**

اسان وٽ ڪافي وقت کان اهي ساڳيا مدي خارج ڪورس پڙهايا پيا وڃن, جن جي اڄ جي دور ۾ ڪا بہ اهميت ناهي. اڄڪلھ سائنس جي ميدان ۾ ڇا پيو وهي واپري, ان حوالي سان اسان جي شاگردن کي

کو بہ مواد نٿو ملي.

**4. امتحانن ۾ پريڪٽيڪلز جون مارڪون گهٽ ڪرڻ:**

اسان وٽ امتحانن جو طريقيڪار بہ عجيب آهي. اسان وٽ سائنس جي ڪيتري اهميت آهي, ان جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪيميسٽري, فزڪس ۽ بائيولاجي جي هر سبجيڪٽ جي هڪ سئو مارڪن ۾ پريڪٽيڪلز جون صرف 15 مارڪون رکيل آهن. ان مان اهو واضع نتيجو نڪري ٿو تہ پريڪٽيڪلز جي ڪا بہ اهميت ناهي. جيڪي مارڪون رکيل بہ آهن تہ اهي وري ائين ئي سفارشن تي ڏنيون وڃن ٿيون.

**5. سائنسي ادب ۽ ڪتابن جي کوٽ:**

اسان وٽ هر سال شاعري يا ٻين صنفن جا تہ سوين ڪتاب ڇپايا ٿا وڃن پر سائنس جي موضوعن تي تمام ٿورا ڪتاب ملندا. هڪ بہ ادارا آهن, جيڪي اهو ڪم ڪن ٿا پر اهو بہ ماڻهن تائين صحيح طرح نٿو پهچي. اسان جي اديبن ۽ پڙهڻ لکڻ وارن ماڻهن کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. انگريزي ۽ ٻين ٻولين مان سائنسي مواد ترجمو ڪري ڇپايو وڃي, مختلف رسالا ڪڍيا وڃن جيڪي شاگردن تائين پهچايا وڃن.

**6. سائنسي سرگرمين جي کوٽ:**

اسان وٽ اسڪولن کان وٺي يونيورسٽين تائين مختلف پروگرام ۽ سيمينار ٿين ٿا پر ان ۾ سائنس سان لاڳاپيل پروگرام بلڪل بہ ناهن. جيڪي ادبي ميلا لڳن ٿا, انهن ۾ بہ سائنسي ادب تي ڪو بہ سيشن ناهي هوندو ۽ ان حوالي سان نہ وري ڪو ڪارنر هوندو آهي. پر تازو ان سلسلي ۾ ٻہ حوصلہ افزا سرگرميون ٿيون آهن, جن مان هڪ لاڙڪاڻي ۾ سائنس ميلو ۽ ٻي مٺي شهر ۾ سائنس ميلو لڳڻ واريون آهن. انهن ميلن کي جيڪڏهن ٻين شهرن تائين وڌايو وڃي تہ ان طرح بہ اسان وٽ سائنس ڏانهن هڪ لاڙو پيدا ٿيندو.

**7. ڪمپيوٽر جو نہ هجڻ:**

ڪمپيوٽر اڄڪلهہ تعليم جو اهم حصو آهي, جنهن ذريعي جديد طريقي سان پڙهائي سگهجي ٿو پر افسوس سان لکڻو ٿو پوي تہ هن دور ۾ بہ اسان جا گهڻا استاد, شاگرد ۽ والدين ڪمپيوٽر جي استعمال کان بيخبر آهن .

سائنس, جيڪا وقت جي ضرورت آهي, ان جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مون وٽ ڪجهہ تجويزون آهن جيڪي پڙهندڙن سان ونڊ ڪجن ٿيون. مون کي اها اميد آهي تہ جيڪڏهن انهن صلاحن تي غور ڪيو وڃي تہ ڪافي بهتري اچي سگهي ٿي .

- تعليمي ادارن ۾ تجربيگاهن کي فنڪشنل ڪيو وڃي جتي شاگرد کي باقائدہ تجربا سيکاريا وڃن.
- سائنس جا استاد مقرر ڪيا وڃن ۽ انهن جا ان حوالي سان وقت بہ وقت تربيتي ڪورس ڪرايا وڃن.
- ڪورس نوان ۽ دلچسپ تيار ڪيا وڃن جن ۾ تصويرون ۽ ٻيو مواد رنگين ڏنو وڃي جيئن

شاگردن ۾ دلچسپي پيدا ٿئي.

- امتحاني مارڪن ۾ پريڪٽيڪلز جي مارڪن کي وڌايو وڃي ۽ اهي ميرٽ تي ڏنيون وڃن.
- سائنسي ادب کي هٿي ڏني وڃي, ان حوالي سان مختلف رسالا ۽ ڪتاب شايع ڪيا وڃن.
- سائنسي مواد کي سنڌي ۾ ترجمو ڪري شاگردن تائين پهچايو وڃي.
- سائنسي ميلا لڳرايا وڃن جن ۾ ان حوالي سان مختلف سيشنس رکيا وڃن.
- تعليمي ادارن ۾ سائنس جي اهميت جي حوالي سان ورڪشاپ ۽ پروگرام ڪرايا وڃن.

( هي ليک ڪاوش اخبار هي مدويک مئگزين ۾ 21 فيبروري 2018 تي شايع ٿيو).

# رياضي جو سبجيڪٽ شاگردن کي مشڪل ڇو لڳندو آهي؟؟

حساب ته مٽي جو سور آهن..، اهي رياضي جا وڏا وڏا حساب حل ڪرڻ اسان جي وس کان ٻاهر آهن....، انهن جو اسان جي زندگي ۾ ڪو به ڪارج ناهي... وغيره وغيره ... ان قسم جا ڪافي جملا ۽ ڳالهيون اسان کي روز اڪثر شاگردن کان ٻڌڻ لاءِ ملن ٿيون، جن ۾ اهو ئي ذڪر هوندو آهي ته رياضي اسان کي سمجهه ۾ نٿي اچي. ڪڏهن توهان ان اهم مسئلي تي سوچيو آهي ته آخر ائين ڇو آهي؟؟ هن مضمون ذريعي اسان ان اهم مسئلي جي سببن ۽ انهن جي حل تي بحث ڪنداسين. ان مسئلي جا ڪوڙ سبب ٿي سگهن ٿا پر منهنجي خيال ۾ ان جا بنيادي سبب ۽ ان جا حل هي آهن.

1. **رياضي ڏانهن اسان جو نفسياتي لاڙو**

مون اهو نوٽ ڪيو آهي ته رياضي جي باري ۾ اهو بغير ڪنهن سوچڻ سمجهڻ ۽ دليل جي، اهو رايو عام هوندو آهي ته اهو سبجيڪٽ سمجهڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي. اهي جملا ٻڌي گهڻن شاگردن جو اهو سبجيڪٽ پڙهڻ کان اڳ ئي ارواح ئي ڪجي ويندو آهي. ڏنو وڃي ته هن ڪائنات جو بنياد ئي مئٿميٽڪس تي آهي. ڌرتي جو سج جي چوڌاري گهمڻ، موسمن جو تبديل ٿيڻ، روزمره جو زندگي سان لاڳاپيل ڪاروهنوار سڀ ان سبجيڪٽ تي ئي بنياد رکي ٿو.

2. **رياضي پڙهائڻ جو غلط طريقو**

اسان وٽ تدريسي عمل ۾ رڳو ٻن صلاحيتن تي زور هوندو آهي، اهي آهن لکڻ ۽ پڙهڻ (ضروري ناهي ته اهو لکڻ ۽ پڙهڻ تخليقي هجي). جڏهن ته سوچڻ، سمجهڻ، ٻڌڻ ۽ تجزيو ڪرڻ جي صلاحيتن تي تمام گهٽ يا ڪاٻ توجهه نٿي ڏني وڃي. نتيجي ۾ حسابن کي به ٿيوري وانگر رڳو ڪاپي جي پنن تي اتاريو ويندو آهي. سڄو زور ان ڳالهه تي هوندو اهي ته بس حساب جو جواب صحيح اچي. باقي حساب ٿيو ڪيئن؟ اهو تمام گهٽ شاگرد سمجهي سگهندا آهن ۽ تمام گهٽ استاد سمجهائي سگهندا آهن. ٻيو ته اسان وٽ اجا تائين پڙهائڻ جا اهي پراڻا طريقا رائج آهن، جن تحت پڙهائي ٻارن جي تخليقي صلاحيتن کي ختم ڪيو ويندو رهيو آهي. شاگردن کي گروپن جي صورتن ۾ ورهائي مختلف سرگرميون ڪرائي سمجهايو وڃي ته هو دلچسپي سان سمجهي سگهن ٿا. ٻارن کي ٻڌائجي ته مئٿس کن سواءِ ڪو به ماڻهو ڊاڪٽر، انجنيئر، استاد، سائنسدان، فلسفي، ميوزيشن ، رازو، واڍو، هاري، دڪاندار، بورچي ۽ ڪاروباري ماڻهو نٿو ٿي سگهي جيستائين ڪيس رياضي نٿي اچي. ڇو ته انهن سڀني کي پنهنجي پنهنجي ڪم کي مڪمل ۽ ڪارائتو بڻائڻ لاءِ مئٿس جي ضرورت پوي ٿي.

ايستائين جو ننڍڙو جيت به حسابن جي اهميت کان واقف آهي. پوءِ اهو ڪوريئڙو هجي جيڪو وڏي مهارت سان پنهنجي ڄار ناهي ٿو يا وري ماکي جي مک ڇو نه هجي جيڪا گلن جو رس چوسي مقرر وقت تي مني ماکي تيار ڪري ٿي. جانورن جي چرپر ۽ واڌ ويجهه جو دارومدار به ان سبجيڪٽ جي بنياد تي آهي.

ان سان گڏوگڏ شاگردن کي سندن ننڍي ننڍي ڪاميابي تي يا رياضي جو ڪو حساب حل ڪرڻ تي ساراهجي، انعام ڏجي ته جيئن هن ۾ وڌيڪ محنت جو جذبو پيدا ٿئي ۽ ان سبجيڪٽ لاءِ چاهه پيدا ٿئي.

3. **مدي خارج نصاب**

اسان جو نصاب تمام ڏکو، مدي خارج ۽ غير دلچسپ آهي. ان کي بهتر ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. ان لاءِ رياضي جي ڪورس ۾ وڌ کان وڌ رنگين تصويرون، چارٽ، گراف، پزل گيم جهڙيون رانديون ۽ سرگرميون شامل ڪيون وڃن ته جيئن شاگرد شوق سان پڙهن. مختلف ٽاپڪس جي نسبت سان ڪمپيوٽر تي به مواد تيار ڪيو وڃي، جيڪو سي ڊيز جي صورت ۾ هجي. اهو به شاگردن کي ڏسيو وڃي ته جيئن ڪين اهي ٽاپڪس وڌيڪ سٺي نموني سمجهه ۾ اچن.

### 4. والدين پاران ٻارن جي همت افزائي نه ڪرڻ

اڪثر پڙهيا لکيا والدين به ٻارن تي اهو نفسياتي دٻاءُ وجهندا آهن ته امتحان ۾ پوزيشن ضرور کڻو ۽ مئٿس ۾ مارڪون گهٽ نه کڻو. اهي وڌيڪ اچڻ گهرجن. يا وري هيئن چوندا ته رياضي ڏکيو سبجيڪٽ آهي، ان ۾ جام محنت ڪريو. هو ڏکيو سبجيڪٽ چئي يا وري پوزيشن کڻڻ جو چئلينج ڏئي، ٻارن لاءِ مسئلا پيدا ڪري ٿا ڇڏين. ان سان گڏ ٻار لاءِ استادن کان اجائي هوم ورڪ جي به گهر ڪندا اهن ته جيئن ٻار مصروف رهي. يا وري اضافي ٽيوشنز به ٻار کي ڏنيون وينديون اهن ته جين هن جي مئٿس سٺي ٿئي، پر منهنجي خيال ۾ اهي سڀ ڳالهيون ٻار تي اضافي بوجهه پيدا ڪن ٿيون ۽ ڪافي ٻار ان صورتحال ۾ مايوس ٿي ٿا وڃن. ان ڪري والدين کي به پنهنجي ٻارن جي حوصلا شڪني ڪرڻ جي بجاءِ ان جي همت افزائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن هو بغير ڪنهن ڊپ جي رياضي پڙهي سگهن. مان يقين سان چوان ٿو ته جڏهن ٻار مان ڊپ ختم ٿي ويو ته پوءِ هو ڪافي تخليقي ۽ ڪارائتا ڪم ڪري سگهي ٿو.

### 5. سماجي جاڳرتا ۽ ڪائونسلنگ جو نه هجڻ

اسان وٽ هر ڪني ڪم جي پرچار تمام تيزي سان ۽ گهڻائي ۾ ڪئي ويندي آهي پر ڪنهن سٺي تعليمي ۽ شعوري سرگرمي جي پرچار ته بلڪل نه ڪئي ويندي آهي پر مرڳو ان جي رستا روڪ ڪئي ويندي آهي. ان ڪري اهڙي قسم جي ورڪشاپس ۽ جاڳرتا مهمن جي تمام گهڻي ضرورت آهي، جن جي ذريعي هر تعليمي ۽ شعوري سرگرمي سميت خاص طور تي مئٿس جي حوالي سان سٺن تعليمدانن ۽ ٽرينرز جا سيشنز ڪرايا وڃن، جن ۾ مختلف ادارن جا شاگرد حصو وٺن. ان ڏس ۾ يونيورسٽين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي اهڙي قسم جا پروگرام ڪرائڻ گهرجن.

هي تعليم سان لاڳاپيل هر فرد جو فرض آهي ته هو اسان جي شاگردن جي ان بنيادي تعليمي مسئلي کي سنجيدهه وٺي ۽ ان کي حل ڪرڻ لاءِ جاکوڙي. مون کي اميد آهي ته هن مضمون ذريعي اسان گهٽ ۾ گهٽ ان مسئلي تي سوچ ويچار ضرور ڪنداسين ۽ اها به اميد ٿو ڪيان ته سوچ ويچار سان گڏ عملي طور تي به مثبت قدم وڌائينداسين.

(هي ليک سنڌ ايڪسپريس اخبار جي سنڌي ميگ ۾ 16 سيپٽمبر 2018 تي شايع ٿيو)

# تعليم ۾ نصابي ۽ هم نصابي سرگرمين جي اهميت

تعليم هڪ گهڻ پاسائون عمل آهي، جنهن ۾ مختلف سرگرمين جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي. انهن مختلف سرگرمين نصابي توڙي هم نصابي سرگرمين سان شاگردن کي تمام گهڻا فائدا ٿي سگهن ٿا. اسان وٽ عام طور تي تعليم ان کي ئي سمجهيو ۽ چيو ويندو آهي ته استاد پڙهائي ۽ شاگرد پڙهي. جڏهن ته اسان وٽ اڪثر ائين ٿيندو آ جو استاد پيو ڳالهائيندو، پڙهندو ۽ لکندو آهي. ٻار خاموش ٿي پيا ان کي ڏسندا آهن. هو پيا رڳو ها ۾ ها ملائيندا آهن ۽ پڙهايل مواد طوطي وانگر پيا رٽيندا آهن، ان سان گڏوگڏ بغير سمجهن جي لکڻ تي به زور هوندو آهي. ان سچي عمل ۾ سوچڻ، سمجهڻ، شاگرد پاران سوال ڪرڻ يا پنهنجو خيال پيش ڪري ڪلاس ۾ حصو وٺڻ نه هجڻ برابر هوندو آهي. ان ڪري تعليمي عمل ۾ اهو ضروري آهي ته شاگرد کي ڪلاس ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جو موقعو ڏجي. سوال پڇڻ تي ڪيس همٿائجي ۽ ساراهجي. ان سان اهو ٿيندو ته ٻار هر ڳالهه غور ۽ دلچسپي سان ٻڌندو ۽ ذهن ۾ ڪو سوال هوندس ته پڇندو. ان لاءِ اسان مختلف قسمن جون نصابي توڙي هم نصابي سرگرميون ڪرائي تعليم جي معيار کي بهتر ڪري سگهون ٿا.
هاڻي جيڪڏهن ان کي نصابي حوالي سان ڏسنداسين ته منهنجي خيال ۾ هيٺيون ڪجهه سرگرميون ڪرائي اسان تعليمي عمل ۾ شاگردن جي دلچسپي وڌائي سگهون ٿا. ڇو ته تعليم هاڻي چائلڊ سينٽرڊ آهي. ان ڪري شاگردن جي شموليت وڌ کان وڌ هئڻ ضروري آهي.

- ڪنهن کي ٽاپڪ کي سمجهائڻ کان پهرين شاگردن کان ان بابت پڇجي ته ڇا توهان ان بابت اڳ ۾ ٻڌو يا پڙهيو آهي؟ ان سان به ڪجهه شاگرد جواب ڏيڻ شروع ڪندا ۽ ان بابت سوچيندا.
- شاگردن کي گروپن جي صورت ۾ ورهائي، انهن جا پاڻ ۾ بحث ڪرايا وڃن ۽ انهن گروپن جي وچ ۾ سوالن جوابن جا مقابلا به ڪرائي سگهن ٿا. ان سان به ٻار دلچسپي وٺندا.
- شاگردن کي مختلف اسائينمينٽس ڏنيون وڃن جيڪي هو مڪمل ڪري پوءِ ڪلاس ۾ ٻين جي سامهون پيش ڪن.
- شاگردن کان مختلف نصابي ٽاپڪس تي پريزنٽيشنز ورتيون وڃن ته جيئن انهن جي اعتماد ۾ اضافو ٿئي.
- شافردن کان مختلف چارٽ ۽ تصويرون ٺهرايون وڃن.
- اسڪولن ۾ موجود تجربيگاهن کي فنڪشنل ڪيو وڃي، جتي شاگردن کي تجربا ڪري مختلف ٽاپڪس سمجهايا وڃن. ان سان سندن سائنسي سوچ ۾ به اضافو ٿيندو ۽ سندن مشاهدي جي سگهه ۾ به واڌارو ٿيندو.
- اسان وٽ عام طور تي غير نصابي سرگرمين کي تمام گهٽ اهميت ڏني ويندي. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ڪنهن جي به شخصيت ناهڻ ۽ تربيت لاءِ نصابي ۽ عير نصابي سرگرمين جي اهميت برابر آهي.
- اسان هيٺيون ڪجهه هم نصابي سرگرميون ڪرائي شاگردن جي ذهني توڙي جسماني تربيت ڪري سگهون ٿا.
- شاگردن ۾ تقريري مقابلا ڪرايا وڃن، ان سان گڏ سوالن جوابن ۽ بيت بازي جا به مقابلا ڪرايا وڃن.

- گيت ڳائڻ، تصويرون ناهڻ، لطيفا ٻڌائڻ جا ٻ مقابلا ڪرايا وڃن.
- لائيبرري ۾ ڪتاب پڙهڻ جي عادت وجهجي، ان لاءِ ضروري آهي ت اسڪولن ۾ موجود لائيبررين کي آباد ڪجي ۽ جتي لائيبرريون ناهن، اتي ڪوشش ڪري قائم ڪيون وڃن. ان سان شاگرد ڪتاب دوست ٿيندو.
- مختلف راندين جا مقابلا ڪرايا وڃن. هر ڪلاس جو روز هڪ ڪلاس راندين جو هجڻ گهرجي. ان سان شاگرد جسماني طور تندرست ٿيندا. ظاهر آهي جسماني طور تندرست هوندا ت ذهني ۽ نفسياتي طور ٻ تندرست هوندا ۽ ڪافي بيمارين کان ٻ بچي پوندا.
- تعليمي ادارن ۾ مختلف ڏهاڙا ملهايا وڃن، جيئن لطيف ڊي، اقبال ڊي، جشن آزادي، ٻارن جو ڏينهن، استادن جو ڏينهن وغيره. اهي ڏينهن ملهائڻ سان ٻ شاگردن جي ڄاڻ سان گڏ اعتماد ۾ ٻ اضافو ٿيندو. هاڻي ڪافي ادارن ۾ اها سٺي روايت پئي آهي ت هو اهي ڏينهن هر سال ملهائين ٿا.

اهي منهنجي ذهن ۾ ايندڙ ڪجھ سرگرميون آهن، يقينن اهي طرح ٻيون ٻ ڪافي سرگرميون ٿي سگهن ٿيون، جن کي عملي طور ڪم آڻي اسان بااعتماد ۽ ڪارائتا انسان پيدا ڪري سگهون ٿا. هن ڳالهين کي بحث هيٺ آڻڻ جو مقصد رکيو اهو هو ت هن سڄي تعليمي عمل ۾ شاگردن کي شامل ڪجي. اهي شاگرد ئي اسان جو مستقبل آهن.

(هي ليک روزاني سنڌ ايڪسپريس اخبار جي سنڌي ميگ ۾ 26 آگسٽ 2018 تي شايع ٿيو).

# تعليم جي ٻيڙي تارڻ بجاءِ ٻوڙڻ واري پاليسي!؟

اسان جي سرڪار سڳوري تعليم ۾ بهتري آڻڻ جي نالي ۾ ڪافي تبديليون ڪري رهي آهي، پر انهن تبديلين مان هڪ به تبديلي تعليم کي راس نه آئي آهي. تازو هڪ شاگرد دشمن تبديلي "نائين درجي جو امتحان ختم ڪرڻ" جي نالي ۾ ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ڪاليج جي يارهين ۽ ٻارهين ڪلاسن جو گڏيل امتحان وٺڻ جون به تياريون هلندڙ آهن. اسان وٽ تعليم جي ٻيڙي ته اڳ ئي ٻڏڻ تي آهي، پر هن منصوبابندي ذريعي اها ٻيڙي ترڻ بجاءِ ويتر غرق ٿي ويندي، هينئر تعليم نالي ماتر آهي، پوءِ اها به نه رهندي. انهي سسٽم کي لاڳو ڪرڻ سان منهنجي خيال ۾ شاگردن کي جيڪي نقصان پهچندا، اهي هي آهن.

1. شاگردن کي ٻن سالن جا پيپر هڪ ئي وقت ڏيڻ ۾ تمام گهڻي مشڪل ٿيندي، جو ته لاڳيتو 10 پيپر ڏيڻ مشڪل ڪم آهي.
2. نائين ڪلاس ۾ شاگرد بورڊ جو پهريون امتحان ڏيندو آهي، انهي ڪري هن تي نفسياتي دٻاءُ هوندو آهي ۽ مٿان وري 10 پرچا گڏ ٿين ته اهو شاگرد لاءِ نائين ڪلاس جو امتحان نه پر سي ايس ايس جو امتحان ٿي ويندو.
3. لاڳيتو ڏهن پرچن جي ڪري شاگردن تي نفسياتي دٻاءُ رهندو.
4. سست شاگردن کي وڏيڪ سستي ڪرڻ جو موقعو ملندو ته امتحان ٻن ڪان پوءِ ٿيندا، سو جڏهن امتحان جا ڏينهن ويجها ايندا، تڏهن تياري ڪنداسين.
5. ٻن سالن ڪان پوءِ امتحان ٿيڻ ڪري شاگرن ڪان نائين ڪلاس جي پڙهائي وسري ويندي.
6. هڪ ئي وقت ٻن ڪلاسن جي سبجيڪٽن جي تياري ڪرڻ وقت شاگرد مونجهاري جو شڪار ٿيندو ته پهرين ڪهڙي ڪلاس جي پيپرن جي تياري ڪريان؟!
7. ٻنهي ڪلاسن جا امتحان، هڪ ئي وقت تي ٿيڻ سان شاگرد اندازو لڳائي نه سگهندو ته ڪهڙي ڪلاس ۾ سندس ڪيتريون مارڪون ايندئون. نه ته اڳ ۾ نائين ڪلاس جي نتيجي مان شاگرد اندازو لڳائي وٺندو هو ته ڪيس سنو گريڊ ڪڻڻ لاءِ ڪيتريون مارڪون گهربل آهن.
8. ان امتحان جي ڪري شاگرد ڪاپي جو سهارو وٺندا.
9. گهڻو ڪورس هجڻ ڪري شاگردن جي پڙهائي مان دلچسپي ختم ٿي ويندي.
10. پروفيشنل يونيورسٽين ۾ داخلا لاءِ اهو شرط آهي ته شاگرد جون 60 سيڪڙو مارڪون هجڻ ضروري آهن، پر اهڙي امتحاني طريقي جي ڪري ڪافي شاگرد 60 سيڪڙو ڪان گهٽ مارڪون ڪڻندا، نتيجي ۾ هو يونيورسٽين ۾ داخلا حاصل نه ڪري سگهندا.
11. امتحاني بورڊن ۾ رشوت جي بازار گرم ٿيندي، ماڻهو من پسند نتيجن لاءِ پئسا ڏئي مارڪون وٺندا.
12. ان سان پڙهڻ واري محنتي شاگرد جو حق مرندو ۽ ان جو وڏو نقصان ٿيندو.

ان ڪري حڪومت کي فيصلو واپس وٺڻ گهرجي. ٻن سالن کان پوءِ امتحان نہ پر هر ڇهن مهينن تي سيميسٽر امتحان ورتو وڃي، استادن جا تربيتي ورڪشاپ ڪرايا وڃن. بورڊ مان رشوت کي ختم ڪيو وڃي تہ جيئن تعليمي بهتري اچي سگهي ۽ شاگردن جو ڀلو ٿئي.

(هي ليک ڪاوش اخبار ۾ 25 سيپٽمبر 2005 تي شايع ٿيو، جيڪو ان وقت جي امتحاني پاليسي بابت لکيو ويو هو)

# يونيورسٽيون، مسئلا صلاحون

## اعليٰ تعليمي ادارا شاگرد دوست ڪڏهن بڻجندا؟

اسان وٽ تعليم جي شعبي کي جنهن به رخ کان ڏٺو وڃي ته اهو انيڪ مسئلن جو شڪار ملندو. شاگردن جي اڪثريت سندن پرائمري تعليم ئي اڌ ۾ ڇڏي ٿا ڏين، جنهن جا انيڪ سبب آهن. اهڙي ماحول ۾ تمام گهٽ شاگرد يونيورسٽين تائين رسائي حاصل ڪري سگهن ٿا. پر انهن شاگردن جي به صحيح رهنمائي نه ٿيڻ ۽ ڪيرئير ڪائونسلنگ نه هجڻ ڪري، انهن کي به انيڪ مسئلن جو منهن ڏسڻو ٿو پوي. منهنجي خيال ۾ يونيورسٽين ۾ ايندڙ نون شاگردن کي جيڪي مسئلا ڏسڻا ٿا پون، انهن مان ڪجھ هي آهن.

1. **سينئر شاگردن پاران ريگنگ:**

يونيورسٽين ۾ جيئن ئي نئون سال شروع ٿيندو آهي ته نون ايندڙ شاگردن جي آجيان ريگنگ سان ڪئي ويندي آهي. جيڪا سندن ئي سينئرس ڪندا آهن. ريگنگ هلڪي ڦلڪي مذاق مستي تائين هجي ته ٺيڪ آ پر ڪي ڪي شاگرد صفا انتها ڪري ڇڏيندا آهن. شاگردن کان ڪلام ڳارايا ويندا آهن، ڊانسون ڪرايون وينديون آهن ۽ ٻيون عجيب فرمائشون ڪيون وينديون آهن. ڪافي حساس شاگرد اها ريگنگ ڏسي يونيورسٽي ۾ پڙهڻ تان ئي هٿ کڻي ويندا آهن. جيڪو هڪ غلط عمل آهي. هئڻ ته ائين گهرجي جو اتي موجود سينئر شاگرد، نون ايندڙ شاگردن جي هر حوالي سان رهنمائي ڪن ته جيئن هو پنهنجي پڙهائي ۾ دلچسپي وٺي سگهن.

2. **پسند جو شعبو نه ملڻ:**

اڪثر شاگردن کي سندن چوائس جو شعبو ناهي ملندو پوءِ هو جيڪو شعبو مليو، ان ۾ فيس جمع ڪرائي وڃي داخلا وٺندا آهن. ان جي نتيجي ۾ هو يونيورسٽي جا شاگرد ته ٿي ويندا آهن پر پڙهڻ ۾ سندن دلچسپي ناهي رهندي ۽ يا ته وري داخلا اڌ ۾ ڇڏي، وري ايندڙ سال جي لاءِ پسند جي شعبي جي ڪوشش ۾ لڳي ٿا وڃن. وري ايندڙ سال به جي ناڪام ٿيندا آهن ته مايوسين جو شڪار ٿي ويندا آهن.

3. **ڪيرئير ڪائونسلنگ نه هجڻ:**

ڪيرئير ڪائونسلنگ نه هئڻ ڪري اڪثر شاگردن کي انٽر جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ به اها خبر ناهي هوندي ته ڪهن يونيورسٽي ۾ ڪهڙي شعبي ۾ داخلا وٺڻي آهي. پوءِ جتي هنن جا دوست يا والدين چوندا آهن، اتي ئي داخلا وٺندا آهن. اسان وٽ هڪ ظلم اهو به آهي جو شاگردن کي رڳو ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ جي باري ۾ ٻڌايو ويندو آهي ۽ ٻين شعبن جي ته هنن کي خبر ئي ناهي هوندي. ان لاءِ استادن ۽ والدين کي گهرجي ته هو شاگردن کي ٻين شعبن جي معلومات به ڏين ۽ ان ۾ اپلاءِ ڪرڻ لاءِ همٿائين.

4. **استادن پاران رهنمائي جي کوٽ:**

يونيورسٽين ۾ استاد به شاگردن جي اها رهنمائي ناهن ڪندا جنهن جي هنن کي ضرورت هوندي آهي، هو صرف ڪلاس وٺڻ تائين محدود هوندا آهن. هنن کي شاگردن جي رهنمائي ڪرڻ گهرجي، خاص طور تي ٻهراڙين کان ايندڙ شاگردن کي سندن رهنمائي ۽ شفقت جي وڌيڪ ضرورت هوندي آهي. ان

دوران هو سندن پيٽ شهر جي شاگردن سان ڪندا آهن، جيڪي وڏيڪ سهولتون هجڻ ڪري هنن کان اڳتي هوندا آهن. نتيجي ۾ هو احساس ڪمتري جو شڪار ٿي ٿا وڃن. ڪافي شاگرد پڙهڻ ٻه ڇڏيو وڃن.

.5 **رهائش جا مسئلا:**

شاگردن جي اڪثريت ڪي، جيڪي خاص طور ٻهراڙين مان ٻين شهرن ۾ موجود اعليٰ تعليمي ادارن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ وڃن ٿا. انهن سان سڀ کان وڏو مسئلو رهائش جو هوندو آهي. ڪيترين يونيورسٽين ۾ ته هائي هاسٽلون رهيون ئي ناهن. اڪثر نون قائم ٿيل يونيورسٽين ۾ ٻه هاسٽلون ناهن ۽ باقي جن چند يونيورسٽين ۾ هاسٽلون آهن، انهن ۾ ايتري گنجائش ناهي هوندي جو سڀ داخلا ورتل شاگرد رهي سگهن. نتيجي ۾ ويچارا شاگرد مجبوري مان نامناسب جاين تي هڪٻئي جا پارٽنر بڻجي وڃي رهن آهن. جتي هڪ ته آس پاس جو ماحول سندن حق ۾ ناهي هوندو، ۽ ٻيو ته سندن خرچ ٻه وڏيڪ ايدو آهي، جيڪو غريب شاگردن جا والدين ڳرين فيس سان گڏ ادا ناهن ڪري سگهندا. نتيجي ۾ اهڙن مسڪين شاگردن جي تعليم متاثر ٿيندي آهي. تنهن ڪري اهو تمام ضروري آهي يونيورسٽين ۽ ٻين اعليٰ تعليمي ادارن پاران ضرورتمند شاگردن کي رهائش جي سهولت مهيا ڪري ڏني وڃي.

تنهنڪري شاگردن جا اهي مسئلا حل ڪرڻ جي ذميواري ته اعليٰ تعليمي ادارن جي آهي، ان سان گڏ سرڪار پڻ انهن تي نظر رکي ۽ جيڪڏهن يونيورسٽي انتظاميا شاگردن جي مسئلا حل نٿي ڪري ته سرڪار انهن يونيورسٽين خلاف ڪاروائي ڪري. گڏوگڏ شاگردن کي بنيادي سهولتون ڏيارڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان گڏ استادن، والدين ۽ شاگردن جي ٻه ذميواري بڻجي ٿي ته اهي ان بابت آواز اٿارين. ڇاڪاڻ جو اسان جا شاگرد سڪون سان بنا پريشاني جي پنهنجي تعليم حاصل ڪندا ته يقينن هو پنهنجي سبجيڪٽ جا ماهر بڻجي نڪرندا ۽ اڳتي هلي پنهنجي سماج جي بهتر اڏاوت ۾ هٿ ونڊائيندا.

( هي ليک ڪاوش اخبار جي مدويڪ مئگزين ۾ 31 جنوري 2018 تي شايع ٿيو)

# اسان جي مادرعلمين کي تحقيق تي بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي

ڪنهن بہ سماج جي جوڙجڪ ۾ ان جي تعليمي ادارن جو تمام وڏو ڪردار هوندو آهي. تعليمي ادارا سماج لاءِ سدائين اتساهہ جو سبب رهيا آهن. انهن تعليمي ادارن جو انسان جي ڪردارسازي ۾ بہ اهم حصو آهي. انهن ادارن مان پڙهي لکي ڪافي ماڻهو سماج جا پرجهلا ٿي بيٺا آهن ۽ مختلف شعبن ۾ پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. هر حساس فرد کي پنهنجي تعليمي ادارن سان انسيت ۽ پيار هوندو آهي، جتي هن پنهنجو ننڍپڻ يا جواني گذاري آهي. انهن تعليمي ادارن ۾ هر اداري جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي پر انهن ۾ بہ يونيورسٽين جي اهميت تمام گهڻي آهي. ڇو تہ يونيورسٽي ئي اها جڳهہ آهي جتي ڪنهن بہ علم کي وڏي سطح تي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جا موقعا موجود هوندا آهن. يونيورسٽين مان ئي پڙهي ماڻهو پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ مصروف ٿي ويندو آهي. يونيورسٽيون اهي تعليمي ادارا آهن، جتي تحقيق جا در کلن ٿا. اتي رهي انسان وڏي سطح تي سوچڻ ۽ سمجهڻ شروع ڪري ٿو.

اسان وٽ ڪجهہ ڏينهن اڳ حيدرآباد امتحاني بورڊ سميت ٻيا بورڊ بہ انٽر ڪلاس جا امتحاني نتيجا پڌرا ڪري چڪا آهن. انهي جو اهو مطلب تہ سنڌ ۾ هر سال وانگر هن سال بہ يونيورسٽين ۾ داخلائون شروع ٿيڻ واريون آهن. جن لاءِ مختلف يونيورسٽين ۾ داخلا لاءِ پري انٽري امتحان ٿي ويا آهن ۽ ڪن يونيورسٽين ۾ هاڻي اهي ٿيسٽون ٿيڻ واريون آهن.

شاگرد هن وقت يونيورسٽين جا فارم جمع ڪرائڻ ۾ مصروف آهن. يقينن انهن مان چونڊجي آيل شاگردن جا اينڊڙ جنوري کان يونيورسٽي جا ڪلاسز هلڻ شروع ٿي ويندا. هاڻي ان موقعي تي هر سال وانگر منهنجي ذهن ۾ ڪجهہ سوال اٿن ٿا. دل چوي ٿي تہ هن ليک ذريعي انهن سوالن کي اسان جي باشعور دوستن جي بہ اڳيان رکجي.

پهرين ڳالهہ تہ اسان جون يونيورسٽيون هر سال بي انتها داخلائون ڪن ٿيون. جتي ڪلاس ۾ گنجائش ۽ سهولتون 50 شاگردن جيتريون آهن، اتي اسان وٽ هر شعبي جي هر بئچ ۾ 200 جي لڳ ڀڳ داخلائون ڪيون وڃن ٿيون. ان ۾ بہ وري ڪافي شعبن ۾ شام جو بہ ڪلاسز هلن ٿا. ان جو مطلب تہ هر سال هر شعبي ۾ تمام گهڻا شاگرد ڊگريون وٺي نڪرن ٿا. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ايتريون داخلائون ڇو ٿيون ڪيون وڃن؟ ان جو مقصد معاشري کي پڙهيا لکيا فرد ڏيڻ آهي يا رڳو پئسا ڪمائڻ آهي؟ ڇا يونيورسٽيون پنهنجي انهن سيني شاگردن کي سهولتون ڏيڻ ۾ ڪامياب وڃن ٿيون؟ ڇا ايترا سارا ڊگريون وٺي نڪرندڙ شاگرد پنهنجيون معاشي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ انهن ڊگرين جي بنياد تي نوڪريون حاصل ڪري سگهندا آهن؟ ڇا يونيورسٽين مان تعليم پرائي نڪرندڙ شاگرد سماج لاءِ ڪارگر فرد ثابت ٿين ٿا؟ ڇا يونيورسٽين ۾ ايتري تعداد ۾ داخل ٿيندڙ شاگردن کي تحقيق ڪرائي ۽ سمجهائي ٿي وڃي؟

يقينن ان جهڙا ٻيا بہ ڪافي سوال ٿي سگهن ٿا. منهنجي خيال ۾ مٿي ذڪر ڪيل سوالن جو جواب نہ ۾ ئي آهي. ڇو تہ يونيورسٽيون حد کان وڌيڪ داخلائون ڪري رڳو پئسا ٿيون ڪمائين. نتيجي ۾ اهي شاگردن کي گهربل سهولتون مهيا ڪرڻ جي قابل ئي ناهن. ان جو مثال گذريل سال شاگردن ۽ خاص طور شاگرداڻين کي هاسٽل ۾ جڳهہ جو نہ ملڻ آهي. هاڻي جڏهن يونيورسٽي جي هاسٽل ۾ شاگردن لاءِ رهڻ جو ئي بندوبست ناهي تہ داخلا ڏئي ماڻهن کي ڇو پريشان ڪيو ويندو آهي؟

وري جن کي هاسٽلن ۾ داخلا ملي بہ ٿي تہ انهن کي بہ سهولتن جي اڻهوند کي منهن ڏيڻو ٿو پوي.

اهڙي حالتن ۾ کو شاگرد تعليم حاصل ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ توهان پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا.
ان کان پوءِ ڪلاسن ۾ پڙهائي لاءِ اڃا تائين بليڪ بورڊ پيو استعمال ٿئي. اڄ کان 30 سال اڳ وارو سيليبس پيو پڙهايو وڃي. اڪثر استادن جي پڙهائڻ جا طريقا به 30 سال اڳ وارا ئي آهن، اڄ به تحقيق ڪرائڻ ۽ شاگردن جي رهنمائي ڪرائڻ بجاءِ رڳو شاگردن کي اسائينميٽون ڏيڻ تي زور آهي، جن مان سکڻ لاءِ ڪجھ به نٿو ملي. هئڻ ته ائين گهرجي جو سماج ۾ موجود مختلف مسئلن تي يونيورسٽين ۾ باقائدي تحقيق ٿيڻ گهرجي. يونيورسٽيون اهڙا گريجيوئيٽ پيدا ڪن جيڪي سماج ۾ عملي طور پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري سگهن.
يونيورسٽين جي امتحاني سسٽم تي به سوال اٿندا رهيا آهن ته من پسند شاگردن کي يا وري سفارشي شاگردن کي مارڪون ملن ٿيون يا وري اهي ئي پاس ٿي ڊگريون وٺن ٿا. باقي جنهن شاگرد جي ڪا سفارش ناهي ته ان کي مختلف طريقن سان رلايو ٿو وڃي. يونيورسٽين ۾ نوڪريون به اڪثر من پسند ماڻهن کي ٿيون ملن جڏهن ته عام ماڻهو لاءِ ڪا به گنجائش
ناهي.
اهڙي حالت ۾ يونيورسٽين مان ڊگريون وٺي نڪرندڙ شاگردن جي اڪثريت کي پنهنجي شعبي جي ڄاڻ ئي ناهي هوندي. مڙئي ڊگري حاصل ڪرڻ جهڙوڪر سماجي فرض ٿي پيو آهي. ان جي نتيجي ۾ اڪثر نوجوان بيروزگاري ۾ زندگي گذارين ٿا ۽ ڪنهن به ڪم جا نٿا رهن. يونيورسٽين کي هر سال ڪريئر ڪائونسلنگ جا ورڪشاپس ڪرائڻ گهرجن، جن ۾ مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد شريڪ ٿين ته يونيورسٽي ۾ داخلا وٺڻ کان پهرين سندن دماغ ۾ موجود سوالن جا جواب ڪين ملي وڃن. ان سان اهو ٿيندو ته هو پنهنجي پسند جي شعبي ۾ داخلا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪري
ڇڏيندا.
استادن کي به گهرجي ته هو شاگردن جي بهتر رهنمائي ڪن ۽ ڪين تحقيق طرف متوجھ ڪن. ان سان اهو فائدو ٿيندو ته اسان جون يونيورسٽيون رڳو ڊگريون ڏيڻ جا دڪان ۽ جاهلن جون فوجون تيار ڪرڻ واري تعارف مان بدلجي تحقيق جا مرڪز ٿي وينديون، جتان پڙهي لکي کو به فرد ڪارگر سماجي فرد ٿي نڪرندو.. جيڪو سماج جي مسئلن کي پنهنجي تحقيق ۽ سائنسي سوچ ذريعي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. اهڙو فرد شخصي فائدي کان سڄي سماج جي فائدي کي اهميت ڏيندو ۽ انسان دوست ثابت ٿيندو .
هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي جو اسان جي يونيورسٽين جي انتظاميا کي ان طرف سنجيدگي سان سوچڻو پوندو. ان سان گڏوگڏ اسان جي يونيورسٽين جي معزز استادن کي به پنهنجي ذاتي فائدن، عهدن ۽ مراعتن کان مٿانهون ٿي پوري معاشري جي بهتري لاءِ سوچڻو پوندو. نه رڳو سوچڻو پوندو پر ان تي عمل به ڪرڻو پوندو. باقي نه ته اسان دنيا ۾ ته تعليم ۽ شعورجي کوٽ هئڻ ڪري اڳ ئي خوار ۽ خراب ٿيون پيا. هن ليک ذريعي مان اها اميد ٿو ڪيان ته اسان جون يونيورسٽيون ۽ ان سان لاڳاپيل فرد، پوءِ اهي چاهي انتظامي عملدار هجن يا استاد هجن، شاگرد هجن يا انهن جا والدين هجن، اديب ۽ باشعور ماڻهو هجن يا عام عوام هجي. اهي سڀ ان طرف ڌيان ڏيندا. ڇو ته اهو اسان سڀني جو گڏيل فرض آهي.

(هي ليک سنڌ ايڪسپريس اخبار جي سنڌي ميگ ۾ 7 آڪٽوبر 2018 تي شايع ٿيو.)

# سنڌ يونيورسٽيءَ جي پارت ڪنهن کي ڪجي؟

تازو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ باٽني جي پروفيسر ۽ اسٽوڊنٽس افيئرس آفيسر بشير احمد چنڙ کي يونيورسٽي ڪيمپس اندر قتل ڪيو ويو آهي. جيڪو هڪ دردناڪ ۽ مذمت جوڳو عمل آهي. تعليمي ادارا پڙهڻ، لوچڻ ۽ تحقيق ڪرڻ لاءِ هوندا آهن، نه ڪي جنگ جو ميدان، جتان روز لاش کنيا وڃن.
هتي گذريل پنجن ستن سالن کان هر سال هڪ نه هڪ شاگرد جو لاش نڪري ٿو. هاڻي اها ڳالهه وڃي پروفيسرن تائين پهتي آهي. سنڌي شاگرد، جن لاءِ ڪراچي جي تعليمي ادارن جا دروازا نه اڳ ۾ ئي بند آهن ۽ واحد سنڌ يونيورسٽي ئي آهي، جتي سنڌي شاگردن جو وڏو تعداد پڙهي ٿو، ان ۾ وري لاقانونيت عروج تي آهي ته پوءِ ٻڌايو ته ڪيئن سنڌي شاگرد ۽ نوجوان اڳتي نڪري دنيا جي چيئلنجز جو مقابلو ڪري سگهندا.!؟ هر ساڃاهه وند کي ان سوال تي ضرور سوچڻ گهرجي. هڪ سازش تحت هڻ وٺي سنڌ جي تعليم کي تباهه ڪيو پيو وڃي. جنهن ملڪ جي تعليمي ادارن ۾ قلم ۽ ڪتاب جي جڳهه تي بندوقن ۽ بارود جو راڄ هجي، اتي ڪهڙا ذهن پيدا ٿي سگهن ٿا؟ اهو اسان کان هاڻي لڪل ناهي .
سنڌ يونيورسٽي جنهن کي هاڻي هڪ نئين مهم جوئي تحت ننڍڙن ڪئمپسز ۾ ورهايو ويو آهي. جنهن ۾ لاڙ ڪيمپس بدين، ميرپورخاص ڪيمپس ۽ دادو ڪيمپس شامل آهن .
هر سال هر ضلعي لاءِ الڳ ڪيمپس نهي ٿو ته پوءِ آخر مين ڪيمپس ڄامشورو ڪنهن جي لاءِ آهي؟!
انهن ننڍڙن ڪيمپسز ۾ وري سهولتن جي اڻهوند ۽ قابل استادن جي وڏي کوٽ آهي. اهڙي صورتحال ۾ اتي هڪ شاگرد پنهنجي يونيورسٽي سطح جي تعليم ڪيئن پوري ڪندو؟ هي هاڻي تعليمي ادارا گهٽ بلڪ ڪاروبار جو مرڪز وڌيڪ لڳن ٿا، جتي ڳاٽي ٽوڙ فيون وٺي، نتيجي ۾ نااهلن جي فوج تيار ڪري انهن کي ڊگريون ڏنيون ٿيون وڃن، جيڪي اڳتي هلي سنڌ ۽ سنڌ يونيورسٽي جو نالو به بدنام ڪن ٿا .
ڏاڍي ڏک جهڙي ڳالهه آهي جو علامه آءِ آءِ قاضي جي ناهيل هن اداري جو هي ڏکوئيندڙ حال آهي. پنهنجي سامهون استادن ۽ شاگردن جا قتل ٿيندو ڏسي، قاضي صاحب به روئي پيو هوندو ۽ چوندو هوندو ته "منهنجي سنڌ يونيورسٽي جي پارت اٿو."

(هي ليک افيئر مئگزين جي جنوري 2012ع واري شماري ۾ شايع ٿيو)

# خودڪشيون ڪندڙ اسان جو مستقبل

تازو لمس يونيورسٽي ڄامشورو جي هاسٽل مان هڪ شاگرد جو لاش مليو آهي. جنهن جي تحقيقي رپورٽز جي بنياد تي اهو نتيجو ڪڍيو ويو ته اهو خودڪشي جو واقعو آهي. ان کان سال کن اڳ سنڌ يونيورسٽي جي گرلس هاسٽل مان هڪ شاگردياڻي جو لاش مليو جنهن لاءِ به اهو چيو ويو ته اها خودڪشي آهي. اهڙي طرح ڪافي وقت کان اهو سلسلو هلندو ٿو رهي ۽ ختم ٿيڻ بجاءِ ويتر وڌندو ٿو وڃي. ڪجھ ڏينهن ماڻهن سوشل ميڊيا تي بحث ڪن ٿا يا وري اهي خبرون پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ رهن ٿيون. پر ان کان پوءِ ڪير به ان ڳالھ تي نٿو سوچي ته آخر اهڙا واقعا ٿين ڇو ٿا؟ سو به اعليٰ تعليمي ادران ۾، جتي سنڌ جو مستقبل وڏيون اميدون ڪٽي پهچي ٿو .

انهن ڳالهين مان صاف ظاهر آهي ته اسان جي تعليمي ادارن کي هڪ منظوم سازش تحت تباھ ڪري اسان جي نوجوانن کي تباهي ۽ مايوسي جي ڏبڻ ۾ ڦاسايو پيو وڃي. جتان ان جو نڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي.

هڪ ته يونيورسٽين ۾ شاگردن جي حفاظت جو ڪو جوڳو نظام ڪونهي ٻيو وري اتي موجود اختيارين جي به سڄو سال ڪرسي تي ويڙھ هوندي آهي باقي ٻيو مڙئي خير. شاگرد پڙهن يا نه پڙهن ان سان اتي موجود اختيارين جو ڪھڙو تعلق. هنن کي ته هر مهيني وڏيون وڏيون پگهارون ۽ مراعتون ملنديون رهن ٿيون. سي ڇو اهو سوچين ته هڪ عام جو اولاد سٺي تعليم حاصل ڪري.

خودڪشين جو هڪ وڏو سبب پروفيسرن پاران ڪافي شاگردن کي امتحان ۾ فيل ڪرڻ يا وري مارڪن لاءِ تنگ ڪرڻ به هوندو آهي. ان ۾ به وري شاگردياڻيون وڌيڪ پوڄين ٿيون. هڪ ته اسان جي سماج ۾ عورتن جي تعليم اڳ ۾ ئي نه هجڻ برابر آهي ۽ مٿان وري اهڙي قسم جون حرڪتون ۽ ظلم ڪيا ويندا ته پوءِ شاگرد ڪٿان پڙهندا. نيٺ ڪافي حساس شاگرد مايوس ٿي خودڪشي جو رستو اختيار ڪن ٿا. جيڪو اسان جي سماج لاءِ خوفناڪ آهي.

ان ڪانسواءِ والدين جو رويو به ڪافي نوجوانن جي خودڪشي جو سبب بڻجي ٿو. والدين کي گھرجي ته هو ٻار جي بهتر تربيت ڪن. ڪيس ڪنهن به محرومي جو احساس ٿيڻ نه ڏين. ان سان دوستي رکن، ان سان ڪچهريون ڪن. ته جيئن ٻار اڪيلائي جو شڪار نه ٿئي ۽ اڳتي هلي ڪو اهڙو انتهائي قدم نه کڻي. والدين ڪوشش ڪري ٻارن جون جائز خواهشون پوريون ڪن ۽ سندن فضول خواهشن بابت ڪين پيار سان سمجهائين .

نوجوانن کي به پنهنجي اندر صبر ۽ برداشت جو مادو پيدا ڪرڻو پوندو. ٿوري ٿوري ڳالھ تي جذباتي ٿي پنهنجي زندگي کي ختم ڪرڻ ڪا علقمندي ناهي. نوجوانن کي اهو به سوچڻو پوندو ته والدين جون ڪيڏيون اميدون هنن سان لاڳاپيل آهن جيڪي سڀ ان قدم سان سيڪنڊن جي اندر تباھ ۽ برباد ٿيو وڃن.

اسان جي تعليمي ادارن جو به اهو فرض آهي ته هو رڳو نصابي تعليم تائين محدود نه رهن پر هر ممڪن ڪوشش ڪري ٻارن جي ڪردار سازي تي ڌيان ڏين. ان سان اهو ٿيندو ته ننڍي هوندي کان ئي ٻار جي شخصيت ۾ سيئي سٺيون ڳالهيون اينديون وينديون.

معاشري جي هر فرد کي ان اهم مسئلي بابت آگاهي جي ضرورت آهي. ان ڪري سماج جي باشعور ماڻهن تي وڏي ذميواري ٿئي ٿي ته هو پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن. ان کان به وڌيڪ ذميواري استادن، والدين ۽ ادارن جي آهي ته هو پنهنجو ڪردار ادا ڪري اسان جي مستقبل کي خودڪشيون ڪرڻ کان بچائين.

(هي ليک لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز جي شاگرد جي هاسٽل اندر ٿيندڙ پوائتي موت تي لکيل).

# پري جن ٻاري

## اسان کي پنهنجن بهترين استادن کي مان ڏيڻ گهرجي

5 آڪٽوبر تي سڄي دنيا ۾ استادن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو. ان سلسلي ۾ عظيم استادن کي پيٽائون پيش ڪيون وڃن ٿيون ۽ مختلف پروگرام ترتيب ڏنا ويا. عظيم ڏاهي ارسطو استاد جي شان ۾ ڪيڏا نه سهڻا لفظ چيا آهن ته "ٻارن کي سٺي تعليم ۽ تربيت ڏيندڙ استاد ، والدين کان به وڌيڪ عظيم آهي، ڇو ته والدين ٻار کي جنم ڏنو آهي پر ان کي سهڻي نموني زندگي گذارڻ جو آرٽ استاد ڏي ٿو".

اسان وٽ اڄڪلهه استاد تي گهڻو ڪجهه ڳالهايو ٿو وڃي، ماڻهو جذبات ۾ اچي استادن کي تعليم جي تباهي جو ذميوار به قرار ڏين ٿا. ان ماحول ۾ مون اهو محسوس ڪيو ته ڇو نه اهو به لکجي ته ائين به ناهي، ته سنڌ سٺن استادن کان خالي آهي، اڄ به اسان وٽ بهترين استاد موجود آهن، جيڪي بغير ڪنهن لوڀ لالچ جي خاموشي سان پنهنجو فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن. اسان کي اهڙن اتساهيندڙ ڪردارن کي منظر عام تي آڻڻ گهرجي جو اڄ جو نوجوان انهن مان متاثر ٿي هڪ بهتر فرد ٿي سگهي.

مون جنهن استاد کي هڪ بهترين استاد طور ڏٺو، مان چاهيان ٿو ته ان جي توهان سان اڄ ملاقات ڪرائجي ۽ کين خراج تحسين به پيش ڪجي .ان بهترين استاد جو نالو سائين هيرو مل آهي، جيڪو واقعي پنهنجي نالي وانگر، پنهنجي شخصيت ۾ به هيرو آهي. هيرو مل کي ڏسي يقين سان اهو چئي سگهجي ٿو ته اسان جي معاشري ۾ اڄ به ڪوڙ سارا عظيم استاد پنهنجو فرض سرانجام ڏئي قوم جي ٻچن جو مستقبل سنواري رهيا آهن. سائين هيرو مل 1985 ۾ سندس نوڪري جي شروعات کان وٺي اڄ تائين سنڌ جي عظيم درسگاهه خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊوباگو ۾ پنهنجيون خدمتون ڏئي رهيا آهن. ان سموري عرصي دوران سائين وٽان ڪيترائي شاگرد پڙهي ۽ پرائي نڪتا جيڪي هن وقت زندگي جي مختلف شعبن ۾ مثبت ڪم ڪري رهيا آهن. اهي سمورا شاگرد ، سائين جو ذڪر تمام پيارن لفظن ۾ ڪن ٿا ۽ سائين کي نوڙي سلام ڪن ٿا.

سائين هيرو مل ڀٽائي جو عاشق آهي، سندس گفتگو ۾ ڀٽائي لازمي شامل هوندو آهي، سائين پنهنجي شاگردن ۽ دوستن کي هميشه مرڪون ۽ پيار آڇيندو آهي. درسي تعليم سان گڏوگڏ شاگردن جي ڪردارسازي به ڪندو آهي. جنهن جي اڄڪلهه وڏي ضرورت آهي. هيرو مل هڪ بهترين ٽرينرر به آهي، مختلف ٽيچرس ٽريننگز ۾ ماسٽر ٽرينر به رهيو آهي. پاڻ شهيد بينظير يٿو يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام ۾ بن سان ماسٽر ٽرينر به رهيا آهن. اسڪول ۾ مختلف پروگرامن جي تياري جي سلسلي ۾ استاد توڙي شاگرد سائين کان رهنمائي وٺندا آهن. سندن انداز نهايت ئي پيار پاٻوهه ۽ پنهنجائپ وارو هوندو آهي. سائين جا هٿ اکر به موتي داڻن جهڙا آهن. اسٽيج تي تقرير جو به بهترين فن اٿن. سندن تقرير کي ڀٽائي ، فيض ، غالب ۽ استاد بخاري جا شعر وڌيڪ وڻندڙ ۽ موهيندڙ ڪري ٿا ڇڏين.

سدائين پيار ۽ مرڪن سان پليڪار ڪندڙ سائين هيرومل جي سنڌي ادب ۾ ماسٽرس ڪيل آهي، اڪثر ڀٽائي پڙهندو رهندو آهي. هڪ ڀيري پڇيومانس ته سائين هن وقت ڀٽائي کان علاوه ڇا پيا پڙهو؟ پاڻ جواب ڏنائون ته سرمد حقيقت اها آهي ته ڀٽائي پڙهڻ کانپوءِ ٻيو ڪجهه پڙهڻ جي ضرورت ئي محسوس نٿي ٿئي ....

دعا آهي ته سائين ائين علم جي روشني، محبتون، مرڪون ۽ پيار وکيريندو رهي. شال سنڌ جي هر تعليمي اداري کي اهڙا استاد نصيب ٿين. ان سان گڏوگڏ اهو به عرض ڪندس

تہ اسان جي پڙهيل لکيل دوستن کي اهڙن گمنام ڪردارن کي منظر عام تي آڻ گهرجي تہ جيئن مايوسي جي هن عالم ۾ اسان جي نوجوانن کي اتساهہ ملي سگهي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ استاد جي عزت جو جذبو پيدا ٿئي .

( هي ليک ڪاوش اخبار جي مدويک مئگزين ۾ استادن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان 11 آڪٽوبر، 2017 تي شايع ٿيو).

## "شعور جا بنياد رکندڙ شخص" _ خانبهادر مير غلام محمد ٽالپر

دنيا ۾ هر روز ڪيترائي ماڻهو جنم وٺن ٿا ۽ ڪيترائي هي جهان ڇڏين ٿا، پر دنيا ۾ تمام ٿورا ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي سدائين لاءِ امر ٿي ويندا آهن ۽ عوام جي دلين ۾ سدا زنده رهندا آهن. پنهنجي لاءِ تہ هر شخص جيئي ٿو پر اهي تمام ٿورا ماڻهو "ٻين ڪاڻ جيئڻ" واري راهه تي هلڻ وارا راهي آهن. انهن تمام ٿورن ماڻهن ۾ لاڙ جي ضلعي بدين جي تعلقي ٽنڊي باگي جي مير غلام محمد ٽالپر جو شمار بہ ٿئي ٿو. مير غلام محمد ٽالپر اڄ کان گهڻو وقت اڳ اهو سوچي ورتو هو تہ سماج جي دردن جو درمان تعليم آهي. سندن تڪليفن جو حل تعليم سواءِ ممڪن ناهي. ان سوچ جي بنياد تي مير صاحب اڄ کان نوانوي سال اڳ لارينس مدرسي جو بنياد رکيو. مان ان کي رڳو هڪ مدرسو نٿو سمجهان پر منهنجي خيال ۾ اهو ان خطي ۾ شعور جو بنياد هو. جيڪو بنياد عاليشان ۽ مضبوط عمارت وانگر پنهنجون پاڙون پڪيون ڪندو اڳتي وڌندو رهيو آهي. انهي شعور جي لاٽ مان انيڪ ماڻهو روشني وٺي پنهنجي ذاتي زندگي سان گڏ معاشري ۾ بہ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

مير صاحب کي لاڙ جو سرسيد بہ چيو ويندو آهي ۽ ان عظيم ڪارنامي جي ڪري مير صاحب کي "خانبهادر" جي لقب سان بہ نوازيو ويو. مير صاحب کي "لاڙ جو ابو" بہ سڏيو ٿو وڃي. مان ذاتي طور تي ان راءِ جو آهيان تہ مير صاحب جي ليول جا ماڻهو پوري انسانيت جو سرمايو آهن. انهن ماڻهن کي ذاتين، علائقن، ملڪن ۽ قومن جي دائري تائين محدود نہ ڪجي. ڇو تہ انهن شخصيتن انهن سمورين ڳالهين کان مٿانهون ٿي، انسانذات جي ڀلي ۽ فلاح لاءِ پاڻ پتوڙيو.

مير صاحب جو شروع ڪيل لارينس مدرسو هن وقت هائر سيڪنڊري اسڪول طور ڪم ڪري رهيو آهي. ان ۾ هن 2200 شاگرد ڇهين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. مان پاڻ لاءِ اهو اعزاز ٿو سمجهان تہ مون کي ان تاريخي اداري ۾ استاد طور خدمتون سرانجام ڏيڻ جو موقعو مليو آهي. مون کي پنهنجي شاگردن جي چهرن ۾ مير صاحب جو چهرو نظر ايندو آهي. مون کي ائين لڳندو آهي تہ مير صاحب اڄ بہ اسڪول جي ڪاريڊورز ۾ چهل قدمي ڪري رهيو ۽ پنهنجي اولاد کي ڏسي رهيو آهي. مير صاحب کي ذاتي ڪو بہ اولاد نہ هو پر مير صاحب چوندو هو هن اسڪول ۾ پڙهندڙ هر شاگرد منهنجو اولاد آهي.

12 فيبروري تي هر سال مير صاحب جي ورسي ملهائي ويندي آهي ۽ ان جي تقريب مير صاحب جي قائم ڪيل اسڪول ۾ منعقد ڪئي ويندي آهي. ايندڙ سال مير صاحب جي هن شعور جي بنياد کي هڪ صدي مڪمل ٿي ويندي. منهنجي اها خواهش آهي تہ اهو سال پوري سنڌ ۾ تعليمي جاڳرتا جي سال طور ملهايو وڃي ۽ مير صاحب سان منسوب ڪيو وڃي. سڄي سنڌ ۾ مير صاحب جي نالي سان تعليمي ڪانفرنسون شروع ڪيون وڃن. سنڌ جي سمورين يونيورسٽين ۽ تعليمي ادارن ۾ تعليمي سيمينار منعقد ڪيا وڃن تہ جيئن اسان جو نوجوان نسل اهڙن عظيم ماڻهن جي شخصيت سان شناسا ٿئي ۽ اتساهہ وٺي، تعليم پرائي سماج ۾ مثبت ڪردار ادا ڪن. ان سان گڏوگڏ مير صاحب جي ساليانی سار هر باشعور ماڻهو کان اهو سوال بہ ڪري ٿو تہ توهان سماج جي ڀلائي لاءِ ڪيترو ڪم ڪيو آهي؟ جيڪڏهن ناهي ڪيو تہ ضرور ڪريو. ان سان ئي مير صاحب جي ڪيل خدمتن جو ڪجهہ حق ادا ٿي سگهي ٿو.

(هي ليک مير غلام محمد ٽالپر جي 12 فيبروري 2019 تي منعقد ٿيندڙ ورسي جي حوالي سان لکيو ويو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

